

سنڌ جي تاريخ
(سهيڙيل تاريخ وار)
فقير محمد سنڌي

# سنڌ جي تاريخ

(سهيڙيل تاريخ وار)

فقير محمد "سنڌي"

قلمڪار پبليڪيشن لاڙڪاڻو سنڌ
2013ع

**ڊجيٽل ايڊيشن:**

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# Book No. 15

حق ۽ واسطا ”قلمڪار پبليڪيشن“ وٽ


ڪتاب جو نالو : **سنڌ جي تاريخ**
(سهيڙيل تاريخ وار)

ليکڪ : **فقير محمد سنڌي**

پهريون ڇاپو : آڪٽوبر 2013ع

ڇپرائيندڙ : **قلمڪار پبليڪيشن لاڙڪاڻو**


ڪمپوزنگ : ڪاتب پريس، اسٽيشن روڊ لاڙڪاڻو

مُلهه: **350** روپيه

*Sindh Ji Tareekh*
By: ***Faqeer Muhammad Sindhi***
1st Edition: October 2013
Published by: Kalamkar Publication Larkana

استاڪسٽ
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو، پٺائي بڪ اسٽور - حيدرآباد، ڪانياواڙ اسٽور - ڪراچي، مهراڻ ڪتاب گهر - سانگهڙ، رهبر ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو، ساگر بوڪ اسٽور - لاڙڪاڻو، نوراني بوڪ اسٽور - لاڙڪاڻو، مهراڻ ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو،
ڪنول ڪتاب گهر، نزد ابراهيم شاه محلو - قنبر.


Join us on whatsapp for daily newspaper and pdf books. #0344-3310224



## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”سنڌ جي تاريخ“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ليکڪ **فقير محمد سنڌيءَ** پاران سنڌ جي تاريخ ڪي ترتيب وار سهيڙي ڇپرايو آهي.

فقير محمد سنڌي هن ڪتاب ۾ مهيني جي هر تاريخ جي ترتيب سان سنڌ جي شخصيتن جي جنم ۽ ورسين جي سال ۽ خاص واقعن ڪي مختصر نموني 365 ڏينهن ۾ سهيڙيو آهي. ان قسم جي ڪتاب جي سخت ضرورت هئي. سندس هي ترتيب ۽ تحقيق جو ڪم تعريف لائق آهي. هاڻي بہ سنڌ سلامت فورم سندس تحقيق، ڊاڪٽر در محمد پناڻ جي ترتيب ۽ تحقيق سان گڏ مختلف ويب پيجز ڪي ملائي تاريخ جي دريءَ ۾ روزاني جي تاريخ وار نئين ترتيب سهيڙي پيش ڪري رهيو آهي.

هي ڪتاب **قلمڪار پبليڪيشن لاڙڪاڻو** پاران 2013ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون فقير محمد سنڌي صاحب جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائيءَ جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ


| | | |
|---|---|---|
| اداري پاران | ابو قاسم محمد هاشم | 7 |
| حق سلامت سنڌ سلامت. | فقير محمد سنڌي | 8 |
| هيءُ دؤر معلوماتي دؤر سڏجي ٿو. | ڪوثر ٻرڙو | 10 |
| علم انسان جو تحت الشعور آهي. | جي. ايم رئيساڻي | 11 |
| جنوري | | 13 |
| فيبروري | | 27 |
| مارچ | | 36 |
| اپريل | | 47 |
| مئي | | 57 |
| جون | | 64 |
| جولاءِ | | 71 |
| آگسٽ | | 80 |
| سيپٽمبر | | 88 |
| آڪٽوبر | | 97 |
| نومبر | | 104 |
| ڊسمبر | | 112 |

## اداري پاران

قلمڪار پبليڪيشن جا ڇپايل ڪتاب اهلِ نظر ۽ ارباب علم جي نگاهن مان گذري چڪا آهن، جن ۾ انفراديت کي هر ڪنهن خاص محسوس ڪيو آهي، جو نہ باطني محاسن سان گڏوگڏ ڪتاب جون ظاهري خوبيون ۽ دل آويزيون پڻ قابلِ ستائش رهيون آهن، انهيءَ اعتبار سان هي ڪتاب فقير محمد ”سنڌي“ جي انتخاب جو حسين ترين مجموعو آهي، جنهن ۾ تاريخي شخصيتن جي جنم تاريخ کي تاريخي وار ترتيب ڏيئي بهترين تمام مختصر ۽ معنادار تعارف پيش ڪيو آهي.
اداري پاران معياري مواد پيش ڪرڻ جو مصمم ارادو محفوظ ڪيو آهي. پڙهندڙ حضرات ۾ هن گران قدر ڪتاب کي قدر جي نگاهہ سان ڏسڻ ۽ ان جي مطالعي مان مستفيد و مستفيض ٿيڻ جي پُرخلوص اميد آهي. پنهنجن راين سان آراستہ ڪندا.

**ابوالقاسم محمد ”هاشم“ رئيسائي**
قلمڪار پبليڪيشن لاڙڪاڻو

## حق سلامت _ سنڌ سلامت

ايترو پڙهه ايترو پڙهه جو ماڻهو توکي پڙهن،
ايـترو لک ايترو لک جو ماڻـهو توتي لکـن.

سنڌ جا سورما سنڌ جا قومي هيروز آهن جيڪي پنهنجي تاريخي حوالي سان سنڌ جي بقا خاطر وڙهندا رهيا آهن انسان جو تاريخ سان گهرو تعلق آهي، جيئن ۽ جيتري انسان ترقي ڪئي آهي تيئن تاريخ به اوسر طرف قدم رکيو آهي. انسان سائنسي بنيادن تي تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي ۽ ايئن ئي تاريخ به پنهنجا ورق سنواريا آهن، گذريل پنج هزار سالن جي تاريخ ۾ پنهنجي سونهن ۾ سوڀيا آهي، پر نئين تاريخ پنهنجي حسناڪيءَ جا جوهر ڏيکاريا آهن.

سنڌي ٻولي عظيم ادبي ٻولين مان هڪ آهي جنهن ۾ علم ڪائنات جي هر حصي کي موجوده دؤر ۾ الڳ ۽ آسان نموني سان عليحده لکي ڪري ان علم جي جُز ڪان ڪل تائين سهيڙ پيري انداز ۾ ڪئي آهي. ان ۾ سماجي، سائنسي علمن ۽ هنرن جو ذخيرو به تيار ڪرڻو هجي ته ٿاهي سگهجي ٿو.

انسان ذات کي هر دؤر ۾ پنهنجو خطو ۽ ان جو ڪلچر ۽ زبان جي آزادي ۽ ترقي عزيز آهي جيئن ڌرتي، زبان، ڪلچر ۽ رهڻي ڪهڻي متاثر نه ٿئي، جيڪڏهن اهي شيون متاثر ٿين ٿيون ته پوءِ ان کي ٻيو نالو غلامي ئي آهي، جيئن سنڌ ۾ 711ع تي عربن پنهنجو راڄ قائم ڪيو، عيسوي سال جي حوالي سان سنڌ تي اها پهرين ڪاهه هئي جنهن سنڌي قوم کي پنهنجي ماتحت رکيو ۽ 1843ع تي انگريزُ سنڌ تي قابض ٿيو، جيڪو تاريخ ۾ سنڌ ڌرتي تي آخري ڪاهه ڪنڌڙ لکيو وڃي ٿو. جنهن سنڌ ڌرتي کي پنهنجي مالِ غنيمت سمجهيو پر سنڌ درويشن جي ڌرتي آهي، ۽ درويش امن پسند هوندا آهن. هڪ فارسي شعر ٿو ياد اچي. (بادشاهن جي ستن ملڪن فتح ڪرڻ بعد به طمع جهڪي نٿي ٿئي ۽ وڌيڪ ڪوشش ڪري ٿو، ليڪن درويشن هڪ مانيءَ مان اڌ کائي اڌ ٻئي لاءِ بچائي ٿو) آنءُ فقط دستياب محدود سوانحي جنم تاريخ کي تاريخ وار ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيئن سنڌي ادب جي پڙهندڙ کي اجا وڌيڪ سهولت ميسر ٿئي.

آنءُ انهن دوستن جو ٿورائتو آهيان جن هن ڪتاب لاءِ تاثر لکي ڏنا جنهن ۾ محترم ڪوثر ٻرڙو، محترم جي ايم رئيساڻي ۽ بيڪ ٽائيٽل لاءِ محترم عزيز قاسماڻي جا ٿورا. انهن دوستن

جو بہ ٿورائتو آهيان جن ڪتاب شايع ڪرڻ لاءِ همتايو. جنهن ۾ سائين سرمد چانڊيو، محترم سعيد سومرو، محترم غلام مجتبيٰ گهانگهرو، محترم صفدر علي لغاري ۽ محترم بسمل آهن. آئون انهيءَ ڳالهه جو بہ اقراري آهيان تہ منهنجي هن مجموعي ۾ وڌيڪ تحقيق جي ڪافي گنجائش موجود آهي، تنهن هوندي بہ سنگِ بنياد رکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، آس آهي تہ همت افزائي ٿيندي!

**فقير محمد سنڌي**
علي مرتضيٰ جو گهر
جيلس بازار لاڙڪاڻو
03463390445
fmsindhi@yahoo.com

# هي دؤر معلوماتي دؤر سڏجي ٿو

اڄ ڪلهه جو دؤر معلومات ۽ باخبر رهڻ جو دؤر آهي. هر باشعور فرد ٻين ماڻهن، پنهنجن علائقن، ملڪ توڙي پرڏيهه جي نت نين خبرن ۽ حالتن ۽ حقيقتن کان باخبر رهڻ جو خواهان رهي ٿو. اهڙي دؤر ۾ معلوماتي ڪالم توڙي ڪتاب وڏي اهميت رکن ٿا.

اسان جو دوست فقير محمد سنڌي، جنهن جو هي ڪارائتو ڪتاب هن وقت اوهان جي هٿن ۾ آهي اهو دوست مسلسل ان محنت ۽ سهيڙ ۾ رڌل رهندو آهي، سندس محنت ۽ خوبصورت ترتيب ۽ جاکوڙ جو ثمر هن ڪتاب جي صورت ۾ ظاهر ٿيو آهي.

مون سان ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي تي فقير محمد سنڌي جڏهن به ملندو هو، اسان هڪ ٻئي کان ساڳيو ئي سوال پڇندا هئاسي. مان ڪانئوس ٻڌندو هوس ته فقير محمد اڄ ڪلهه ڪهڙي ڪم ۾ رڌل آهي ۽ هو مون کان پڇندو هو ته توهان اڄ ڪلهه ڇا پيا لکو. اهو سوال مان ڪانئس صرف ان لاءِ ڪندو رهندو هوس جو مونکي اها پڪ هوندي هئي ته فقير محمد سنڌي واندو ويهي ئي ڪونه ٿو سگهي.

مون کي اهو ٻڌي ڏاڍو افسوس ٿيندو آهي جڏهن ڪجهه اديب ۽ شاعر اهو چوندا آهن ته ”بابا سهيڙ يا ترتيب ڪو وڏو يا اهم ڪم ڪونهي“ اهڙن ليکڪن شايد سهيڙ يا ترتيب جو ڪم ڪڏهن ڪيو ئي ڪونه هوندو نه ته ان کي ضرور اهو اندازو ٿي وڃي ته اهو ڪم ڪيڏو ڏکيو، محنت طلب ۽ اهم ڪم آهي. اهڙن ڪتابن کي محنت ڪري فقير محمد سنڌيءَ جهڙي جاکوڙي نوجوان جو مرتب ڪيل هي ڪتاب ”سنڌ جي تاريخ“ تمام گهڻي جاکوڙ کان پوءِ اسان جي هٿن تائين پهتو آهي جنهن لاءِ فقير محمد سنڌي ڪيرون لهڻي ٿو. هن ڪتاب مان اسان کي سوين هزارين شخصيتن جي جنم ۽ وفات جي ڏينهن جي باري ۾ معلومات ملي ٿي. هي ڪتاب عام پڙهندڙ ۽ عام معلومات سان دلچسپي رکندڙ ماڻهن لاءِ ته اهم آهي ئي پر خاص ڪري ميڊيا سان تعلق رکندڙ دوستن لاءِ نهايت ڪارائتو ڪتاب آهي.

مان فقير محمد سنڌيءَ جي انهن ڏکاين کان واقف آهيان جيڪي کيس هن ڪتاب کي ترتيب ڏيڻ وقت آيون هونديون، ڇو ته مون به خود اهڙا ڪيترائي ڪتاب ترتيب ڏنا آهن، هي سندس قلمي پورهيو نهايت واکاڻ جوڳو عمل آهي. مان کيس دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪندي دعا ٿو ڪيان ته الله تعاليٰ کيس وڏي عمر عطا ڪري جيئن هي نوجوان ان ئي جذبي سان سنڌي ادب جي خدمت ڪندو رهي ۽ اهڙا معلوماتي ڪتاب آڻيندو رهي.

**ڪوثر برڙو**
ڪنٽرولر پروگرام/ اسٽيشن ڊائريڪٽر
ريڊيو پاڪستان ڪراچي

# علم انسان جو تحت الشعور آهي

علم جو رتبو اعليٰ ترين رتبو آهي، انهيءَ مرتبي جو افضل و عميق ترين مظهر حضرت آدم عليه السلام آهي ۽ سندس اولاد تکوينيات جي سطح کان تحت الثريٰ جي معلومات کي تحت الشعور آڻڻ جي سعيي صريح ۽ ڪوشش و ڪاوش ڪندي، تمام تر اطلاعات و پيغامات کي الڳ علوم وفنون جو درجو عطا ڪيو آهي. هر علمي شعبو منفرد انسائيڪلو پيڊيا علمي خزانو آهي. اهڙن علمي خزانن مان سوانح عمري ٻه معلوماتي علمي خزانو آهي، جيڪو ڪتابن ۾ دلين جو دلپذير دفينو آهي، جنهن کي تاريخ وار ترتيب ڏنو ويو آهي، اهڙي ترتيب وار تاريخي اقتباسات، مزيد علمي اضافات لاءِ ملاحظ فرمايو:

(1) سنڌيءَ ۾ صرف ونحو (گرامر) تي پهرن ڪتاب 1850ع ۾ لکيو ويو.
(2) انگريزن 1851ع ۾ حڪم نامو جاري ڪيو تہ انگريز آفيسر لازمي طور تي سنڌي پڙهن.
(3) سنڌ ۾ سنڌي ٻولي 1852ع ۾ فارسيءَ جي جاءِ ورتي.
(4) سنڌي ٻوليءَ جي هاڻوڪي رسم الخط 1853ع کان آهي.
(5) سنڌيءَ ۾ پهريون درسي ڪتاب 1853ع ۾ لکيو ويو.
(6) سنڌيءَ ۾ پهريون قصو 1854ع سن ۾ ڇپيو.
(7) سنڌيءَ ۾ مضمون نويسيءَ جي شروعات 1860ع ۾ ٿي.
(8) سنڌيءَ ۾ قانون تي پهريون ڪتاب 1863ع ۾ لکيو ويو.
(9) سنڌيءَ ۾ پهريون ناول 1868ع ۾ ڇپيو.
(10) سنڌ جو پهريون نقشو 1870ع ۾ شايع ٿيو.
(11) ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ 1872ع ۾ سنڌي گرامر لکيو.
(12) سيمور 1884ع ۾ سنڌي گرامر لکيو.
(13) ديوان نارائڻ جڳن ناٿ وسناڻي 1892ع ۾ سنڌي گرامر لکيو.
(14) ديوان ڏيارام وسومل مير چنداڻي 1904ع ۾ سنڌي گرامر لکيو.
(15) سنڌيءَ ۾ آتم ڪهاڻي جي شروعات 1946ع کان ٿي آهي.

انهيءَ طرز عمل تي پهريون پيرو فقير محمد سنڌي عمل پيرا آهي. اڇو تہ "پهريون" هجڻ جي شرف حاصل ڪندڙ عامل و حامل کي شامل ڪريون، انهيءَ لاءِ اقتباسات جي معلومات پيش نظر رکجي ٿي:

(1) سنڌي ادب جو پهريون دور سومرن جو دور کان آهي.
(2) سنڌي نثر جو پهريون قصو سسئي پنهون آهي.
(3) سنڌي نظم جو پهريون شاعر قاضي قاضن آهي.
(4) سنڌيءَ ۾ ترائيل جو پهريون شاعر نارائڻ شيام آهي.
(5) سنڌيءَ ۾ غزل تي پهريون ڪتاب آخوند گل محمد جو آهي.
(6) سنڌيءَ جي پهرين درسي ڪتاب "سنڌي ٻاراڻو" ڪتاب آهي.
(7) سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون درسي ڪتاب ننديرام مير چنداڻي لکيو.
(8) سنڌيءَ ۾ پهريون صاحب ديوان شاعر آخوند گل محمد هو.
(9) سنڌيءَ ۾ لکيل پهرين اصلي آتم ڪهاڻي "سائو پن ۽ ڪارو پن" آهي.
(10) سنڌ ۾ باقاعده تعليمي ادارا سڀ کان پهرين يونانين قائم ڪيا.
(11) شاهہ جي رسالي جو پهريون انگريزيءَ ۾ ترجمو ڊاڪٽر سورلي ڪري ڇپايو.

(12) سنڌ جي ذوالفقار علي ڀٽو کي برطانيه جي ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ بين الاقوامي قانون جو پهريون ايشيائي استاد مقرر ڪيو ويو.
(13) سومرن جي دور جو پهريون شاعر پير صدر الدين شاهه هو.
(14) سومرن جي دور ۾ پهرين شاعري گنان صنف ڪان شروع ٿي.
(15) جديد سنڌي گيت جو پهريون شاعر صوفي نيپراج آهي.
(16) ارغونن ۽ ترخانن جي دور جو پهريون سنڌي شاعر شاهه عنايت رضوي هو.
(17) لوڳ (لوڪ) گيت تي پهريون ڪتاب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکيو.
(18) شاعريءَ جي صنف "هجو گوئي" جو پهريون مؤجد سيد ثابت علي شاهه هو.
(19) شاعريءَ ۾ مدح جي صنف جو پهريون مؤجد جمن چارڻ هو.
(20) سنڌي مرثيي جو پهريون بنياد سيد ثابت علي شاهه رکيو.

انهيءَ اميد سان ته اڳين ڪتابن جيان هن ڪتاب کي به قدر جي نگاهه سان ڏسجو.

**جي. ايم "رئيساڻي" مدئجوي**

**عيدگاهه محلو مدئجي**

# ✵ جنوري ✵

- عيسوي سال جو پهريون مهينو جنوري آهي. هن مهيني تي اهو نالو رومين جي هڪ ديوتا "جينس" (JANUS) جي نالي تان رکيو ويو آهي جيڪو هڪ ئي وقت، اڳيان ۽ پويان ڏسي سگهندو هو، رومين جو خيال هو ته هن ديوتا وانگر هو به پنهنجي ماضي ۽ حال جو جائزو وني سگهن ٿا. جنهن سبب هنن هن مهيني جو نالو جنوري رکيو.
- پهرين جنوري 1925ع تي سنڌ جي قابل احترام شخصيت اسلامي سياست جو قائد مولانا جان محمد عباسي ڳوٺ ٻيڙو چانديو تعلقي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين جنوري 1921ع تي ادب دوست شخصيت عبدالغفور ولد عبدالجليل پرڳڙي ڳوٺ غلام نبي پرڳڙي ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1952ع تي سنڌو ماٿري جي قديم تهذيب رکندڙ سمات قبيلي ۾ عبدالستار ڏيرو ولد غلام حيدر ڏيرو والد جي نالي تي قائم ڳوٺ غلام حيدر ڏيرو تعلقي قنبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين جنوري 1954ع تي ٻوليءَ جو ماهر ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو ولد مراد علي ٻگهيو باڊهه تعلقي ڏوڪري ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1946ع تي اسٽيج فنڪار استاد قلندر بخش ڪلو ولد دوست محمد سيال لاڙڪاڻي شهر ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1969ع تي نئين ٿهيءَ جو ليکڪ ۽ اديب دين محمد ڪلهوڙو ولد محمد پناهه تعلقي قنبر جي ڳوٺ پاوند لاکا ۾ جائو.
- پهرين جنوري 1974ع تي قومپرست اڳواڻ ذوالفقار ڪولاچي لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر باڊهه پرسان سيهڙ اسٽيشن ڳوٺ ۾ الهڏني ڪولاچيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1949ع تي (فنڪار) استاد انور علي سانگي ولد اسد الله سانگي ڳوٺ سانگي تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين جنوري 1971ع تي نالي وارو راڳي الطاف سمون ولد ارباب علي سمون شهدادڪوٽ ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين جنوري 1915ع تي تاج بانو براهوئي ڳوٺ دين پور شريف تعلقي ۽ ضلعي شڪارپور ۾ علامه حاجي براهوئي دينپوري جي گهر ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1978ع تي ناليواري شاعر پياسي نظر چانديي جو جنم خيرپور ناٿن شاهه ضلعي دادو ۾ ٿيو.
- پهرين جنوري 1936ع تي نالي وارو شاعر گل حسن گل ٻرڙو، ولد محمد صالح ٻرڙو ڳوٺ بگودڙو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.

- پهرين جنوري 1957ع تي ڊاڪٽر قربان علي جهتيال ڦلجي ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ: شاعر، ڪالم نگار، لسنر ۽ ليکڪ اٿس.
- پهرين جنوري 1964ع تي شاعر احمد سلطان کوسو لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1960ع تي شاعر ۽ ريڊيو ڪمپيئر ڪامل امداد جتوئي، قادر بخش جتوئي جي گهر ڳوٺ ستار ڏنو سانگي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1932ع تي شاعر منير سولنگي جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1964ع تي قومي شاعر زاهد شيخ اصل نالو حاڪم علي ولد گل محمد شيخ جي گهر ڳوٺ شاهه لڏاڻي ضلعي خيرپور ميرس ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1943ع تي شاعر سالڪ سولنگي اصل نالو محمد بخش ولد رسول بخش سولنگي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1967ع تي شاعره ناياب سرڪش سنڌي سرڪش سنڌي جي گهر ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1983ع تي نوجوان شاعر خالد ساحل (خالد حسين) ڳوٺ مقيم ڏاهري ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1968ع تي شاعر علي حسن ولد عبدالقادر منگي ماٿيلو مومل جي ماڙي گهوٽڪي ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1978ع تي نوجوان شاعر وفا حاڪم وساڻ ولد مستي خان وساڻ ڳوٺ نواب وساڻ ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1978ع تي نوجوان شاعر ملهار سنڌي اصل نالو محمد چٽل ولد دودا خان بوزدار رتوديرو ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1935ع تي جدت پسند ادب جو ليکاري ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار لعل پشپ (لعل پکوان داس ريجواڻي) لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1937ع تي ماهر تعليم، شاعر حبيب الله صديقي ڳوٺ پاٽ ضلعو دادو ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1952ع تي صوفي بخش علي سهتو ڳوٺ لونگ خان سهتو ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڃاڻپ شاعر اٿس.
- پهرين جنوري 1972ع تي نوجوان شاعر ۽ ڪهاڻيڪار مختيار چني ڳڏيجي شهر ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1982ع تي نوجوان شاعر ۽ ريڊيو لسنر وفا وزير علي مگسي ولد محمد صلاح مگسي جي گهر پيپلز ڪالوني لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1964ع تي ادبي ڪيٽر ۾ شاعر طور ضمير سهتو داخل ٿيو. هن هنگورجه شهر جي ڏکڻ طرف ڳوٺ رڪراڻي ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1980ع تي منٺل تونيو هنگورجه شهر جي پرسان ڳوٺ علي مردان تونيو ۾ جنم ورتو سڃاڻپ شاعر اٿس.

- پهرين جنوري 1933ع تي عوامي شاعر گل حسن گوپانگ شاد ولد جمعہ خان گوپانگ ڳوٺ ڪرم خان گوپانگ تعلقي ميروخان ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1928ع تي شاعر سيد سردار علي شاهہ "ذاڪر" ولد جعفر شاهہ بخاري ڳوٺ ٻيرڙي تعلقي گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين جنوري 1933ع تي سنڌ جو ڪهنہ مشق شاعر شعبان بخت اصل نالو الله بخش ولد رسول بخش منگي جي ولادت ڪشمور ۾ ٿي.
- پهرين جنوري 1937ع تي عبدالحق ابڙو ولد محمد خان ابڙو حيدرآباد ۾ ڄائو ادبي خدمتون اسٽيج، ريڊيو، ٽيليويزن ۽ فلم جو تمام وڏو اداڪار، صداڪار، سنڌي علم ادب، ثقافت ۽ موسيقي جو ڄاڻو هو.
- پهرين جنوري 1950ع تي مقبول شاعر عبدالخالق عبد ڳوٺ شورڻ ضلعي ڪڇي ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين جنوري 1901ع تي قادر الڪلام شاعر ڪهنہ مشق ۽ انقلابي شاعر عبدالڪريم گدائي ولد جبار خان لاشاري ڳوٺ ڪريم آباد تعلقي ٺل ضلعي جيڪب آباد ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين جنوري 1969ع تي نامياري ڪهاڻيڪار رسول ميمڻ جو پورو نالو غلام رسول ولد محمد يعقوب ميمڻ سکر ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1930ع تي بلند پايہ اديب، عالم، محقق، مقرر ۽ ماهر لسانيات ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ولد غلام حسين ڳوٺ ماڙي لڳ شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1919ع تي اعليٰ پائي جو اديب، شاعر، محقق ۽ دانشور ڊاڪٽر عطا محمد حامي ولد قائم الدين خان سوهو ڳوٺ سوهو قناصره تعلقي خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين جنوري 1980ع تي نالي وارو شاعر علي محمد بيگ مرزا هن جهان کي الوداع ڪيو.
- پهرين جنوري 1940ع تي خوبصورت شاعر غلام نبي غازي ميمڻ ولد رحيم ڏنو ميمڻ شهر ميرپور برڙو تعلقي ٺل ضلعي جيڪب آباد ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين جنوري 1888ع تي اعليٰ درجي جو علماءُ، مفتي ۽ شاعر محمد قاسم ڳڙهي ياسيني ضلعي شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1935ع تي مشهور اديب، محقق ۽ تاريخدان محمد سومار شيخ ولد الله بچايو شيخ ڳوٺ شيخ قرهيو پانداري تعلقي بدين ۾ ڄائو.
- پهرين جنوري 1975ع تي بدين کي ضلعي جو درجو ڏنو ويو.
- پهرين جنوري 1965ع تي انور ابڙو ڳوٺ لالي جا پاڙ تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻو ۾ پيدا ٿيو. ادبي خدمتون- صحافت ۽ ڪهاڻيڪار اٿس.
- پهرين جنوري 1965ع تي ناليوارو اداڪار اسماعيل چانڊيو تعلقي ميهڙ جي ڳوٺ احمد خان چانڊيي ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين جنوري 1925ع تي شاهہ لطيف جي فڪر جو ڄاڻو ۽ مشهور ليکڪ پروفيسر اڪرم انصاري نوشهري فيروز ۾ ڄائو.
- پهرين جنوري 1974ع تي شاعر ڪهاڻيڪار ۽ ڪالم نگار محبت علي بلوچ اصل نالو محبت علي لنڊ دادو شهر جي چاٽي (شاهہ آباد) محلي ۾ پيدا ٿيو.

- پهرين جنوري 1950ع تي نامياري سياستدان عبدالسلام ولد حاجي گل محمد ٿهيم ڳوٺ طيب ٿهيم شهدادپور ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1957ع تي شاعر ۽ اديب حميد پارس جو اصل نالو حميد الحق قاضي ڳوٺ گاهي خان جلباڻي لڳ خانواهڻ، تعلقي ڪنڊياري، ضلعي نوشهري فيروز ۾ جنم ورتو.
- پهرين جنوري 1963ع تي موهن لعل پريمي ولد ڪنيا لعل جو جنم ڏوڪري شهر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. پي ايچ ڊي موضوع: سچل سرمست ڪي اردو شاعر (2004)
- پهرين جنوري 1978ع تي نوجوان ليکڪ خالد آزاد پورو نالو خالد حسين ولد حاجي جڙيو وگهيو آهي ڳوٺ مسو پرگڙي پرسان ڳوٺ جلال وگهيي، تعلقي حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 2 جنوري 1990ع تي محقق، ڏاهو، اديب پروفيسر ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو هميشه لاءِ جدا ٿي ويو.
- 2 جنوري 1937ع تي مشهور شاعر آثم ناٿن شاهي اصل نالو غلام رسول خيرپور ناٿن ضلعي دادو ۾ ڄائو.
- 2 جنوري 1925ع تي سماجي ورڪر اشرف عباسي بيگم ڊيءُ حڪيم سعيد خان ڳوٺ وليد لڳ لاڙڪاڻي ۾ ڄائي.
- 2 جنوري 1977ع تي سنڌي لوڪ ادب جو مشهور سگهڙ بيڙو فقير حيدر آباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.
- 2 جنوري 1968ع تي ليکڪ ۽ صحافي جاويد ڀٽي ٻئراج ڪالوني سکر ۾ پيدا ٿيو.
- 2 جنوري 1907ع تي حاجي خان محمد چنجڻي 76 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي.
- 2 جنوري 1948ع تي مشهور سنڌي اديب، مورخ ۽ سماجي اڳواڻ پروفيسر اعجاز قريشي ضلعي دادو جي بختيار پور ڳوٺ ۾ ڄائو.
- 2 جنوري 1912ع تي ناميارو عالم پير غلام رسول سرهندي ضلعي حيدرآباد جي شهر مٽياري ۾ ڄائو.
- 2 جنوري 2003ع تي نياز همايوني اصل نالو مشتاق احمد وفات ڪئي. ادبي سڃاڻپ، شاعر هئس.
- 2 جنوري 1937ع تي شاعر سروپ چندر "شاد" مٺي ضلعي ٿرپارڪر ۾ جنم ورتو.
- 2 جنوري 1970ع تي نوجوان شاعر ليکڪ ۽ ريڊيو ڪمپيئر عادل عباسي اصل نالو عبدالحق ولد محمد آچر مجاهد عباسي ڳوٺ لعلو رائنڪ تعلقي وارهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 3 جنوري 1937ع تي سنڌ جو قومي شاعر سرڪش سنڌي اصل نالو (عبدالمجيد چانڊيو) مولوي عبدالله چانڊيو جي گهر ڳوٺ ڪانڙي تعلقو خيرپور ناٿن شاهه ۾ اک کولي.
- 3 جنوري 1922ع تي نالي واري قلمڪار، شاعر، نقاد، صحافي ۽ ڪهاڻيڪار ڪيرت ٻاٻاڻي موريو لاکو، تعلقو سڪرنڊ ضلعي نوابشاهه ۾ جنم ورتو.
- 3 جنوري 1952ع تي پلوڙ شاعر ۽ ڪهاڻيڪار واجد اصل نالو شعبان علي منگي، لاڙڪاڻي شهر ۾ جنم ورتو.

- 3 جنوري 1940ع تي خوبصورت شاعر "جوش برڙو" اصل نالو نذير احمد ولد عبدالواسع برڙو قنبر تعلقي جي ڳوٺ گهڻهڙ ۾ پيدا ٿيو.
- 4 جنوري 1999ع تي سنڌ جو تمام سنو عالم حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي المعروف مولانا پير وارو وفات ڪري ويو آخري آرام گاهه پير شريف قنبر ۾ اٿس.
- 4 جنوري 1895ع تي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ڪندڙ حاجي محمود خادم والد جو نالو محمد بچل ذات جو قريشي تونيھ عرب جي ولادت تعلقي ميروخان ضلعي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ ٻني ۾ جنم ٿيس.
- 4 جنوري 1913ع تي خيرپور رياست جو والي مير فيض احمد (ثاني) ولد مير علي نواز خان ناز ٽالپر ڪوٽ ڏيجي ۾ جنم ورتو.
- 4 جنوري 1947ع تي مشهور صحافي انور سيال ڳوٺ حاجي ابراهيم شاهه (ويجهو ٻچيري ريلوي اسٽيشن) ۾ محمد بخش سيال جي گهر جنم ورتو.
- 4 جنوري 1973ع تي ناميارِي ليکڪ ۽ شاعر دليپ ڪوناري، مٺيءَ ۾ پهلاج مل ڪوناري لوهاڻي جي گهر ۾ جنم ورتو.
- 4 جنوري 1977ع تي نوجوان ائنٽراپالجسٽ ۽ محقق ذوالفقار علي ولد مير محمد ڪلهوڙو، وارهه تعلقي جي ڳوٺ آباد ڪلهوڙا ۾ ڄائو.
- 5 جنوري 1928ع تي پاڪستان پيپلز پارٽي جو باني ذوالفقار علي ڀٽو پيدا ٿيو. اباڻو ڳوٺ ڳڙهي خدابخش ڀٽو اٿس.
- 5 جنوري 1927ع تي شاعر پبلشر ۽ صحافي مقبول احمد ڀٽي ولد محمد موسيٰ راز ڀٽي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. تخلص دانش هئس.
- 5 جنوري 1939ع تي ريڊيو ۽ ٽي وي جي دنيا جي معروف شخصيت عبدالڪريم بلوچ ولد الله بچايو خان رند بلوچ ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن جي ڀرسان ڳوٺ محمد يوسف بلوچ ۾ پيدا ٿيو.
- 5 جنوري 1952ع تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو بهترين ڪمپيئر مير محمد لنجار ڳوٺ مانجهو تعلقي ڪوٽڙي ضلعي دادو ۾ جنم ورتو.
- 5 جنوري 1918ع تي سنڌ جي تاريخ ساز شخصيت ۽ قومي شاعر محمد خان مجيدي ولد قيصر خان جتوئي ڳوٺ شادمان جتوئي لڳ جهوڪ شريف تعلقي ميرپور بٺوري ضلعي ٺٽي ۾ جنم ورتو.
- 5 جنوري 1937ع تي اداڪار، هدايتڪار ۽ ليکڪ ميول نيوند رام آهوجا ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.
- 5 جنوري 1971ع تي نوجوان ٿهي جو اهم شاعر احمد سولنگي ولد رسول بخش سولنگي موري شهر ضلعي نوشهري فيروز ۾ ڄائو.
- 5 جنوري 1971ع تي ليکڪ ۽ محقق اشرف علي سمون ڳوٺ پيلوڙي سما تعلقي مٺي ضلعي ٿرپارڪر ۾ پيدا ٿيو.

- 5 جنوري 1934ع تي نامور ديني عالم، مولوي عبدالحميد ولد مولوي عبدالله چانڊيو، سيتا روڊ، ضلعي دادوءَ ۾ ڄائو.
- 5 جنوري 1981ع تي خالد زخمي چانڊيو ولد ڄام خان "زخمي چانڊيو" ڳوٺ جواب پور تعلقي ڳڙهي ياسين، ضلعي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڄاڻپ شاعر، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار ۽ ريڊيو پروڊيوسر اٿس.
- 6 جنوري 1935ع تي هيرو شيوڪاڻي ضلعي ٺٽي جي شهر چوهڙ جمالي ۾ جنم ورتو. ادبي سڄاڻپ ڪهاڻيڪار ۽ نقاد اٿس.
- 6 جنوري 1934ع تي نقاد ۽ محقق ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي خانواهڻ ضلعو نوشهرو فيروز ۾ جنم ورتو. پي ايچ ڊي جو موضوع: ساهتي جا قديم علمي مرڪز.
- 6 جنوري 1950ع تي نالي وارو شاعر راهي چنا اصل نالو محمد پريل ولد محمد چٽل چنا جوهي تعلقي دادو ۾ پيدا ٿيو.
- 6 جنوري 1997ع تي مهان ڪمپيئر، موسيقيءَ جو پارکو ۽ اديب ممتاز مرزا سڀ محفلون ميڙاڪا ڇڏي هميشہ لاءِ لاڏاڻو ڪيو.
- 7 جنوري 1988ع تي شاعر ۽ قومي ڪارڪن مولانا محمد عظيم شيدا لاڏاڻو ڪري ويو. مولانا عظيم شيدا 1870ع ۾ ڳوٺ گل ٻرڙو تعلقي وارهہ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو هو.
- 7 جنوري 1986ع تي سنڌ جو نقاد قربان علي ٻگٽي دل جي تڪليف ڪري لاڏاڻو ڪري ويو.
- 7 جنوري 1929ع تي سنڌ جو زميندار، راڳ جو پارکو ۽ ادب دوست شخص سيٺ وشنداس چلاڻو ڪيو.
- 7 جنوري 1930ع تي سنڌ ٻوليءَ جي غزل جي نامور شاعر ارجن حاسد اصل نالو ارجن جينا تنواڻي ڪنڊياري ضلعي نوشهري فيروز ۾ ڄائو.
- 7 جنوري 1953ع تي شاعره، ڪهاڻيڪاره ۽ محقق ڊاڪٽر تهمينہ مفتي نوابشاهہ شهر ۾ ڄائي. پي ايچ ڊي جو موضوع: سنڌي ڪهاڻيءَ جو سماجي ڪارج.
- 7 جنوري 1934ع تي سنڌي ٻوليءَ جو اهم ليکڪ پدم راجا شرما حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو.
- 7 جنوري 1959ع تي سنڌ جو مشهور سگهڙ محمد منل جهتيال ڳوٺ گاجي جهتيال، تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 7 جنوري 1916ع تي ناميارو استاد ۽ ڊراما هدايتڪار چٽل سرهيو، موري شهر ۾ پيدا ٿيو.
- 7 جنوري 1904ع تي شاعر عبدالله "خواب" حيدرآبادي ولد ميان علي بخش پٽي جنم ورتو.
- 7 جنوري 2007ع تي سنڌ جو نالي وارو، شاعر، صحافي ۽ مترجم، انور پيرزادي لاڏاڻو ڪيو.
- 8 جنوري 1953ع تي سنڌي غزل جو خوبصورت شاعر نواب گل محمد خان زيب مگسي وفات ڪئي.
- 8 جنوري 1934ع تي شاعر ۽ اديب محبوب سروري ڳوٺ جاڙو پنوهڙ لڳ هوسڙي تعلقي حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 8 جنوري 1937ع تي اديب شاعر، مترجم ۽ عالم دين محمد پريل بيدار مگريو ڳوٺ سنگدار تعلقي روهڙي ضلعي سکر ۾ جنم ورتو.

- 9 جنوري 1960ع تي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي واڌاري لاءِ جنگ جوٽيندڙ حاجي محمود خادم لاڏاڻو ڪري ويو لاڙڪاڻي ۾ رکيل آهي.
- 9 جنوري 1997ع تي شاعري، تاريخ ۽ جاگرافي جو ڄاڻو روشن علي تنيو وفات ڪئي.
- 9 جنوري 1958ع تي سرهندي پيرن جو نامور فرد غلام مجدد سرهندي وفات ڪئي.
- 10 جنوري 1979ع تي سنڌ جو مشهور گويو استاد اميد علي خان ولد استاد پيارو خان، هن فاني جهان کي الوداع چيو.
- 10 جنوري 1910ع تي بي باڪ صحافي با اصول پرست سياستدان ۽ زميندار غلام قادر شاهه لکياري ولد سيد غلام مصطفيٰ شاهه لکياري ڳوٺ ٻنڊي عطل شاهه تعلقي کنڊياري ضلعي نوشهروفيروز ۾ ڄائو.
- 10 جنوري 1989ع تي سنڌي ٻوليءَ جو سڄاڻ، سريلو شاعر نارائڻ شيام دهليءَ ۾ وفات ڪئي.
- 10 جنوري 1929ع تي صوفي فقير شاعر نبي بخش فقير لاڏاڻو ڪيو.
- 10 جنوري 2001ع تي يڪتاري ۽ چپڙيءَ جو بيتاب بادشاهه جلال چانڊيو سول اسپتال ڪراچي ۾ دم ڏٽي حوالي ڪيو.
- 10 جنوري 1907ع تي محمد رمضان آزاد اصل نالو محمد رمضان ولد ابوبڪر ميمڻ خيرپور ناٿن شاهه ۾ جنم ورتو ادبي سڄاڻپ، صحافي، ۽ مصنف اٿس.
- 10 جنوري 1976ع تي سنڌ جو درد رکندڙ ۽ سياسي اڳواڻ سسئي پليجو ولد غلام قادر پليجو جي گهر ننڍي ۾ جنم ورتو.
- 10 جنوري 2012ع تي پير پاڳارا، سيد شاهه مردان شاهه ثاني (ڇٽ ڌڻي) لنڊن جي اسپتال ۾ وفات ڪئي.
- 10 جنوري 1972ع تي نوجوان شاعر عبدالجبار "عاجز" منگي، ڇتو منگي ڳڙهي ياسين شڪارپور ۾ پيدا ٿيو.
- 11 جنوري 1944ع تي سنڌ جي عظيم دلير پٽ هيمون ڪالاڻيءَ کي سينٽرل جيل سکر ۾ ڦاهي ڏني وئي.
- 11 جنوري 1956ع تي پائو در محمد ٻرڙو قنبر شهر جي مشهور پاڙي نورشاهه ۾ خير محمد ٻرڙي جي گهر جنم ورتو ادبي سڃاڻپ، ڪهاڻيون، مضمون، ڪالم ۽ نثري نظم اٿس.
- 11 جنوري 1932ع تي مشهور بخاري سادات سيد خادم حسين شاهه ولد سيد نور حسين شاهه بخاري لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 11 جنوري 1879ع تي سر غلام حسين، هدايت الله شڪارپور ۾ ڄائو. خدمتون، ناميارو سياستدان، قانوندان ۽ بهترين منتظم هو.
- 11جنوري 1908ع تي مشهور شاعر ۽ سماجي خدمتگار هوندراج دکايل لاڙڪاڻي شهر ۾ ڄائو.
- 11 جنوري 1998ع تي سنڌ جو پلوڙ تاريخدان ۽ محقق دادا سنڌي لاڏاڻو ڪيو.

- 11 جنوري 2004ع تي سنڌ جو بيباڪ سياستدان رئيس عبدالحميد جتوئي ولد رئيس ڪريم بخش جتوئي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي.
- 11 جنوري 1954ع تي سنڌي ٻوليءَ جو ڪهاڻيڪار ۽ شاعر پون سنڌي پورو نالو پونداس پٽ جئرامداس لوهاڻو سنڌراڻيءَ ۽ ميرباگي خان جي شهر ٽنڊي باگي ۾ ڄائو.
- 11 جنوري 1993ع تي سنڌ جو نالي وارو شاعر مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ڪي تيز جهونڪي هميشه لاءِ ننڊ سماري ڇڏيو.
- 12 جنوري 1798ع تي ديني عالم حضرت ميان حامد الله عرف ميان حامد حضوري روشن علي ٽونيو جي گهر ۾ جنم ورتو.
- 12 جنوري 1954ع تي سنڌ جي مشهور سياستدان ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جسٽس ظفر حسين مرزا جي گهر حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 12 جنوري 1994ع تي نالي واري شاعر انور هالائي دم ڏڻيءَ حوالي ڪيو.
- 13 جنوري 1924ع تي مشهور سنڌي شاعر نثار بزمي جنم ورتو.
- 13 جنوري 1930ع تي سکر بئراج جو افتتاح ڪيو ويو.
- 13 جنوري 1871ع تي قادر الڪلام شاعر محمد حافظ شاهه پراڻي ٽکڙ ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 13 جنوري 1902ع تي ماهر ڊاڪٽر ۽ ادب دوست انسان ڊاڪٽر محمد سليمان قاضي موري شهر ۾ ڄائو.
- 13 جنوري 2003ع تي اديب ۽ مصنف ابن حيات پنهور وفات ڪئي.
- 13 جنوري 1958ع تي انساني حقن جو ڪارڪن، شاعر ۽ ڪهاڻيڪار پروفيسر بدر سومرو ڳوٺ ڳاڙهي موري تعلقي ۽ ضلعي خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو.
- 13 جنوري 1942ع تي نالي وارو اديب اظهر سولنگي اصل نالو محمد عرس ولد محمد عمر سولنگي ڳوٺ ميوي خان تعلقي ۽ ضلعي دادو ۾ جنم ورتو.
- 13 جنوري 1929ع تي گورڌن محبوباڻي پارتي پٽ آسومل محبوباڻي لوهاڻو تخلص هئس. پارتي جو جنم ڳوٺ آراضي تعلقو سيوهڻ ضلعي دادو ۾ ٿيو.
- 13 جنوري 1976ع تي نوجوان شاعر مور مغيري (غلام قنبر مغيري) قنبر ڪوٽ مغيري ۾ جنم ورتو.
- 14 جنوري 1978ع تي شاعر، ڊرامه نويس ۽ استاد پروفيسر الف ب ت ميروخاني لاڏاڻو ڪيو. اصل نالو الله بخش هئس.
- 15 جنوري 1958ع تي سنڌ جي مشهور اداڪاره شبيران چنا لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 14 جنوري 1955ع تي ليکڪ ۽ صحافي نور محمد پتو، ڳوٺ پير بخش پتو (ميرپور پتو) تعلقي رتيديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.
- 15 جنوري 1955ع تي شاعره مهر النساء لاڙڪ جنم ورتو.
- 15 جنوري 1902ع تي سنڌ جي سياسي تاريخ جو مشهور ناءُ قاضي فضل الله نوشهرو فيروز ۾ جنم ورتو.

- 15 جنوري 1985ع تي بشير خان قريشيءَ کي رتيديري مان گرفتار ڪيو. فوجي عدالت حيدرآباد ۾ مٿس ڪيس هلايو ويو. ۽ ٻن ڪيسن ۾ هڪ هڪ سال جو قيد ۽ ڦٽڪن جي سزا ٻڌائي وئي.
- 15 جنوري 1934ع تي سنڌ جو معروف قومي شاعر ابراهيم منشي اصل نالو محمد ابراهيم ولد محمد اسحاق سومرو ڳوٺ جنهاڻ سومري تعلقي ٽنڊي محمد خان ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 15 جنوري 1972ع تي شاعر، اديب ۽ صحافي الله بخش "سرشار" عقيلي وفات ڪئي.
- 15 جنوري 1913ع تي تراب بروهي لاڙڪاڻوي اصل نالو عبدالڪريم ولد مير شادي خان محمد زنئي مينگل ڳوٺ قلي تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ:- شاعر ۽ نثر نويس هئس.
- 15 جنوري 1885ع تي غريب جمع خان ولد ميان ستار ڏنو پيرزادو ڳوٺ دين خان لاڪير تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ ڄائو، پاڻ مشهور شاعر، صحافي ۽ حڪيم ٿي گذريو آهي.
- 15 جنوري 1930ع تي مشهور ڪافي گو شاعر ۽ مهان راڳي حسين بخش "خادم" سروري ولد پير بخش پينگر ڳوٺ آراضي تعلقي سيوهڻ ضلعي دادو ۾ ڄائو.
- 15 جنوري 1962ع تي مشهور صحافي ۽ شاعر اديب زوار نقوي ولد سيد ويڌل شاهه حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 15 جنوري 1970ع تي شاعر ۽ تنقيدنگار امداد جعفري ولد سيد غلام رسول شاهه ڳوٺ اڳري راهو، تعلقي هالا، ضلعي مٽياري ۾ ڄائو.
- 15 جنوري 1930ع تي سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو اديب لساني ماهر پروفيسر پريتم ورياڻي نصرپور حيدرآباد (هاڻي ضلعي مٽياري ۾ جنم ورتو).
- 15 جنوري 1963ع تي سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورت شاعره پشپا ولڀ، نامياري ليکڪ ولي رام ولڀ جي گهر مٺيءَ ۾ جنم ورتو.
- 15 جنوري 1873ع تي سنڌ جو صوفي بزرگ شاعر فقير قادر بخش "بيدل" روهڙي ۾ وفات ڪئي.
- 16 جنوري 1930ع تي سنڌ جي ضلعي دادو ۾ عوامي شاعر استاد بخاري جنم ورتو. جنهن جو ڇٽي جو نالو احمد شاهه بخاري آهي. والد جو نالو سيد حاجن شاهه هئس ڳوٺ غلام چانڊيو ۾ جنم ورتو.
- 16 جنوري 1956ع تي ڪافي جو خوبصورت شاعر نظر لاڪائي ولد غلام شبير ڪنير سوپو ديرو شهر ۾ پيدا ٿيو.
- 16 جنوري 1948ع تي اديب، شاعر ۽ ڪمپيئر ويناشرنگي شهداد ڪوٽ شهر ۾ جنم ورتو.
- 16 جنوري 1921ع تي سنڌ ڌرتي جو خوبصورت شاعر شيرل "بيوس" باڊاهي جو اصل نالو شيرل خان ولد حاجي محمد سومر نوناري هو. پاڻ شهر باڊهه تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.
- 16 جنوري 1918ع تي سدابهار اديب فقير محمد عاجز لاڏاڻو ڪيو.
- 16 جنوري 1935ع تي مشهور ڪافي گو شاعر منٺار فقير راڄڙ وفات ڪئي.

- 16 جنوري 1844ع تي آغا قادر داد پٺاڻ خيرپور رياست جو پهريون وزيراعظم هو جيڪو شڪارپور ۾ پيدا ٿيو.
- 17 جنوري 1904ع تي سائين جي ايم سيد ويهين صدي جو تمام وڏو ڪردار سندس ذڪر ڪان سواءِ هن دور جي تاريخ جو ڪوبہ باب مڪمل ٿي نہ سگهندو. غلام مرتضيٰ شاهہ والد ماجد سيد محمد شاهہ پنهنجي اباڻي ڳوٺ سن ضلعي دادو پيدا ٿيو.
- 17 جنوري 1983ع تي نوجوان ڪهاڻيڪار عبدالستار هليو ولد محمد مٺل ڳوٺ سومر هليو. قنبر علي خان ۾ پيدا ٿيو.
- 17 جنوري 1972ع تي سائين جي ايم سيد سنڌ جي قومي آزادي جو تصور ڏنو.
- 17 جنوري 1999ع تي بشير خان قريشي کي گرفتار ڪيو ويو.
- 17 جنوري 1962ع تي سنڌ جو سماجي ورڪر ۽ صحافي غلام قادر شاهہ ليکاري وفات ڪئي.
- 17 جنوري 1987ع تي هارين جي مقبول ليڊر، سنڌ جي اڏول انسان فاضل راهو گولاڙچي شهر ۾ قتل ٿيو. فاضل راهوجي جنم ڀومي راهوڪي ضلعو بدين آهي.
- 17 جنوري 1979ع تي نوجوان ٿهي جو شاعر اديب ۽ ريڊيو ڪمپيئر ياسر قاضي ولد مقصود گل قاضي رتيديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 17 جنوري 1906ع تي عوامي شاعر دادن فقير جويو تخلص "دادن" ولد ڏٽي بخش جويو ڳوٺ ميان داد چنجڻي تعلقي وارهہ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.
- 18 جنوري 1961ع تي عالم، اديب ۽ حڪيم مولوي محمد صادق راڻي پوريءَ هن فاني جهان کي الوداع چيو.
- 18 جنوري 1904ع تي قادر الڪلام شاعر ۽ مشاعرن جو مور عبدالله خواب ولد علي بخش پٽني حيدرآباد ۾ جائو.
- 18 جنوري 1956ع تي ريڊيو پاڪستان جو معروف انائوسر نور محمد خاصخيلي ولد يار محمد خاصخيلي نوابشاهہ شهر ۾ جائو.
- 18 جنوري 1949ع تي نامور ليکڪ ۽ محقق خليل مورياڻي جو پورو نالو خليل الرحمان ولد هدايت الله مورياڻي شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- 18 جنوري 2010ع تي ڪهاڻيڪار، سوانح نگار، ۽ شاعر غلام رباني آگرو وفات ڪئي.
- 18 جنوري 2011ع تي نوجوان شاعر مننار سولنگي لاڙڪاڻي ۾ وفات ڪئي آخري آرام گاهہ نئون ديرو ۾ اٿس.
- 18 جنوري 1968ع تي نوجوان شاعر ۽ ڪالم نگار فياض مسافر بروهي اصل نالو فياض احمد بروهي، ولد نور محمد بروهي جي گهر لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.
- 19 جنوري 1927ع تي شاعر ڪهاڻيڪار ۽ بيباڪ صحافي ڊاڪٽر اياز قادري ولد فقير غلام سرور محلہ ميان جي ڳڙهي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پي ايچ ڊي جو موضوع: سنڌي غزل جي اوسر.

- 19 جنوري 1973ع تي شاعر ۽ تحقيق نگار انور منصور مگريو ڳوٺ سنگرار روهڙي ضلعي سکر ۾ پيدا ٿيو.
- 19 جنوري 1935ع تي مشهور شاعر مبين پنائي جو اصل نالو عبدالمبين ولد محمد حسن جمالي بدين ضلعي جي پني ڳوٺ ۾ ڄائو.
- 19 جنوري 1936ع تي سهڻو شاعر محمد ابراهيم "راحم" صديقي ڳوٺ دودي سنهڙيءَ ۾ جنم ورتو.
- 20 جنوري 1930ع تي ليکڪ، نقاد، مترجم، ڪالم نگار ۽ ڪهاڻيڪار رسول بخش پليجو جنگشاهي ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو.
- 20 جنوري 1994ع تي بشير خان قريشي کي گرفتار ڪيو ويو.
- 20 جنوري 1977ع تي نوجوان ٿهي جو شاعر ملهار چانديو چنيءَ جو نانءُ غلام مصطفيٰ تعلقي قنبر جي ڳوٺ لشڪري چانديي ۾ حسين بخش چانديي جي گهر ۾ پيدا ٿيو.
- 20 جنوري 1957ع تي شاعر ۽ صحافي ڊاڪٽر مولا بخش "منظور ظفر" ولد محمد لائق ڪلهوڙو لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 20 جنوري 2005ع تي شاعر، حڪيم ۽ استاد محسن لاڙڪاڻوي اصل نالو محمد حسن "محسن" ولد فقير محمد چنا لاڙڪاڻي ۾ وفات ڪئي.
- 21 جنوري 1946ع تي سنڌ ۾ ٻي صوبائي اليڪشن ٿي.
- 21 جنوري 1974ع تي سيد علي انور شاهه راشد وفات ڪئي. آخري آرام گاهه، درگاهه شاد آباد ۾ اٿس.
- 21 جنوري 1958ع تي قوم پرست اڳواڻ قمر ڀٽي والد حاجي محمد سليمان ڳوٺ فيض محمد ڪوکر تعلقو وارهه ضلعو لاڙڪاڻي ۾ ڄائو.
- 21 جنوري 1907ع تي مشهور شاعر، اديب ۽ صحافي الهه بخش "سرشار" عقيلي ڪراچي ۾ جنم ورتو.
- 21 جنوري 1918ع تي شاعر ۽ نثر نويس حاجي امام بخش "خادم" بدوي وفات ڪئي آخري آرام گاهه شڪارپور ۾ اٿس.
- 21 جنوري 1991ع تي سنڌي صحافت جو روشن باب علي محمد شيخ وفات ڪئي.
- 21 جنوري 1943ع تي آزادي ۾ ويساهه رکندڙ سچو محب وطن هيمون ڪالاڻي کي اسرويل ڪيس سکر جي اسپيشل جيل ۾ ڦاهي ڏني ويئي.
- 21 جنوري 1926ع تي مشهور اسڪالر ۽ لوڪ ادب جو ڄاڻو اسماعيل شيخ حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 21 جنوري 1931ع تي ليکڪ، محقق ۽ سماجي اڳواڻ عبدالغفور الستيءَ شهر دڙي ضلعي ٺٽي ۾ جنم ورتو.
- 22 جنوري 1901ع تي جيوٽي ٻائي ڏيءَ ڦڪو گرگلو هندستان جي راجپوتانه علائقي جي پيلواڙ رياست ۾ ڄائي. پاڻ سنڌ جي مشهور ڳائڻي ٿي گذري آهي.
- 22 جنوري 2004ع تي علم ۽ ادب دوست نصرت حسين ابڙو لاڏاڻو ڪيو.

- 23 جنوري 1989ع تي جديد ادب جو سرپرست، پٺائي جو عاشق خانصاحب عبدالله چنا حيدرآباد ۾ انتقال ڪيو.
- 24 جنوري 1936ع تي موسيقيءَ جو قابل استاد، گائيڪ ۽ موسيقار استاد نياز حسين ولد محمد ابراهيم قريشي (ببو خان) ڪراچي ۾ جنم ورتو.
- 24 جنوري 1990ع تي جديد سنڌي موسيقي جو آواز استاد محمد جمن ڪراچي ۾ انتقال ڪيو.
- 24 جنوري 2000ع تي چانڊيا قبيلي جو سردار احمد سلطان چانڊيو لاڏاڻو ڪيو.
- 25 جنوري 1945ع تي سنڌ جو نالي وارو صحافي، شاعر، مترجم، محقق انور پيرزادو ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ تعلقي ڏوڪري ۾ اک کولي.
- 25 جنوري 1996ع تي حاجي غلام حسين ولد وڏيرو غلام عمر خان انڙ هن فاني جهان کي الوداع ڪيو.
- 25 جنوري 1966ع تي سريلو راڳي الھ ڏنو ولد علي محمد خاصخيلي شهر ميرپور بٺوري ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو.
- 25 جنوري 1885ع تي سنڌي ٻوليءَ جو بهترين نثر نويس لال چند امر ڏنو جڳتياڻي حيدرآباد سنڌ ۾ جنم ورتو.
- 25 جنوري 1959ع تي نوجوان ڪهاڻيڪار ۽ نثر نويس اڪبر سومرو ولد عبدالڪريم سومرو ٽنڊي الهيار ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 25 جنوري 2007ع تي ناميارو شاعر ۽ صحافي امير بخاري وفات ڪئي.
- 25 جنوري 1948ع تي شاعر الطاف اثيم جنم ورتو.
- 26 جنوري 1982ع تي چوٽيءَ جو ڪهاڻيڪار ماڻڪ/ منير سنڌي نوابشاھ ۾ آپگهات ڪري انت آندو.
- 26 جنوري 1965ع تي سياستدان ۽ علم ادب دوست آغا بدرالدين دُراني لاڏاڻو ڪيو.
- 27 جنوري 1970ع تي سنڌي ادب جو خادم ڊاڪٽر علي احمد قاضي دل جي دوري پوڻ سبب وفات ڪئي.
- 27 جنوري 1961ع تي شمس الطباءِ حڪيم سيد غلام مرتضيٰ شاھ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو.
- 27 جنوري 1928ع تي ڪافي گو شاعر جعفر علي جعفر پنهور ولد باقر علي پنهور ڏمراھ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 28 جنوري 1978ع تي سنڌ جو انقلابي شاعر عبدالڪريم گدائي راھ رباني وٺي ويو.
- 28 جنوري 1982ع تي حافظ خير محمد "اوحدي" وفات ڪئي.
- 28 جنوري 1929ع تي نامور اديب معمور يوسفاڻي اصل نالو محمد عمر ولد حاجي محمد يوسف پلي ڳوٺ حاجي پير محمد پلي ضلعي عمرڪوٽ ۾ جنم ورتو.
- 29 جنوري 1919ع تي جديد ادب جو شاعر ۽ اديب عبدالرزاق "راز" ولد منشي عبدالرؤف شيخ پراڻي سکر ۾ جنم ورتو.

- 29 جنوري 1950ع تي ناميارو محقق، شاعر ۽ نقاد جوهر بروهي اصل نالو عبدالقيوم بروهي ٽريچاڻي تعلقي پني عاقل، ضلعي سکر ۾ جنم ورتو.
- 29 جنوري 1929ع تي شاعر ڪمل ميوارام ڪيولراماڻي پياسي جيڪب آباد ۾ جنم ورتو.
- 30 جنوري 1996ع تي ملڪ جي وزيراعظم بينظير ڀٽو لاڙجي هڪ تاريخي ۽ پراڻي ننڊي ڪوٺڙيءَ ڪيٽي بندر جو پاور هائوس هٽڻ جي سنگ بنياد واري افتتاحي تقريب ۾ هڪ نئين دور ۾ اڳتي قدم وڌايو.
- 30 جنوري 1907ع تي مير حسن علي خان ٽالپر وفات ڪئي. وصيت مطابق سندس لاش ڪربلا معليٰ ۾ دفن ڪيو ويو پاڻ تمام سنو شاعر بہ هو.
- 30 جنوري 1962ع تي يار ويس ۽ درويش صفت نيڪ مرد مرزا علي حسين بيگ وفات ڪئي.
- 30 جنوري 1952ع تي سير سفر ۽ تحقيق ڪنڌڙ اشتياق انصاري لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 31 جنوري 1937ع تي سنڌ اسيمبليءَ جي پهرين اليڪشن ٿي جنهن ۾ ڪل 60 سيٽون مخصوص هيون.
- 31 جنوري 1893ع تي شهنشاهہ نڙائي شاهہ محمد نابينا ولد محمد رمضان بڪڪ تعلقي ميرپور بٺوري جي ڳوٺ دڙي لائق پور جي وچ ۾ ڳوٺ عيسيٰ بڪڪ ۾ ڄائو.
- 31 جنوري 1984ع تي عالم دين ۽ شاعر سيد نجي الله شاهہ راشدي گذاري ويو.
- 31 جنوري 1963ع تي امجد سراج ميمڻ حيدرآباد ۾ ڄائو. سڄاڻپ، ناول نگار، افسانہ نگار، لسانيات جو ماهر ۽ صحافي آهي.
- 31 جنوري 1961ع تي نئين ٿهي جو شاعر شاهہ محمد پيرزادو ڳوٺ ٻلهڙيجي لڳ (موهن جو دڙو) ۾ جنم ورتو.

## سائين جي. ايم سيد جي مختصر جيل ياترا

| | |
|---|---|
| پهرين نظر بندي | 19 نومبر 1939ع کان 09 جنوري 1940ع تائين |
| ٻي نظربندي | 18 جون 1948ع کان 18 آگسٽ 1948ع تائين |
| ٽين نظربندي | 03 نومبر 1954ع کان مئي 1955ع تائين |
| چوٿين نظربندي | 10 آڪٽوبر 1958ع کان مارچ 1966ع تائين |
| پنجين نظربندي | 23 جون 1967ع کان 26 جنوري 1969ع تائين |
| ڇهين نظربندي | 18 مئي 1971ع کان ڊسمبر 1971ع تائين |
| ستين نظربندي | آگسٽ 1972ع کان جنوري 1973ع تائين |
| اٺين نظربندي | 06 مئي 1973ع کان 02 جولاءِ 1978ع تائين |
| نائين نظربندي | 12 ڊسمبر 1978ع کان 17 آگسٽ 1988ع تائين |
| ڏهين نظربندي | 10 آڪٽوبر 1989ع کان 20 سيپٽمبر 1990ع تائين |
| يارهين نظربندي | 19 جنوري 1990ع کان 25 اپريل 1995ع (شهادت تائين) |

---

- الراشيد پبليڪيشن قنبر: پير تراب علي شاهه 1936ع ۾ قائم ٿي.
- ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي 1940ع تي شاهه عبدالطيف آف ڀٽ ڪتاب پڌرو ڪيو.
- 1968ع کان 1651ع تائين اورنگزيب سنڌ ۽ ملتان جو گورنر رهيو.
- اپريل 1658ع ۾ ٺئي اورنگزيب ۽ مراد بخش گڏجي شاهي فوج سان اجين وٽ ويڙهه ڪاڍي ۽ کين شڪست ڏني.

# ✵ فيبروري ✵

- عيسوي سال جو ٻيو مهينو فيبروري آهي. هن مهيني جو نالو ٻه هڪ رومي ديوتا “فيبرا” (FEBRUA) جي نالي تي رکيو ويو آهي. هي ديوتا مذهبي خوشي جي علامت هو. گهڻو وقت اڳ رائج روما ڪلينڊر ڏهن مهينن جو هوندو هو، پر پوءِ جو ليس سيزران ڪيلينڊر ۾ فيبروري جي مهيني جو اضافو ڪيو.
- پهرين فيبروري 1936ع تي سنڌ جو نالي وارو محقق، مترجم ۽ مضمون نگار عطا محمد ڀنڀرو ڳوٺ ٻچل ڀنڀرو ضلعي خيرپور ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين فيبروي 1984ع تي فراز عالم اصل نالو حبدار علي سولنگي ڳوٺ نهال خان سولنگي ۾ جنم ورتو ادبي سڃاڻپ شاعر اٿس.
- پهرين فيبروري 1740ع تي نادر شاهه سنڌ ۾ پهتو.
- پهرين فيبروري 1895ع تي تحريڪ پاڪستان جو ممتاز رهنماءَ محمد هاشم گذدر جيسلمير ۾ ڄائو.
- پهرين فيبروري 1997ع تي سنڌ جو مايه ناز فنڪار نور محمد لاشاري لاڏاڻو ڪيو.
- پهرين فيبروري 1877ع تي سنڌ جي بي مثال عوامي شاعر مولوي احمد ملاح تعلقي بدين جي هڪ ڳوٺ ڪنديءَ ۾ جنم ورتو.
- پهرين فيبروري 1942ع تي ناميارو استاد، شاعر ۽ نثر نگار الهورايو ٻهڻ ضلعي سانگهڙ جي تعلقي سنجهوري جي هڪ ڳوٺ گڙنگ ۾ ڄائو.
- پهرين فيبروري 1940ع تي سڪيلڊي ۽ لاڏلي فنڪاره ڀڳونتي ناواڻي ڪراچي ۾ جنم ورتو.
- پهرين فيبروري 1967ع تي سڄاڻ ليکڪ، صحافي ۽ هاءِ ڪورٽ جو وڪيل اندر جيت لوهاڻو ٽنڊي باگي ضلعي بدين ۾ ڄائو.
- پهرين فيبروري 1978ع تي نوجوان شاعر رحمت الله پيرزادو ولد مير محمد پيرزادو سڪرنڊ، ضلعي نوابشاهه (بينظرآباد) ۾ جنم ورتو.
- پهرين فيبروري 1975ع تي راڳي مريد علي ڄامڙو ڳوٺ گل ڄامڙي ۾ جنم ورتو.
- پهرين فيبروري 1978ع تي نوجوان صحافي رئوف چانڊيي جو پورو نالو عبدالرئوف ولد عبدالغفور چانڊيو، ڳوٺ پنهون خان چانڊيي، تعلقي ميروخان ضلعي قنبر شهدادڪوٽ ۾ جنم ورتو.
- پهرين فيبروري 1971ع تي اداڪار خير محمد ڏاهري ڳوٺ حاجي محمد وارث ڏاهري، تعلقي موري ۾ جنم ورتو.
- پهرين فيبروري 1980ع تي نوجوان ٿيءَ جو شاعر ياسين چانڊيو ولد خادم حسين چانڊيو تعلقي باقراڻيءَ جي ڳوٺ آنڊل خان چانڊيي ۾ پيدا ٿيو.

- پهرين فيبروري 1982ع تي صفدر علي مهيسر ولد حسن علي مهيسر جي گهر رفيق مهيسر ضلعي خيرپور ميرس ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ شاعر، ڪهاڻيڪار، ڪالم نگار ۽ ايڊيٽر اٿس.
- پهرين فيبروري 1961ع تي نوجوان شاعر گوهر سنڌي پورو علي گوهر سومرو رستم ضلعي شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- 2 فيبروري 1952ع تي ٽي وي ڊرامہ نويس ڪيهر شوڪت ولد غلام عباس ڪيهر دادو شهر ۾ جنم ورتو. اباڻو ڳوٺ آڳاٽي تعلقو لاڙڪاڻو اٿس.
- 2 فيبروري 1901ع تي علي اڪبر شاهه ولد سيد احمد شاهه ميهڙ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڃاڻپ. پاڻ اعليٰ پائي جو عالم دين، سماجي خدمتگار ٿي گذريو آهي.
- 2 فيبروري 1935ع تي لقمان ثاني، صاحب تقويٰ مفتي غلام عمر جتوئي راهه رباني وٺي مالڪي حقيقي سان مليو.
- 2 فيبروري 1988ع تي مشهور شاعر، اديب ۽ سماجي خدمتگار امرتراءِ ”سام“ جئسگهاڻي وفات ڪئي.
- 2 فيبروري 1914ع تي پروفيسر غلام حسين جلباڻي نوشهروفيروز جي جلباڻي ڳوٺ ۾ جنم ورتو.
- 2 فيبروري 1944ع تي مشهور استاد ۽ راڳي انور الدين جتوئي ولد حاجي محمد عثمان جتوئي ڳوٺ نوڙهاڻ تعلقي موري ۾ جنم ورتو.
- 2 فيبروري 1954ع تي شاعر مانيٽو اونو جنم ورتو.
- 2 فيبروري 1984ع تي نوجوان شاعر سميع سجاد اصل نالو عبدالسميع ولد سجاد ميراڻي تعلقو ڪنگري، ضلعو خيرپور ميرس ۾ جنم ورتو.
- 3 فيبروري 1962ع تي نقاد، اديب، ڪالم نويس انعام شيخ اصل نالو انعام الله ولد حاجي گل محمد شيخ ڪرما باغ محلي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 3 فيبروري 1930ع تي محمد حسين ”ڪاشف“ ولد حافظ محمد عمر ڪنيار چمبڙ تعلقي ٽنڊي الهيار ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڃاڻپ، اديب، شاعر، محقق، نقاد، مقاله نگار ۽ تعليمي ماهر اٿس.
- 3 فيبرروي 1962ع تي ليکڪ ۽ شاعر محمد علي پناڻ ولد حبيب الله پناڻ لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 4 فيبروري 1973ع تي نوجوان شاعر ۽ ڪهاڻيڪار مسيح مگسي قنبر لڳ ڳوٺ ڇڄڙا ۾ استاد محمد خان مگسي جي گهر ۾ جنم ورتو.
- 4 فيبروري 1977ع تي نوجوان شاعر عبدالله ”شجاع“ سنڌي لاهري محلي لاڙڪاڻي ۾ حڪيم محمد بخش تگڙ جي گهر ۾ جنم ورتو.
- 4 فيبروري 1964ع تي ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ ناٽڪ نويس اختر رند اصل نالو اختر علي رند ڳوٺ مير رند تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ جنم ورتو.
- 4 فيبروري 1968ع تي صحافي ۽ سماجي ورڪر بختيار چنا نوابشاهه ۾ جنم ورتو.

- 4 فيبروري 1940ع تي مشهور اقتصادي ماهر ۽ اديب علي اڪبر ڍڪڻ، ولد محمد رمضان ڍڪڻ ڳوٺ پنهور، تعلقي وارهه، ضلعي قنبر شهدادڪوٽ ۾ جنم ورتو.
- 4 فيبروري 1968ع تي نوجوان شاعر نالي منو مهيسر ڳوٺ گاهي مهيسر ضلعي دادو ۾ جنم ورتو.
- 4 فيبروري 1978ع تي نوجوان شاعر، ليکڪ ۽ پبلشر سعيد سومرو قنبر ۾ جنم ورتو.
- 5 فيبروري 1981ع تي ايم. آر. ڊي نالي سياسي اتحاد 70 ڪلفٽن ڪراچي ۾ اٺن سياسي پارٽين ۾ گڏيل اجلاس دوران عمل ۾ آيو.
- 5 فيبروري 1962ع تي ريڊيو ڪمپيئر، شاعر ۽ نثر نويس امر ساهڙ جو اصل نالو غلام قادر ولد محمد صديق ڳوٺ ٺاڏات ضلعي ٿرپارڪر ۾ ڄائو.
- 5 فيبروري 1937ع تي نالي وارو نثر نگار بيدار مورائي اصل نالو فتح الدين سومرو موري شهر ۾ جنم ورتو.
- 5 فيبروري 1977ع تي نوجوان شاعر اياز امر شيخ ڳوٺ گاهي خان شيخ تعلقي سجاول ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو.
- 5 فيبروري 1969ع تي نئين ٽهي جي شاعر عاشق چانڊيي جو اصل نالو احمد علي ولد محمد سليمان چانڊيو، ڳوٺ ايوب خان چانڊيي، تعلقي ڳڙهي ياسين، ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو.
- 5 فيبروري 2001ع تي سنڌ جي تعليمي ماهر ۽ ليکڪ بشير احمد قريشي وفات ڪئي.
- 6 فيبروري 1987ع تي نثار احمد کهڙو پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪئي.
- 6 فيبروري 1952ع تي تنوير جوڻيجو ڏيءُ صدر الدين جوڻيجو شهر مٺي ۾ پيدا ٿي. پاڻ مشهور ڪهاڻيڪاره ۽ اديب هئي.
- 6 فيبروري 1997ع تي علي محمد مجروح ولد خير محمد پنهور وفات ڪئي. پاڻ بهترين شاعر ۽ صحافي ٿي گذريو آهي.
- 7 فيبروري 1992ع تي سنڌ جو جدت پسند موسيقار استاد نياز حسين لاڏاڻو ڪيو.
- 7 فيبروري 1932ع تي پنهنجي وقت جو اهم شاعر آخوند عبدالقادر "بيدل" ولد محمد پناهه پٺو انتقال ڪيو.
- 7 فيبروري 1981ع تي سنڌ جو ڏاهو اديب محمد عثمان ڏيپلائي حيدرآباد، سنڌ ۾ وفات ڪئي. سندس مزار شاهه مکي (حيدرآباد ڪئنٽونمينٽ) واري مقام ۾ آهي.
- 7 فيبروري 1975ع تي سنڌ موويز جي پهرين پيشڪش بادل ۽ برسات فلم جيڪا پيار ڪهاڻيءَ تي منبي هئي.
- 8 فيبروري 1984ع تي نوجوان ڪهاڻيڪار الطاف امر پوسٽ آفيس محلي قنبر علي خان ۾ عبدالرحمان گوپانگ جي گهر ۾ جنم ورتو.
- 8 فيبروري 1984ع تي خاوند ڏنو لاڙڪ ولد محمد چٽل لاڙڪ تعلقي سوڀي ديري جي ننڍڙي ڳوٺ پونئي لاڙڪ ۾ اک کولي اديب سجاڳ، تحقيق ۽ شاعري اٿس.

- 8 فيبروري 1942ع تي برصغير جو ناميارو گويو استاد سينڌو خان وفات ڪئي. آخري آرام گاهه درگاهه محمد فقير ڪٺياڻ تي آهي. استاد سينڌو خان عظيم موسيقار سان گڏ فارسي، اردو ۽ سنڌيءَ جو بهترين شاعر هو.
- 8 فيبروري 1961ع تي دوست محمد لغاري ولد عبدالعزيز لغاري ڳوٺ مينهون لغاري تعلقي شهدادڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو سڄاڻپ، مقبول ڪمپيئر ۽ ليڪچرار آهي.
- 8 فيبروري 1935ع تي ڊاڪٽر اسحاق ابڙو ولد عبدالحڪيم ابڙو ڳوٺ امام بخش ٽيهي تعلقي ميهڙ ۾ ڄائو. ادبي خدمتون، فارسيءَ ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري. شاهه عنايت شهيد جي فڪري پوئلڳ روهڙي جي سادات خاندان ميرجان الله شاهه رضوي جي فارسي علام.
- 8 فيبروري 1948ع تي سنڌي ڪمپوزنگ جو باني عبدالماجد پرڳڙي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 9 فيبروري 1996ع تي سنڌ جو مايا ناز عالم اديب، ۽ محقق ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي گهر جي ڌاڪڻ تان ڪرڻ سبب زخمي ٿي پيو جنهن سبب 11 فيبروري 1996ع تي زخمن جا تاب نه سهندي ڪراچي ۾ وفات ڪئي. ڪيس لاڙڪاڻي ۾ شيخ زيد اسپتال لڳ قبرستان علي بحر ۾ دفنايو ويو.
- 9 فيبروري 1940ع تي ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ اديب نذير قاضي اصل نالو پروفيسر نذير احمد ولد محمد قاسم قاضي موري شهر ۾ پيدا ٿيو.
- 9 فيبروري 1896ع تي سنڌ جي تاريخي ۽ سماجي عورت بيگم نصرت حاجي عبدالله هارون عراق جي شهر ڪرمان ۾ پيدا ٿي.
- 10 فيبروري 1926ع تي اسدالله شاهه "فدا" هن فاني جهان کي الوداع ڪيو. ادبي سڃاڻپ. اديب، شاعر ۽ عالم هئس.
- 10 فيبروري 1908ع تي شيخ عبدالمجيد سنڌي حيدرآباد ۾ شيخ عبدالرحيم جي هٿان مسلمان ٿيو مسلمان ٿيڻ کان پهرين سندس نالو جيٺانند هو.
- 10 فيبروري 1968ع تي تحريڪ پاڪستان جو ممتاز رهنماء حاجي محمد هاشم گزدر وفات ڪئي.
- 10 فيبروري 1985ع تي مشهور شاعر، صحافي ۽ وڪيل هادي بخش لاڙڪ خيرپور ۾ وفات ڪئي.
- 10 فيبروري 2001ع تي سنڌ جو نالي وارو اديب ۽ ڪهاڻيڪار گوبند مالهي پارت ۾ ديهانت ڪئي.
- 10 فيبروري 1938ع تي شاعر، اديب ۽ قانوندان خادم حسين ابڙو ولد الهه ورايو ڳيريلي تعقلي ڏوڪريءَ ۾ پيدا ٿيو.
- 10 فيبروري 1952ع تي جاگرافيءَ جي ماهر، ليڪڪ ۽ استاد، محمد رفيق ڏناٽي ڪراچيءَ ۾ جنم ورتو.
- 10 فيبروري 1914ع تي سنڌ جو نامور شخص الاهي بخش خميساڻي خيرپور ۾ جنم ورتو.
- 10 فيبروري 1976ع تي نوجوان ڊرامه نگار، ڊائريڪٽر ۽ شاعر ايوب گل ولد نظام الدين جو جنم ڳوٺ محمد بچل راڄڙ، ضلعي سانگهڙ ۾ ٿيو.

- 10 فيبروري 1940ع تي شاعر گوپال حڪومتراءِ ٺڪر سيوهڻ ۾ جنم ورتو.
- 11 فيبروري 1975ع تي علم، ادب جي ديوي شري سرلا ديوي 60 سالن جي عمر ۾ ديهانت ڪئي.
- 11 فيبروري 1877ع تي ممتاز عالم دين، قادر الڪلام شاعر حاجي احمد ملاح ولد نانگو ملاح ڳوٺ ڪنڊي ديهه لوهڻ تعلقي بدين ۾ پيدا ٿيو.
- 11 فيبروري 1944ع تي ثميره زرين ڏي محمد اعظم جي گهر شڪارپور ۾ ڄائي. سنڌس گهرو نالو سڪينه هو. سنڌي افساني جي فن ۾ ڪيس خاتون اول جي لقب سان ياد ڪيو ويجي ٿو.
- 11 فيبروري 1947ع تي لاڪيٽي لطيف جو ناميارو پارکو ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪيو.
- 12 فيبروري 1988ع تي سنڌ جو ٽيگور ۽ خليل جبران سڏجهندڙ امرت راءِ سلم 85 ورهن ۾ ديهانت ڪئي.
- 12 فيبروري 1978ع تي نامور محقق رحيمداد خان مولائي شيدائي سکر ۾ وفات ڪئي جنم جو سال 1894ع اٿس.
- 12 فيبروري 1920ع تي اديب، عالم، حڪيم ۽ شاعر مير علي نواز علوي وفات ڪئي.
- 12 فيبروري 1933ع تي سنڌ جو سماجي خدمتگار مير غلام محمد خان ٽالپر وفات ڪئي.
- 13 فيبروري 2007ع تي شاعر الطاف عباسي الطاف نبي هن فاني جهان کي الوداع ڪيو.
- 14 فيبروري 1940ع تي ناميارو راڳي محمد يوسف ولد لؤنگ فقير مڱڻهار حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 14 فيبروري 1976ع تي شاعر، ليکڪ، ريڊيو ڪمپيئر ۽ مرتب حاجي حسين جلباڻي ڳوٺ نورنگ خان جلباڻي تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 14 فيبروري 1997ع تي سرسنگيت جو راڻو محمد يوسف سنڌي قوم کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو.
- 14 فيبروري 1936ع تي هاري ڪاميٽيءَ جو بيباڪ اڳواڻ ڪامريڊ مظفر جتوئي ولد ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي گهوٽڪي ۾ جنم ورتو.
- 15 فيبروري 1933ع تي ڊاڪٽر غلام قادر سومرو ڳوٺ ڏيٽا تعلقو ڪنڊيارو ضلعو نوشهروفيروز ۾ جنم ورتو. ادبي خدمتون پي ايڇ ڊي جو موضوع: سنڌي ادب ۾ طنز مزاح- ڪهاڻيڪار، مترجم، محقق ۽ نقاد آهي.
- 15 فيبروري 1966ع تي سنڌ جو مشهور قانوندان ۽ درويش انسان رحيم بخش شيخ وفات ڪئي. رحيم بخش شيخ جي جنم يومي شڪارپور آهي رحيم بخش جي پيدائش 1895ع ۾ ٿي.
- 15 فيبروري 1925ع تي علي محمد شيخ ولد محمد خان ڳوٺ موري منگر تعلقي حيدرآباد ۾ ڄائو. ادبي سڄاڻپ سنڌي صحافت جي آسمان جو روشن ستارو هو.
- 15 فيبروري 1935ع تي سنڌ جو عظيم رياضيدان ڊاڪٽر نورمحمد ٽالپر حيدرآباد ۾ ڄائو.

- 15 فيبروري 1930ع تي مشهور سنڌي گائڪ آزاد صوفي اصل نالو پي بي دريا ناٿي خيرپور ۾ ڄائو.
- 15 فيبروري 1938ع تي سنڌ جو نالي وارو محقق، تاريخدان ۽ آرڪيالاجسٽ سيد حاڪم علي شاهه بخاري ڳوٺ غلام چانڊيي دادو ۾ ڄائو.
- 15 فيبروري 1919ع تي نامور اديب، سماج سڌارڪ ۽ تعليم دان پروفيسر عبدالرحيم ولد الله بچايو ڏيٿو ڳوٺ ٻيلو تعلقي سجاول، ضلعي ٺٽي ۾ ڄائو.
- 15 فيبروري 1971ع تي نوجوان ٿيءَ جو خوبصورت شاعر، ڪوڙل قربدار جو چٽيءَ جو نالو ذوالفقار علي ولد جاڙو خان سمون ڳوٺ فيض محمد بجراڻي چانڊيي، تعلقي قنبر ۾ پيدا ٿيو.
- 15 فيبروري 1931ع تي شاعر ڀڳوانداس ڪيسومل دولتاڻي "هوش" ميرپور ماٿيلو ۾ جنم ورتو.
- 16 فيبروري 1934ع تي قومي شاعر ۽ صحافي پروانو ڀٽي اصل نالو (ميوو خان) ٽنڊو محمد خان ۾ جنم ورتو.
- 16 فيبروري 1981ع تي الطاف راجا اصل نالو الطاف حسين ذات چنو چنا ڳوٺ خيرپور ميرس ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ: شاعر، مضمون نگار، ڪهاڻيڪار، ترجمي نگار ۽ ايڊيٽر اٿس.
- 16 فيبروري 1997ع تي راهي چنا وفات ڪري ويو. کيس سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ڪالونيءَ جي قبرستان ۾ دفنايو ويو.
- 16 فيبروري 1988ع تي مشهور ڪهاڻيڪار ۽ شاعر رشيد ڀٽي لاڏاڻو ڪيو.
- 16 فيبروري 1948ع تي ڀارت جي مشهور ليکڪا وينا شرنگي ڏيءَ مهراج گوپي ڪرشن شهدادڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائي.
- 16 فيبروري 1916ع تي مشهور استاد ۽ تعليم دان غلام رضا ڀٽو هالا شهر ۾ پيدا ٿيو.
- 17 فيبروري 1965ع تي پارس عباسي سنڌ جي نالي واري شاعر تنوير عباسي جي نياڻي آهي. ادبي سڃاڻپ شاعره اٿس.
- 17 فيبروري 1843ع تي مياڻي وٽ انگريز ۽ ٽالپرن جي لشڪر ۾ خونريز جنگ لڳي.
- 17 فيبروري 1988ع تي اسڪائوٽنگ جي خدمت ڪندڙ رحم علي جعفري لاڏاڻو ڪري ويو.
- 17 فيبروري 1945ع تي ناميارو فنڪار، ٽيلي ويزن ۽ ڊرامه نگار محمود صديقي ولد مولوي احمد صديقي سکر ۾ ڄائو.
- 17 فيبروري 1976ع تي شاعر غمدل غني اصل نالو عبدالغني منگي، رستم شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- 18 فيبروري 1843ع تي چارلس نيپئر مير محمد نصير خان ۽ ٻين ميرن کي گرفتار ڪيو.
- 18 فيبروري 1936ع تي پير اصغر شاهه راشدي راهه رباني وٺي ويو سندس مزار پير ڳوٺ ۾ روضي شريف جي ٻاهران اتر طرف آهي.
- 18 فيبروري 1981ع تي جيمس آباد جو نالو تبديل ڪري ڪوٽ غلام محمد رکيو ويو.

- 18 فيبروري 1977ع تي زرعي ڪاليج ٽنڊو ڄام کي زرعي يونيورسٽي جو درجو مليو. سال 1928-29ع ڌاري ڪنگ جارج پنجين جي نالي سان سڪرنڊ ۾ هڪ زرعي ڪاليج قائم ڪيو ويو بعد ۾ انهيءَ ڪاليج کي 1954ع ۾ سڪرنڊ کان ٽنڊو ڄام منتقل ڪيو.
- 18 فيبروري 1967ع تي احمد علي "مجذوب" ڄام شورو اسپتال ۾ دم ڏنو حوالي ڪيو.
- 18 فيبروري 1931ع تي سنڌ ۽ هند جو ناميارو اديب ٺاڪر چاولا ڪراچي ۾ جنم ورتو.
- 18 فيبروري 1960ع تي سنڌ هاري ڪاميٽي جو صدر ڪامريڊ اظهر ولد مظهر علي جتوئي حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 18 فيبروري 1831ع تي سيد صبغت الله شاهه اول تجر ڏني (پهريون پير پاڳارو) وفات ڪئي. سيد صبغت الله شاهه اول جو جنم 1769ع ۾ ٿيو.
- 18 فيبروري 1981ع تي شاعر مانيٽو اونو وفات ڪئي.
- 19 فيبروري 1843ع تي ڪئپٽن پيلي قلعي ۾ رهندڙ بلوچ عملي کي آگاهه ڪيو ته سپاٽي انگريزي جهنڊو قلعي ۾ چاڙهيو ويندو.
- 19 فيبروري 1902ع تي سنڌ جو مشهور ناميارو ديني عالم مولانا عبدالله چانڊيو، ولد غلام حيدر چانڊيو، ڳوٺ ملان چانڊيي (جواب پور چانڊيي) ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو.
- 20 فيبروري 1843ع تي منجهد جو (2) وڳي ڪرنل پٽيل پياده فوج، گهوڙي سوارن بن توپن سان حيدرآباد جي قلعي ۾ داخل ٿيو ۽ قلعي جي مناري تي اچي ۽ ڳاڙهي رنگ جو ڇهن ستن پٽين وارو لڳل سنڌ جو نقشو لاهي اتي برطانيه جو جهنڊو ڦڙڪايو ويو.
- 20 فيبروري 1958ع تي موجوده دور جي تمام وڏي گلوڪاره عابده پروين ڏيءُ غلام حيدر جي گهر لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 20 فيبروري 1977ع تي نوجوان شاعر تنها سيف بخاري اصل نالو سيد سيف الله شاهه بخاري هالا ۾ جنم ورتو.
- 20 فيبروري 1931ع تي مشهور شاعر خير محمد سوز ولد خدا بخش برڙو تعلقي قنبر جي ڳوٺ ڇجڙا ۾ پيدا ٿيو.
- 20 فيبروري 1969ع تي جميل گاد ولد گل محمد گاد لاڙڪاڻي شهر ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڃاڻپ ڪالم نگار، ڪلچرل ريسرچ ورڪر ۽ قومي ڪارڪن آهي.
- 21 فيبروري 1938ع تي شاعر، نامور مصور ۽ آرٽسٽ رضوان عمراڻي ولد محمد شفيع عمراڻي جي گهر لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. لاڙڪاڻي ۾ مدر گيلريءَ جو باني آهي.
- 21 فيبروري 1985ع تي پير علي محمد اظهر ريلائي انتقال ڪيو. ادبي سڃاڻپ شاعر، نقاد ۽ اديب هو.
- 21 فيبروري 1969ع تي مشهور شاعر ۽ بلند پايه عالم دين مولانا حبيب الله ولد سعد الله اعواڻ جنم ورتو. مولانا حبيب الله شهدادڪوٽي سان مشهور هو.
- 21 فيبروري 1857ع تي قابل قدر شاعر، بي نظير نثر نويس ۽ صحافي شمس الدين بلبل ولد بهادر خان ذات ٽنيو ميهڙ ضلعي دادو ۾ ڄائو.

- 21 فيبروري 1981ع تي قادر الڪلام شاعر عبدالله خواب هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو.
- 22 فيبروري 1923ع تي مشهور غزل گوشاعر حافظ شاهه ناطق حسيني ولد سيد الله بخش شاهه ٽکڙ ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 22 فيبروري 1922ع تي مولانا محمد قاسم مشوري پنهنجي ڳوٺ مشهوري شريف ۾ مدرسو قاسميہ قائم ڪيو.
- 22 فيبروري 1978ع تي سنڌ جو ناميارو محقق، مورخ، اديب ۽ شاعر رحيم داد "مولائي شيدائي" وفات ڪئي مولائي شيدائي جي والد جو نالو شير محمد خان بروهي هو. مولائي شيدائي سکر ۾ 1894ع ۾ جنم ورتو.
- 22 فيبروري 1911ع تي مشهور شاعر محمد جمن هالو ٺٽي ۾ پيدا ٿيو.
- 22 فيبروري 1982ع تي سنڌ جو نالي وارو ليکڪ پارومل آمداڻي، سوڀهڙ چيلهار شهر، تعلقي ڇاڇڙي ۾ ڄائو.
- 23 فيبروري 1951ع تي نامياري قومي شاعر، غلام احمد نظامي ڪراچي ۾ وفات ڪئي.
- 24 فيبروري 1935ع تي نامور قانوندان ۽ سياستدان عبدالحفيظ ولد عبدالستار پيرزادو پراڻي سکر ۾ ڄائو.
- 25 فيبروري 2007ع تي نظر لاڪائي هن فاني ڏيهه کي ڇڏي مالڪ حقيقي سان مليو.
- 25 فيبروري 1941ع تي تعليمي ماهر، استاد ۽ محقق اي آر ملڪ مڪمل نالو پروفيسر ڊاڪٽر عبدالرحيم ملڪ گهوٽڪي ۾ ڄائو.
- 25 فيبروري 1885ع تي جديد سنڌي شاعريءَ کي نئون موڙ ڏيندڙ شاعر ڪشنچند بيوس لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 25 فيبروري 1952ع تي شاعر مير غلام رسول غريب ٽالپر ڳوٺ مير باغ علي خان ضلعي بدين ۾ ڄائو.
- 25 فيبروري 1942ع تي سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ابرار قاضي ولد سچي ڏنو قاضي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- 25 فيبروري 1965ع تي شاعر اعجاز منگي جو جنم ڏينهن آهي.
- 26 فيبروري 1976ع تي محقق ۽ اديب محمد حنيف صديقي لاڏاڻو ڪيو.
- 26 فيبروري 2003ع تي سنڌ جو بيباڪ سياسي اڳواڻ ۽ صحافي حمزو خان پليجو ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪيو.
- 27 فيبروري 1953ع تي سنڌ جو ناميارو مزاحيہ اداڪار رشيد چارڻ اصل نالو عبدالرشيد ولد شفيع محمد چارڻ دادو شهر ۾ جنم ورتو.
- 27 فيبروري 1928ع تي نالي وارو شاعر فقير جعفر علي پنهور ولد باقر علي ڏامراهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو.
- 27 فيبروري 1985ع تي سنڌ جو مزاحيہ فنڪار محمد فقير مسخرو سنڌ جي ماڻهن کان هميشہ لاءِ جدا ٿي ويو.

- 27 فيبروري 1973ع تي مولانا دين محمد اديب فيروز شاهي وفات ڪئي.
- 27 فيبروري 1971ع تي نوجوان ليکڪ ۽ سماجي ڪارڪن اياز مهيسر تعلقي ميهڙ جي ڳوٺ قاضي محمد عارف ۾ جنم ورتو.
- 27 فيبروري 1970ع تي نوجوان شاعر، ليکڪ ۽ ريڊيو ڪمپيئر رياضت ٻرڙو ولد شوڪت علي ٻرڙو قنبر علي خان ۾ جنم ورتو.
- 27 فيبروري 1932ع تي شاعر آس صابلداس ولسواڻي "مجبور" بنگل ديرو ۾ جنم ورتو.
- 28 فيبروري 1949ع تي عبدالحڪيم سومرو راڻي پور شهر ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڄاڻپ، شاعر اتس.
- 28 فيبروري 1949ع تي ٽي وي اداڪار صلاح الدين تونيو ولد محمد ابراهيم تونيو خيرپور جوسي پرسان ڳوٺ حاجي ڏتي بخش تونيو تعلقي قنبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 28 فيبروري 1965ع تي شاعر، اديب، صحافي ۽ سماج سڌارڪ زاهد ميراڻي اصل نالو زاهد حسين ولد قادر بخش ميراڻي ڏاڪ تلاءِ رتيديري ۾ جنم ورتو.
- 28 فيبروري 1931ع تي مضمون نگار ۽ صحافي ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو موهن جي دڙي جي ڳوٺ ڪاراڻي ۾ جنم ورتو. پي ايڇ ڊي جو موضوع: سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ (1988ع.)
- 29 فيبروري 1976ع تي پرنس ڪريم آغا خان "آغا خان ايوارڊ جاري ڪيو، جيڪو فن تعمير متعلق آهي. سندس مقصد آهي ته دنيا جون عظيم يادگار عمارتون جيڪي زبون ٿي رهيون آهن، تن جي حفاظت ڪئي وڃي.

---

الرحيم پبليڪيشن لاڙڪاڻو: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي ۽ ميمڻ غلام مصطفيٰ مشتاق 1978ع ۾ قائم ڪئي.

# ✵ مارچ ✵

- عيسوي سال جو ٽيون مهينو مارچ آهي. هن مهيني تي اهو نالو “مارس” (MARS) ديوتا جي نالي تي پيو. اهلِ روم مارس ديوتا کي جنگ جو ديوتا چوندا آهن. هي تمام خطرناڪ ديوتا هو ۽ هن جي شڪل تمام خوفناڪ هئي. روم وارن جو عقيدو هو ته ڪڪر، برسات، بجلي سڀ مارس ديوتا جي هٿ ۾ آهن.
- پهرين مارچ 1892ع تي شاعر ۽ نثر نويس مولا بخش مسڪين پٺو شڪارپور ۾ ڄائو.
- پهرين مارچ 1920ع تي مشهور عوامي شاعر ۽ راڳي مينهل فقير مهر ڳوٺ طيب ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو.
- پهرين مارچ 1979ع تي شاعر، اديب ۽ صحافي محمد خان غني وفات ڪئي.
- پهرين مارچ 1968ع تي ناميارو راڳي احمد مغل ولد حيات علي مغل پريالوءِ ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو.
- پهرين مارچ 1955ع تي استاد ۽ زرعي سائنسدان ڊاڪٽر شمس الدين تنيو ڳوٺ نوڙهي بجار، تعلقي قنبر ۾ ڄائو.
- پهرين مارچ 1969ع تي نوجوان ڪهاڻيڪار منظور جوکيو لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- پهرين مارچ 1981ع تي نوجوان شاعر ۽ ايڊيٽر مرتضيٰ لغاري پورو نالو غلام مرتضيٰ شهدادڪوٽ ۾ جنم ورتو.
- پهرين مارچ 1935ع تي گڊو بئراج سکر جو افتتاح ٿيو.
- پهرين مارچ 1977ع سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام جو بنياد پيو.
- پهرين مارچ 1956ع تي لسانيات، لغات، لطيفيات، جو ماهر آفتاب ابڙو، اصل نالو (عبدالله ابڙو) ڳوٺ گابرسڻ بادهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- پهرين مارچ 1955ع تي شاعريءَ سان زوڪ رکندڙ راز علي گل پٺو ڳوٺ درگاهه نواڙو شريف ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين مارچ 1897ع تي مشهور شاعر ۽ اديب احسن ڪربلائي اصل نالو مرزا گل حسن بيگ ولد مرزا دوست ٽنڊو آغا حيدر آباد ۾ ڄائو.
- پهرين مارچ 1899ع تي ٽلو مل ٽيڪ چند ڏيرواڻي دادو ضلعي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور/ سماجي ورڪر هو.
- پهرين مارچ 1927ع تي قومي سردار ۽ سماجي سڌارڪ ملڪ سڪندر خان، ولد ملڪ سردار خان ڳوٺ ٽاٽي بولان خان ضلعي دادو ۾ جنم ورتو.
- پهرين مارچ 1967ع تي علي محمد ڪاڪي پوٽو ولد بهادر خان ڪاڪي پوٽو وفات ڪئي. ادبي سڄاڻپ برصغير جو وڏو عالم محقق، اديب، ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.

- پهرين مارچ 1981ع تي صفي الله آءِ سومرو اصل نالو صفي الله سومرو ولد الاهي بخش سومرو ڳوٺ ڦلواهڻ تعلقي ۽ ضلعي خيرپور ميرس ۾ جنم ورتو. ادبي سڄاڻپ شاعر اسسٽنٽ ايڊيٽر اٿس.
- پهرين مارچ 1961ع تي توڙهي ڦاٽڪ واقعي جو اسير، ناميارو قانوندان سياسي اڳواڻ جهانگير راهوجو، وڳڻ شهر تعلقي وارهه ضلعي قنبر شهدادڪوٽ ۾ جنم ورتو.
- پهرين مارچ 1927ع تي شاعر مولوي نورالدين نور ولد خاوند ڏنو چانڊيو قنبر علي خان جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڏاتو جي واند ۾ جنم ورتو.
- پهرين مارچ 1932ع تي شاعر شيخ عبدالعليم جوش ولد شيخ عبدالله "عبد" جي گهر ۾ جنم ورتو.
- پهرين مارچ 1970ع تي نوجوان شاعر مارو جمالي اصل نالو سڪندر علي ولد فيروز خان جمالي جي گهر ۾ جنم ورتو.
- پهرين مارچ 1960ع تي نوجوان شاعر زيب ڪنگو اصل نالو اورنگزيب ولد قادر ڏنو ڪنگو ڳوٺ ڪنگا لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 2 مارچ 1888ع تي سياسي ليڊر سرشاهنواز ڀٽو ولد غلام مرتضيٰ خان ڀٽو ڳوٺ ڳڙهي خدابخش ڀٽو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 2 مارچ 1915ع تي سنڌي صحافت، ادب ۽ سياست جي قابل احترام شخصيت قاضي عبدالمجيد "عابد" سيوهڻ شريف ۾ پيدا ٿيو.
- 2 مارچ 1995ع تي سنڌ جو نالي وارو شاعر ۽ ڪهاڻيڪار واجد لاڏاڻو ڪيو.
- 2 مارچ 2000ع تي سنڌ جو يگانو ليکڪ، افسانہ نويس ۽ شاعر انيس انصاري وفات ڪئي. سندس آخري آرام گاهه لاڙڪاڻي ۾ آهي.
- 2 مارچ 1923ع تي جديد سنڌي شاعريءَ جو مهان ڪوي شيخ اياز، اصل نالو مبارڪ علي ولد غلام حسين شيخ سنڌ جي تاريخي شهر شڪارپور ۾ ڄائو.
- 2 مارچ 1944ع تي شاعر واسديو ونيسيمل سڌ ناٿي "موهي" ميرپورخاص ۾ جنم ورتو.
- 2 مارچ 1933ع تي شاعر محمد حسن، محسن عباسي جنم ورتو.
- 2 مارچ 1994ع تي سنڌ جي خوبصورت شاعر واجد "ناز" لاڏاڻو ڪيو.
- 3 مارچ 1939ع تي سنڌ جي نالي واري ليکڪ فتاح ملڪ شهر پنو عاقل ضلعي سکر ۾ جنم ورتو.
- 3 مارچ 1947ع تي مهتاب اڪبر راشدي اصل نالو بدرالنساءِ ولد محمد عيسيٰ چنہ نئوديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. ادبي خدمتون، محقق ليکڪ، استاد، ريڊيو آرٽسٽ، ٽي وي ڪمپيئر ۽ فن ثقافت علم ادب سان لڳاپيل آهي.
- 3 مارچ 1841ع تي مشهور عالمِ دين، صوفي بزرگ احمد يار خان مهر ولد عبدالغفار خان مهر ڳوٺ خان ڳڙهه ضلعي گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيو.
- 3 مارچ 1903ع تي بهترين شاعر ۽ اديب محمد خان غني ولد محمد دائود ميمڻ ڳوٺ ٽکڙ تعلقي ٽنڊي محمد خان ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو.

- 3 مارچ 1978ع تي نوجوان شاعر خاڪي جاني بدين ۾ جنم ورتو.
- 3 مارچ 1957ع تي نوجوان شاعر، ليکڪ ۽ ريڊيو ڪمپيئر عنايت ميمڻ اصل نالو عنايت الله ولد محمد يعقوب ميمڻ لاهوري محلي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 4 مارچ 1940ع تي مشهور اديب مختلف ٻولين جو ماهر ۽ شاعر داد محمد "خادم" بروهي جيڪب آباد ۾ ڄائو.
- 4 مارچ 1987ع تي نوجوان شاعر ۽ نثر نويس بسمل - اصل نالو منصور احمد چانڊيو ولد سرمد چانڊيو جي گهر قنبر ۾ جنم ورتو.
- 4 مارچ 1960ع تي علم ۽ ادب سان دلچسپي رکندڙ احمد خان شيدا ابڙو لاڏاڻو ڪيو.
- 4 مارچ 1960ع تي ليکڪ ۽ مترجم ڊاڪٽر اسحاق انصاري انيس انصاري جي گهر ۾ لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 4 مارچ 1998ع تي سنڌ جي برک ڪهاڻيڪاره ۽ نقاد خيرالنساءِ جعفريءَ وفات ڪئي.
- 5 مارچ 1913ع تي حاجن شاهه "هموطن" سيتائي ولد سيد فتح محمد شاهه ڳوٺ سيتا ضلعي دادو ۾ ڄائو. پاڻ سنو شاعر ۽ اديب ٿي گذريو.
- 5 مارچ 1942ع تي عبدالرحمان المعروف درگاهي ميراڻي ولد واحد بخش ميراڻي ميربحر ڳوٺ انباهه ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو، پاڻ مشهور ڪافي گو شاعر ٿي گذريو آهي. روهڙي شهر جو رهاڪو هو.
- 5 مارچ 1943ع تي چوٽيءَ جو ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس ماڻڪ/ منير ولد محمد ادريس ميمڻ نوشهرو فيروز ۾ ڄائو.
- 5 مارچ 1957ع تي زميندار ۽ سياستدان اعجاز جکراڻي جيڪب آباد ۾ جنم ورتو.
- 5 مارچ 1909ع تي سيد صبغت الله شاهه ثاني شهيد (پڳ ڌڻي) سورهيه بادشاهه ڇهون (پير پاڳارو) سنڌ جي تاريخ ۽ حُر تحريڪ جو عظيم اڳواڻ پير جي ڳوٺ ضلعي خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو.
- 5 مارچ 1963ع تي اديب، شاعر، سماجي سڌارڪ ۽ استاد اڳواڻ انتظار حسين چلگري ڳوٺ ڏيول ضلعي جيڪب آباد ۾ جنم ورتو.
- 5 مارچ 1944ع تي قومي شاعر راشد مورائي اصل نالو سيد راشد علي شاهه ولد سيد علي شاهه "خادم" ضلعي نوشهروفيروز ۾ پيدا ٿيو.
- 5 مارچ 2012ع تي سنڌ جو قومي شاعر سرڪش سنڌي لاڙڪاڻي ۾ لاڏاڻو ڪيو. آخري آرام گاهه لاڙڪاڻي جي علي بحر قبرستان ۾ اٿس.
- 5 مارچ 1977ع تي نوجوان ٺهيءَ جو شاعر عبدالحميد آس ٻبر جوهيءَ ۾ جنم ورتو.
- 5 مارچ 1930ع تي شاعر، حڪيم ۽ استاد محسن لاڙڪاڻوي، اصل نالو محمد حسن "محسن" ولد فقير محمد چنا ميرانپور ٻرڙو ۾ جنم ورتو.
- 5 مارچ 1978ع تي نوجوان شاعر ۽ صحافي ساجد سنڌي، محمد صادق جاگيراڻي جي گهر ڳوٺ سچي بخش جاگيراڻي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 6 مارچ 1959ع تي غزل گو شاعر اياز گل اصل نالو (اياز علي دل) سکر ۾ پيدا ٿيو.

- 6 مارچ 2007ع تي سيد ڪامل شاهه جهانيان هي فاني جهان ڇڏي وڃي مالڪ حقيقي سان مليا. سندن آخري آرام گاهه درگاهه مانڌم سوڀو ديرو جي ويجهو آهي.
- 6 مارچ 1952ع تي مشهور شاعر، اديب ۽ زرعي ماهر محمد امين ولد موليڏنو ڳوٺ موري منگر تعلقي ۽ ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 6 مارچ 1980ع تي آزاد انور ڪانڌڙو اصل نالو انور ڪانڌڙو ڳوٺ احمد خان ڪانڌڙي تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ، سڄاڻ صحافي، ليکڪ مضمون ۽ مقالا نگار آهي.
- 6 مارچ 1978ع تي نوجوان ليکڪ ۽ ترجمي نگار خالد وسير شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- 7 مارچ 1844ع تي عالم ۽ شاعر عبدالغفور مفتون همايوني ڳوٺ همايوني تعلقي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو.
- 7 مارچ 1998ع تي سنڌ جو مشهور ترقي پسند اديب، شاعر صحافي ۽ بيباڪ سياستدان ڪامريڊ برڪت علي آزاد وفات ڪئي.
- 7 مارچ 1950ع تي نالي وارو شاعر مير عبدالرسول مير گمبٽ، خيرپور ۾ جنم ورتو.
- 8 مارچ 1884ع تي شاهه لطيف جي بيتن جو شارح هوتچند مولچند گربخشاڻي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو.
- 8 مارچ 1914ع تي سنڌ جو ناليوارو چترڪار ع ق شيخ ڳوٺ گدڙو تعلقي ڇاڇڙي ضلعي ٿرپارڪر ۾ قادر بخش شيخ جي گهر اک کولي ع ق شيخ جو اصل نالو عبدالله شيخ هو.
- 8 مارچ 1979ع تي عورتن جو عالمي ڏينهن جي حوالي سان گڏيل قومن هڪ نوٽيس ورتو 20 ڊسمبر 1999ع تي جنرل اسيمبلي عورتن جي متيبد جي پڌرنامي تي صحيون ڪيون.
- 8 مارچ 1908ع تي قومي شاعر، بيباڪ صحافي محمود هالائي ولد حاجي محمد اسحاق ميمڻ نوان هالا ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو.
- 8 مارچ 1983ع تي جڳ مشهور الغوزي نواز خميسو خان لاڏاڻو ڪيو.
- 8 مارچ 1942ع تي سنڌ جو ناميارو شاعر ۽ قومي دانشور خاڪي جويو ڳوٺ ڪانيا تعلقي خيرپور ناٿن شاهه، ضلعي دادو ۾ ڄائو.
- 8 مارچ 1945ع تي هند سنڌ جو ناميارو اديب، ڪهاڻيڪار، اخبار نويس ۽ اداڪار ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي ضلعي نوشهري فيروز جي شهر ڪنڊياري ۾ ڄائو.
- 8 مارچ 1982ع تي نوجوان شاعر ۽ ليکڪ ستار سندر اصل نالو عبدالستار مري ڳوٺ واحد بخش مري، نوابشاهه ۾ جنم ورتو.
- 8 مارچ 1966ع تي شاعر ادل سولنگي ڳوٺ مهرابپور تعلقي ڏوڪري ۾ جنم ورتو.
- 9 مارچ 1942ع تي نالي وارو نقاد، ڪهاڻيڪار ممتاز مهر سکر ۾ جنم ورتو.
- 9 مارچ 1825ع تي مولانا ميان گل محمد ميکڻ جي ولادت ٿي.
- 9 مارچ 1939ع تي هفت زبان شاعر فقير هدايت نجفي تارڪ لاڏاڻو ڪري ويو. فقير هدايت نجفي 1896ع ۾ وارهه تعلقي ۾ پيدا ٿيو.
- 9 مارچ 1924ع تي سنڌ جو مخلص انسان رئيس غلام محمد ڀرڳڙي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي.

- 9 مارچ 1846ع تي بهترين شاعر ۽ مضمون نگار آخوند فقير محمد “عاجز” ولد آخوند محمد موسيٰ قريشي حيدرآباد جي شيراڻي محلي ۾ ڄائو.
- 10 مارچ 1935ع تي شاعر، مترجم ۽ ڪهاڻيڪار بشير مورياڻي شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- 10 مارچ 1940ع تي سنڌ جو نالي وارو ليکڪ شاعر، ڊراما نگار ۽ تنقيدنگار امداد حسيني (سانول) ٽکڙ وسئين ملوڪ شاهه ۾ جنم ورتو.
- 10 مارچ 1974ع تي شاعر ۽ اسٽيج ڊراما نگار رفيق وقار محمد قاسم کهڙو جي گهر نئين ديري ۾ جنم ورتو.
- 10 مارچ 1986ع تي موتين جهڙو انسان تاج محمد ابڙو 62 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.
- 10 مارچ 1995ع تي مشهور راڳي موهن ڀڳت وفات ڪئي.
- 10 مارچ 1938ع تي ذوالفقار راشدي ولد سيد محمد امام شاهه راشدي پير ڳوٺ (شاهه جو ڳوٺ) لڳ نئون ديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڃاڻپ معروف شاعر، اديب ۽ صحافي اٿس.
- 10 مارچ 1932ع تي زيب ڀٽي پورو نالو قادر بخش ڀٽي ٽنڊي محمد خان ۾ ڄائو. ادبي سڃاڻپ: اديب ۽ استاد اٿس.
- 10 مارچ 1945ع تي مشهور ليکڪ ڀڳوان اٺلاڻي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.
- 10 مارچ 1973ع تي مشهور صحافي ۽ پروڊيوسر نور جوکيو گاجي کهاوڙ ۾ جنم ورتو.
- 10 مارچ 1910ع تي (سهڻا سائين) خواجه الله بخش غفاري ولد حضرت محمد مٺل (پير مٺا سائين رح) جو جنم شهر خانواهڻ تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو.
- 10 مارچ 1957ع تي شاعر عادل سخيراڻي اصل نالو غلام رسول ولد فقير محمد خان سخيراڻي جو جنم ٿيو.
- 11 مارچ 1924ع تي تحريڪ آزادي جو سورهيه سچو سپاهي هيمون ڪالاڻي پٽ پيسومل ڪالاڻي سنڌس اصل نالو راهي هيمن هو، پر پيار مان ڪيس هيمون چوندا هئا، هيمون ڪالاڻي سکر ۾ ڄائو.
- 11 مارچ 1969ع تي نوجوان دانشور، ڪالم نگار ۽ نقاد جامي چانڊيو ڳوٺ ٺوڙهي بجار، تعلقي قنبر، ضلعي قنبر شهدادڪوٽ ۾ جنم ورتو. اصل نالو جاويد احمد چانڊيو اٿس.
- 11 مارچ 1948ع تي مشهور تعليمدان ۽ ليکڪ سيد ديدار حسين شاهه ديهه ڪلانڪوٽ، چاچڙڪي مڪان، ضلعي ٺٽي ۾ جنم ورتو.
- 12 مارچ 1948ع تي ڪراچي کي پاڪستان جي گاديءَ وارو هنڌ بنائڻ جو اعلان ڪيو ويو.
- 12 مارچ 1992ع تي سنو ڳاڻو ريڊيو آرٽسٽ حسين بخش خادم وفات ڪئي.
- 12 مارچ 1944ع تي سنڌي ٻوليءَ جو سگهارو ڪهاڻيڪار غلام نبي مغل حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو.
- 12 مارچ 1922ع تي سنڌي علم ادب جو روشن ستارو محبوب علي چنه سيوهڻ شريف ۾ جنم ورتو.

- 12 مارچ 1947ع تي نالي وارو شاعر عاجز اڄڻ جنم ورتو.
- 13 مارچ 1963ع تي سنڌي ٻوليءَ جو مزاحمتي شاعر حليم باغي اصل نالو عبدالحليم ولد محمد سومار ساند ڳوٺ روحل واءِ لڳ عمر ڪوٽ، ضلعي ميرپور خاص ۾ ڄائو.
- 14 مارچ 1900ع تي ڪميونسٽ انقلاب ۽ تاريخ جو نامور اڳواڻ ڪامريڊ جمال الدين بخاري ولد سيد زين العابدين بخاري ڀارت گجرات جي مشهور شهر احمد آباد ۾ جنم ورتو.
- 14 مارچ 1959ع تي اديب قوم پرست اڳواڻ ڊاڪٽر اديب انقلابي اصل نالو مظفر علي ولد علي حسن چانڊيو ڳوٺ گاهي خان چانڊيو تعلقو ميروخان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 14 مارچ 1953ع تي ناليوارو اديب ۽ ليڪ محمد خان زرداري ڳوٺ عالم خان زرداري تعلقي شهدادپور ضلعي سانگهڙ ۾ پيدا ٿيو.
- 14 مارچ 1937ع تي قادر الڪلام شاعر سرويچ سجاولي اصل نالو محمد صديق ولد خميسو خان تارڙ ڳوٺ ابراهيم تارڙ لڳ سجاول ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو.
- 14 مارچ 1987ع تي سنڌي ادب جو روشن باب پير علي محمد راشدي ڪراچي ۾ انتقال ڪيو.
- 14 مارچ 1954ع تي سنڌي ٻوليءَ جو صاحب فن شاعر قادر بخش "بشير" وفات ڪئي.
- 15 مارچ 1920ع تي مشهور سنڌي اخبار "الوحيد" جو پهريون پرچو شايع ٿيو.
- 15 مارچ 1953ع تي نذير ناز حيدرآباد ۾ پيدا ٿي ادبي سڃاڻپ شاعره ۽ ڪهاڻيڪاره اٿس. اصل نالو نذير ناز ٽيٻو اٿس.
- 15 مارچ 1941ع تي سنڌ جو نالي وارو ڪهاڻيڪار ۽ مترجم ولي رام ولڀ مٺي ضلعو ٿرپارڪر ۾ جنم ورتو.
- 15 مارچ 1995ع تي (شهيد ڀٽو گروپ) جو قيام عمل ۾ آيو. جنهن جو چيئرمين مير مرتضيٰ ڀٽو ٿيو.
- 15 مارچ 1922ع تي گيتن جو خوبصورت شاعر بردو سنڌي اصل نالو محمد رمضان ولد خدا ڏنو لاشاري بلوچ هو ڳوٺ ماڪن ڪوري تعلقي ميرپور ماٿيلي ضلعي گهوٽڪي ۾ ولادت ٿيس.
- 15 مارچ 1846ع تي مشهور صوفي بزرگ ۽ شاعر رکيل شاهه ولد ميان نور محمد شاهه ڳوٺ حليم شاهه تعلقي ميرپور (بلوچستان) ۾ ڄائو.
- 15 مارچ 1925ع تي قادر الڪلام شاعر سليم ڳاڙهوي جو اصل نالو الهه ورايو ولد حاجي الهڏنو مهر هو. پاڻ ڳوٺ ڳاڙهوي ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو.
- 15 مارچ 1930ع تي ڊاڪٽر غلام علي الانا ولد خواجه الله ڏنو ڳوٺ ٽڙ خواجه تعلقي جاتي ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڃاڻپ مشهور اديب، عالم، محقق، دانشور ۽ ماهر لسانيات هو.
- 15 مارچ 1961ع تي نثر نويس محمد صالح کهڙو ولد فضل محمد کهڙو ڳوٺ کهڙا تعلقي لکي ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو.
- 15 مارچ 1874ع تي جليل القدر ديني ۽ سماجي اڳواڻ محمد صادق (کڏي وارو) ولد مولانا عبدالله شيخ ڪراچي جي محلي کڏي ۾ جنم ورتو.

- 15 مارچ 1929ع تي سنڌ جو نالي وارو شاعر نشتر ناٿن شاهي اصل نالو غازي خان نشتر ولد بالو خان لغاري ڳوٺ ٻهاري تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ جنم ورتو.
- 15 مارچ 2001ع تي ماهر لسانيات ۽ لطيف سرڪار جو پارکو ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر چانڊڪا اسپتال لاڙڪاڻي ۾ لاڏاڻو ڪيو.
- 15 مارچ 1969ع تي استاد نظاماڻي اصل نالو محمد ابراهيم نظاماڻي سانگهڙ ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ ڪهاڻيڪار، محقق ۽ نثر نويس اٿس.
- 15 مارچ 1953ع تي نالي وارو چترڪار حفيظ الله ڪوهارو ڳوٺ سهڙا ڍورائي، تعلقي ڏوڪريءَ ۾ ڄائو.
- 15 مارچ 1846ع تي عالم ۽ شاعر مولوي الله بخش ابوجهو جنم ورتو.
- 15 مارچ 1942ع تي لڪشمڻ امرومل ڊُبي ڳوٺ شر خيرپور ۾ جنم ورتو. سڃاڻپ شاعر اٿس.
- 16 مارچ 1903ع تي مشهور شاعر، اديب ۽ صوفي منش انسان آغا عبدالنبي عليگ ولد آغا گل حسن خان پٺاڻ شڪارپور ۾ ڄائو.
- 16 مارچ 1846ع تي نامور صوفي شاعر ۽ بزرگ سيد رڪيل شاه ولد نور محمد شاه ڳوٺ حليم شاه، تعلقي ميرپور ۾ جنم ورتو.
- 16 مارچ 1996ع تي سنڌ جو سريلو فنڪار ڦوٽو زرداري وفات ڪئي ڦوٽي زرداري جي جنم يومي ضلعو سانگهڙ آهي پاڻ اٽڪل 1956ع تي پيدا ٿيو.
- 16 مارچ 1975ع تي سنڌي ٻوليءَ جي نوجوان شاعره ارم محبوب حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 16 مارچ 1909ع تي سنڌ جو مزاحيه شاعر امام الدين "ضامن" ميهڙ جي پرسان دبي ۾ جنم ورتو.
- 16 مارچ 1956ع تي شاعر نظر لاکائي ڳوٺ وڏالاکا ۾ جنم ورتو.
- 16 مارچ 1971ع تي نوجوان ڪهاڻيڪار ۽ ڪالم نگار عزيز قاسماڻي اصل نالو عبدالعزيز چانڊيو ولد سونو خان (سرمد چانڊيو) جي گهر ڳوٺ جمع خان چانڊيي تعلقي قبو سعيد خان، ضلعي قنبر شهدادڪوٽ ۾ جنم ورتو.
- 17 مارچ 1938ع تي اسلامي جدوجهد جي تاريخ جو امر انسان پير تراب علي شاهه راشدي لاڏاڻو ڪري ويو.
- 17 مارچ 1982ع تي سنڌ جو مشهور سيلاني فقير ۽ صوفي شاعر ولايت علي شاهه وصال ڪيو.
- 17 مارچ 1971ع تي نوجوان شاعر، ليکڪ ذوالفقار ڪورائي، سردار صاحب خان ڪورائي پنو عاقل ۾ جنم ورتو.
- 18 مارچ 1878ع تي مشهور عالم ۽ تحريڪ آزادي جو ڪارڪن عبدالرحيم شاهه سجاول نٽي ۾ پيدا ٿيو.

- 18 مارچ 1993ع تي ملڪ جو وزير اعظم محمد خان جوڻيجو آمريڪا ۾ وفات ڪئي. 20 مارچ تي سنڌڙي لڳ سندس ابائي قبرستان ڳوٺ دين محمد جوڻيجو ۾ گهرجي پرسان باغ ۾ دفنايو ويو.
- 18 مارچ 1962ع تي ڊراما نويس، ڪمپيئر ۽ شاعر جبار آزاد منگي نصيرآباد، ضلعي قنبر - شهدادڪوٽ ۾ جنم ورتو.
- 18 مارچ 1975ع تي اسحاق سميجو ضلعي دادو جي ڳوٺ فضل پور ۾ ڄائو، اديب سڄاڻپ، شاعر، صحافي، ڪمپيئر ۽ ٻارن جو ليکڪ آهي.
- 18 مارچ 1999ع تي روزاني تعمير سنڌ (اخبار) حيدرآباد مان قاضي شاهه محمد خريد ڪري جاري ڪئي.
- 19 مارچ 1885ع تي برصغير ۾ جديد شاعريءَ جو باني سرڳواسي ڪشن چند "بيوس" لاڙڪاڻي شهر جي مشهور حڪيم تير ٿداس ڪتري جي گهر ۾ جنم ورتو.
- 19 مارچ 1898ع تي ميران محمد شاهه (ٻيو) ولد سيد حاجي زين العابدين شاهه ٽکڙ ۾ جنم ورتو. ادبي خدمتون، معروف اديب، شاعر، سياسي اڳواڻ ۽ سماجي ورڪر هو.
- 19 مارچ 1933ع تي شاعر عبدالفتاح عبد ٻنورائي ميرپور ٻنورو ۾ جنم ورتو.
- 20 مارچ 1943ع تي پيرانِ پاڳاره سلسلي جي پير صبغت الله شاهه ثاني کي انگريزن موت جي سزا ڏني.
- 20 مارچ 1971ع تي مترجم ۽ ڪهاڻيڪار جهانگير عباسي ولد غلام مصطفيٰ عباسي ڳوٺ محراب پور ڪلهوڙو تعلقه باقراڻي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 20 مارچ 1979ع تي نوجوان شاعر مخمور بخاريءَ جنم ورتو.
- 21 مارچ 1936ع تي سنڌ جو معروف ۽ دلير ڪامورو امداد الله ولد وڏيرو عبدالڪريم انڙ درياهه سنڌ جي سڄي ڪناري تي آباد قديم سرسبز ۽ شاداب ڳوٺ نئون آباد تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 21 مارچ 1962ع تي خواجه محمد طاهر نقشبندي، عالم معروف سڄڻ سائين جو جنم درگاهه رحمت پور، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو.
- 21 مارچ 1897ع تي دين محمد اديب فيروز شاهي ڳوٺ فيروز شاهه تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ ڄائو. سڃاڻپ پاڻ بلند پايه عالم، نثر نويس ۽ شاعر هو.
- 21 مارچ 1942ع تي نامور اديب ۽ سماج سڌارڪ ڊاڪٽر درشهوار سيد، سنڌ جي قومي سياستدان جي ايم سيد جي گهر سن ضلعي ڄامشوري ۾ جنم ورتو.
- 22 مارچ 1844ع تي مولانا تاج محمد امروٽي ولد سيد القادر ڳوٺ ديواني لڳ ڳاڙهي موري ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. مولانا تاج محمد امروٽي پاڻ برک عالم، فاضل، شاعر ۽ تحريڪ آزادي جو اڳواڻ تي گذريو آهي.
- 22 مارچ 1999ع تي سنڌ موسيقيءَ جو روشن ستارو وحيد علي اسلام آباد ۾ وفات ڪئي. وحيد علي 1950ع ۾ ٽنڊي آدم شهر ۾ جنم ورتو.

- 22 مارچ 1918ع تي شاعر ۽ ليکڪ اِندر پوڄواڻي اصل نالو اندر ديو ڄيٺانند پوڄواڻي ڳوٺ ٻيلي تعلقي سڄاول ضلعي ڪراچيءَ (هاڻي ٺٽي) ۾ ڄائو.
- 22 مارچ 1954ع تي سڄاڻ شاعر بلبل ڪور واهي اصل نالو خان محمد جت آهي ڪورواهه ضلعي بدين ۾ جنم ورتو.
- 23 مارچ 1982ع تي ذوالفقار علي شيخ سوڀوديرو شهر ۾ پيدا ٿيو ادبي سڄاڻپ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون ۽ شاعري اٿس.
- 23 مارچ 1970ع تي شاعر، اديب، سياسي ۽ سماجي ڪارڪن صمد رضوي ساز لاڏاڻو ڪري ويو. آخري آرام گاهه لاڙڪاڻي ۾ ئي اٿس.
- 23 مارچ 1925ع تي مشهور نڙائي فنڪار مير محمد لنڊ ڳوٺ ڪيٽي مير نارو خان چڪ نمبر 3 تعلقي ڏيپلي ۾ پيدا ٿيو.
- 23 مارچ 1992ع تي مشهور صوفي راڳي ڊول فقير گڙدن جي تڪليف جي ڪري هن جهان کي الوداع ڪيو. ڊول فقير جو اصل نالو ڊولڻ ولد فقير محمد خاصخيلي هو.
- 23 مارچ 1963ع تي مشهور صوفي شاعر، نماڻو فقير ديهانت ڪئي سندس ارٽي سچل سائين جي پيرن ڪان آهي نماڻو فقير هڪ عورت جو نالو آهي. جنهن جو اصل نالو هاسي ٻائي يا رکي ٻائي هو. جيڪا شڪارپور جي هڪ هندو ڏوڏاراهه جي نياڻي هئي. سخي قبول محمد (ثاني) نماڻو فقير نالو رکيس، نماڻو فقير جي ولادت 1888ع تي ٿي.
- 23 مارچ 1878ع تي آچاريه آسودو مل گدواڻي، سنڌ جي انهن آڳاٽن ليکڪن مان هو، جن سنڌي نثر ۽ ڪهاڻيءَ کي نئون رنگ ڏنو آسودومل گدواڻي ڪراچي ۾ جنم ورتو.
- 23 مارچ 1959ع تي سنڌي ٻوليءَ جو شاعر آصف منياڻوي شهر منياڻي ۾ ڄائو.
- 23 مارچ 1912ع تي آغا بدرالدين دُراني ولد آغا شمس الدين ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو سڃاڻپ، مشهور سياستدان ۽ علم ادب دوست رهيو.
- 23 مارچ 1929ع تي مشهور براڊڪا سٽر سرور بلوچ دڙي محلي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 23 مارچ 1952ع تي ناميارو شاعر ۽ اديب قادر بخش "مخلص" ولد صحبت خان چانڊيو ڳوٺ گهنور خان چانڊيي تعلقي ساماري، ضلعي عمر ڪوٽ ۾ ڄائو.
- 25 مارچ 1977ع تي ڪرم حسين ڪلهوڙو ولد محمد معشوق ڪلهوڙو جي گهر ڳوٺ سيد سردار شاهه لڳ ٻيڙو چانڊيو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. ادبي خدمتون: استاد، سوشل ورڪر، مترجم ۽ شاعر.
- 25 مارچ 1957ع تي سنڌ جي مشهور ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامه نگار رحمت الله ماجوٺي چوهڙ جمالي ضلعي ٺٽي ۾ عبدالرحمان ماجوٺيءَ جي گهر جنم ورتو.
- 23 مارچ 1950ع تي شاعر احمد خان "آصف" مصراڻي جنم ورتو.
- 24 مارچ 1946ع تي ماهر لسانيات، محقق هدايت پريم رهڙي شهر ۾ جنم ورتو. اصل نالو هدايت الله آخوند هئس.
- 24 مارچ 1970ع تي ڊاڪٽر سيد عاشق علي جهانيان ڳوٺ قيصر خان شاهاڻي جي سيد هادي بخش شاهه جي گهر ۾ جنم ورتو. ادبي سڄاڻپ شاعر اٿس.

- 25 مارچ 1896ع تي شمس العلماءَ ڊاڪٽر عمر بن دائودپوٽو ٽلٽي ۾ پيدا ٿيو.
- 25 مارچ 1943ع تي سنڌي سرويچ هوش محمد شيدي مياڻيءَ جي ميدان جنگ ۾ شهيد ٿيو.
- 25 مارچ 1952ع تي سنڌ جو نالي وارو گويو استاد بيبو خان حيدرآباد ۾ وفات ڪري ويو. استاد بيبوخان 1904ع ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو.
- 25 مارچ 1955ع تي مشهور شاعر ۽ اديب مختيار گهمرو اصل نانءُ غلام عمر ولد الهه ڏنو گهمرو ڳوٺ ڪيٽي مير محمد گهمرو ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو.
- 25 مارچ 1952ع تي ماهر ڊاڪٽر، اديب، سماجي ۽ سياسي ڪارڪن ڊاڪٽر محبت ٻرڙو قنبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 25 مارچ 1916ع تي ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ ٻارن لاءِ لکندڙ جيناند پاونداس لعلواڻي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو.
- 26 مارچ 1974ع تي بيگم نصرت حاجي عبدالله هارون ڪراچي ۾ وفات ڪئي.
- 26 مارچ 1936ع تي سنڌي ٻوليءَ جي نامياري اديب، نقاد، مترجم، ناٽڪ نويس، شاعر ۽ ايڊيٽر لڇمڻ ڪومل "ڀاٽيا" ضلعي نوابشاهه (هاڻي نوشهري فيروز) جنم ورتو. جنم جو نالو لوڪومل هئس.
- 26 مارچ 1942ع تي ناميارو ديني عالم ۽ ماهوار شريعت جو ايڊيٽر مفتي عبدالوهاب چاچڙ ڳوڪنڊي چاچڙ تعلقي گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيو.
- 27 مارچ 1994ع تي شاهه لطيف جو شارح ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو اديب ڪلياڻ آڏواڻي ديهانت ڪئي.
- 27 مارچ 1999ع تي ڪهنه مشق شاعر مسڪين ملاڪاتيار انتقال ڪيو.
- 27 مارچ 1971ع تي ليکڪ ۽ صحافي توفيق علي منگي دادو ۾ جنم ورتو.
- 27 مارچ 1300ع تي قومي سورمو دودو سومرو ڌرتيءَ خاطر وڙهندي شهيد ٿيو سندس آخري آرام گاهه بدين ضلعي جي سرحد سان لڳ ڳوٺ روپا ماڙيءَ ۾ آهي.
- 27 مارچ 1962ع تي شاعر ۽ سياسي اڳواڻ جميل الزمان "جميل" جنم ورتو.
- 27 مارچ 1978ع تي نوجوان شاعره ساجده جبين (ساجد شاهه) ڳوٺ باجارا ضلعي دادو ۾ جنم ورتو.
- 28 مارچ 1964ع تي سنڌي ٻولي جو شاعر نصير احمد سومرو ولد الله بخش سومرو هنگورجه شهر ۾ جنم ورتو.
- 28 مارچ 1898ع تي مولانا محمد قاسم مشوري ولد حاجي محمد عثمان مشوري ڳوٺ مشوري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. مولانا مشوري جو تعلق بگٽي بلوچن جي مشهور قبيلي مشوري سان آهي.
- 28 مارچ 1990ع تي پاڪستان جي وڏي ديني شخصيت، عالم، مفتي دين اسلام جو خادم مولانا محمد قاسم مشوري هن فاني جهان کي الوداع ڪيو.
- 28 مارچ 1985ع تي ملهه پهلوان شير ميربحر انتقال ڪيو. سندس آخري آرام گاهه ڳوٺ پهلوان شير ميربحر تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهري فيروز ۾ آهي.

- 28 مارچ 1942ع تي ڊاڪٽر دُرشهوار سيد ولد سائين جي ايم سيد سن شهر ضلعي دادو ۾ پيدا ٿي. پي ايچ ڊي جو موضوع: دي پوئٽري آف شاهه عبداللطيف اٿس.
- 29 مارچ 1931ع تي گيتن ۽ ڪافين جو شاعر بلاول پرديسي هالا تعلقي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ کاٽوٺ ۾ جنم ورتو.
- 29 مارچ 1939ع تي هفت زبان شاعر ۽ صوفي بزرگ هدايت علي نجفي تارڪ وفات ڪئي.
- 29 مارچ 1911ع تي خير محمد "اوحدي" ولد محمد ابراهيم انصاري شڪارپور ۾ ڄائو ادبي سڃاڻپ مشهور اديب، شاعر، نقاد، صحافي ۽ تحريڪ آزاديءَ جو ڪارڪن ٿي گذريو آهي.
- 29 مارچ 1954ع تي سنڌي ٻاراڻي ادب جي ناليواري ليکڪ ۽ صحافي اسرار شاهه ٽنڊي ڄام ۾ پيدا ٿيو.
- 29 مارچ 1992ع تي نالي واري شاعر لقمان حڪيم ڪوڪر، ولد عبدالرحمان ڪوڪر هن فاني جهان کي الوداع چيو.
- 30 مارچ 1890ع تي معروف اديب ۽ سماجي ورڪر محمد صديق ميمڻ حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 30 مارچ 1978ع تي مير حسن علي خان ٽالپر هن فاني جهان کي الوداع ڪيو.
- 30 مارچ 1905ع تي نثر نويس الهه بخش، ٽري لڳ ٽنڊو غلام علي ضلعي حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 31 مارچ 1973ع تي قومي آزادي کي سائين جي ايم سيد باقاعدي هڪ نظريي ۽ پروگرام جي صورت ۾ پيش ڪيو. جنهن جا نظرياتي اصول هئا، قومپرستي، سوشلزم، سيڪيولرزم ۽ جمهوريت شامل رکيا.
- 31 مارچ 1968ع تي قادرالڪلام شاعر ۽ ڪهاڻيڪار فيض محمد "فيض" حيدري وفات ڪئي.

# ✵ اپريل ✵

- عيسوي سال جو چوٿون مهينو اپريل آهي. هن مهيني جي معنيٰ آهي "کولڻ وارو" هن مهيني ۾ جڙين ته بهار جي موسم ايندي آهي. ان ڪري هن جو نالو ڪنهن ديوتا ديوي جي بجاءِ بهار موسم تي رکيو ويو آهي.
- پهرين اپريل 1936ع تي مشهور ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامه نگار روشن علي تنيو لاڙڪاڻي جي ڳوٺ وڳڻ ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين اپريل 1918ع تي سنڌ جو ممتاز اسڪالر ۽ دانشور پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه ولد سيد غلام علي شاهه ڳوٺ قادر ڏنو شاهه تعلقي ميرپور بٺوري ضلعي ٺٽي ۾ جنم ورتو.
- پهرين اپريل 1930ع تي بلند پايه شاعر، اديب، مترجم ۽ حڪيم نياز همايوني اصل نالو مشتاق احمد ولد قائم الدين شڪارپور جي مشهور ڳوٺ همايون ۾ جنم ورتو.
- پهرين اپريل 1961ع تي شاعر ۽ نثر نويس انور فگار هڪڙو ولد محمد صديق هڪڙو شڪارپور ۾ ڄائو.
- پهرين اپريل 1879ع تي مشهور شاعر، اديب ۽ صحافي محمد صديق مسافر ولد گلاب خان قنبراڻي ٽنڊي باگي ضلعي بدين ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين اپريل 1960ع تي شاعر ۽ ڪهاڻيڪار اختر ٽانوري اصل نالو غلام عباس بوزدار وڏا ضلعي خيرپور ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين اپريل 1974ع تي نوجوان شاعر امر اقبال اصل نالو محمد اقبال ولد الهورايو چن ڳوٺ سوهو ڪناسرا تعلقي ڪوٽ ڏيجي ضلعي خيرپور ۾ جنم ورتو.
- پهرين اپريل 1971ع تي نوجوان شاعر ۽ ريڊيو ڪمپيئر خاور قبولائي اصل نالو محمد موسيٰ سرگاڻي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- پهرين اپريل 1963ع تي ڪاظم شاهه "ڪوثر بخاري" اصل نالو (ڪوثر بخاري) هنگورجه ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڃاڻپ شاعر اٿس.
- پهرين اپريل 1555ع تي مطابق 9 جمادالاول 962هه تي مرزا شاهه حسن ارغون آخري وفات ڪئي.
- پهرين اپريل 1943ع تي سماجي ورڪر قانوندان منير چانڊيو ولد ايم عثمان چانڊيو لاڙڪاڻي شهر جي دڙي محلي ۾ جنم ورتو.
- پهرين اپريل 1942ع تي ممتاز اديب، شاعر ۽ نقاد ڊاڪٽر بشير احمد "شاد" ولد آغا در محمد خان پناڻ شڪارپور شهر ۾ ڄائو.
- پهرين اپريل 1982ع تي سنڌ جو عظيم انسان پير حسام الدين راشدي وفات ڪئي. سندس وصيت مطابق سنڌ جي تاريخ قبرستان مڪلي (ٺٽو) ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي پيرانديءَ کان ڏکڻ پاسي سپرد خاڪ ڪيو ويو.

- پهرين اپريل 1978ع تي پروفيسر رام پنجواڻي چيٽي چنڊ جي ميلن ۾ ڳائيندي وڄائيندي دل جي تار ٽٽي پئي ۽ هميشہ هميشہ لاءِ خاموش ٿي ويو.
- پهرين اپريل 1975ع تي نوجوان شاعر وفا ٻرڙو (محمد بخش ٻرڙو) جيڪب آباد ۾ جنم ورتو.
- پهرين اپريل 1933ع تي سنڌي ٻوليءَ جو اهم شاعر نظر سنڌي اصل نالو امير بخش عالماڻي ڳوٺ جهان خان عالماڻي ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين اپريل 1947ع تي مضمون، مقالا، تحقيق ۽ تنقيد نگار بدرالدين اُجڻ شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- پهرين اپريل 1962ع تي رزاق سهتو، الهہ وسائي سهتي جي گهر ڳوٺ صوفاڻي تعلقي ٺري ميرواهہ ضلعي خيرپور ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ: سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو ڪهاڻيڪار، ڊرامہ نگار ۽ اديب آهي.
- پهرين اپريل 1973ع تي نوجوان شاعر اياز رضوي جو پورو نالو سيد اياز حسين شاهہ رضوي تعلقي جهڏي جي ڳوٺ عباس علي شاهہ ۾ جنم ورتو.
- پهرين اپريل 1950ع تي مشهور شاعر ارشاد ساگر جتوئي جهوڪ شريف لڳ تعلقي ميرپور بٺوري ضلعي ٺٽي ۾ ڄائو.
- پهرين اپريل 1963ع تي ليکڪ ۽ شاعر سميع ساجد جوڻيجو ڳوٺ نم شريف، تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- پهرين اپريل 1958ع تي شاعره عطيہ دائود لاڙڪ نوشهرو فيروز ۾ جنم ورتو.
- پهرين اپريل 1967ع تي نوجوان شاعر ياسر بوزدار اصل نالو شاهہ محمد ولد علي گلاب بوزدار، بوزدار وڏا، ضلعو خيرپور ميرس ۾ جنم ورتو.
- پهرين اپريل 1973ع تي شاعر ۽ صحافي قادر جاگيراڻي اصل نالو عبدالقادر جاگيراڻي، ولد پير محمد جاگيراڻي ڳوٺ ميول خان جاگيراڻي تعلقي ميروخان ضلعو قنبر شهدادڪوٽ ۾ جنم ورتو.
- پهرين اپريل 1973ع تي نوجوان شاعر شفيع محمد شاد، ولد سهراب خان قادري ڳوٺ پراڻو نارو، تعلقي ميروخان ۾ جنم ورتو.
- پهرين اپريل 1972ع تي نوجوان شاعر، ليکڪ ۽ ريڊيو ڪمپيئر فياض لطيف اصل نالو بشير احمد ولد محمد حسن چانڊيو لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 2 اپريل 1939ع تي محقق، نقاد، ڪهاڻيڪار ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. پي ايچ ڊي موضوع آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر 1981ع.
- 2 اپريل 1925ع تي ناميارو فلمستار عبداللطيف ساقي ولد الله بچايو رند بلوچ عراق جي شهر بغداد ۾ ڄائو. اباڻو ڳوٺ يوسف بلوچ ڪوٽڙي هئس.
- 2 اپريل 1922ع تي قادر الڪلام شاعر ۽ ڪهاڻيڪار فيض محمد "فيض" حيدري ولد امام بخش ڪيريو ڳوٺ ٽنڊي حيدر تعلقي حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 2 اپريل 1939ع تي ٻاراڻي ادب جو ليکاري اياز پاٽولي جو جنم ٽنڊي محمد خان شهر ۾ ٿيو. اصل نالو محمد هاشم پاٽولي آهي.

- 2 اپريل 1973ع تي ليکڪ حميد ابڙو، اصل نالو عبدالمجيد ابڙو ٽل تعلقي جي ڳوٺ حاجي شاهنواز ڏيٽي ۾ جنم ورتو.
- 2 اپريل 2005ع تي ڪهنه مشق غزل گو شاعر محسن ڪڪڙائي وفات ڪئي.
- 2 اپريل 1976ع تي نوجوان شاعر پنهل اصل نالو محمد پنهل ولد عبدالمالڪ ميمڻ ڳوٺ ڪارڙا ڪلهوڙا لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 3 اپريل 1939ع تي تحقيق، صحافت ۽ شاعر يوسف شاهين اصل نالو محمد يوسف دائود پوٽو ڪراچي ۾ پيدا ٿيو.
- 3 اپريل 1974ع تي نوجوان شاعر قربان گل (قربان علي چنو) محمد پريل جي گهر گڏيجي ۾ پيدا ٿيو. ادبي سجاڳ شاعر اٿس.
- 3 اپريل 1937ع تي مشهور اديب گل محمد چنا نوابشاهه شهر ۾ جنم ورتو.
- 3 اپريل 1992ع تي (فلم) باغي حبيب فلمز جي طرفان پيش ڪيل هيءَ سنڌي فلم رليز ٿي هن فلم جي ڪهاڻي لکندڙ محمد بخش چانگ هو.
- 4 اپريل 1888ع تي شاعر ۽ اديب فقير خادم حسين خاصخيلي ولد محمد رمضان ڳوٺ قائم خان تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ جنم ورتو.
- 4 اپريل 1938ع تي ريڊيو ٽي وي، اسٽيج ۽ فلم جو مشهور آرٽسٽ صالح محمد شاهه ولد سيد دادن شاهه حيدرآباد لڳ ڳوٺ دريا بيگ مغل ۾ ڄائو.
- 4 اپريل 1940ع تي شاعر شبير "هاتف" اصل نالو شبير علي شاهه ولد مرحوم سيد الله بخش شاهه ٽکڙائي ڳوٺ ٽکڙ حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 5 اپريل 1977ع تي محمد بخش ايم بي دربان جنم درگاهه نواڙو شريف جي پرسان ڳوٺ فتح محمد دربان ۾ اڪ ڪولي ادبي سجاڳ شاعر اٿس.
- 5 اپريل 1977ع تي شاعره سحر سنڌو ذات خاصخيلي ٽنڊو غلام علي لڳ هڪ ڳوٺ ۾ جنم ورتو.
- 5 اپريل 1987ع تي مير علي محمد ٽالپر لنڊن جي "لنڊن اسپتال ۾ گذاري ويو. سندس جسم خاڪي کي 9 اپريل تي حيدرآباد آڻي، سندس اباڻي قبرستان گنجو ٽڪر ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.
- 5 اپريل 1860ع تي سنڌ جو عارف، مجدد ۽ باڪمال بزرگ مولانا غلام محمد ملڪاڻي ڳوٺ ملڪاڻي تعلقي دادو ۾ تولد ٿيو.
- 5 اپريل 1945ع تي مشهور شاعر ۽ اديب، سليم چنا ولد نجم الدين چنا پاٽائيءَ جي گهر ۾ حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 5 اپريل 1931ع تي سنڌ جو نالي وارو شاعر احمد خان مدهوش ولد حاجي فقير شفلي (ڪٽي) جوهي ضلعي دادو ۾ جنم ورتو.
- 6 اپريل 1919ع تي پروفيسر عبدالڪريم ولد محراب خان سنديلو پنهنجي والد جي نالي تي ٻڌل ڳوٺ مهراب خان سنديلو تعلقو ڏوڪري لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.

- 6 اپريل 1975ع تي شاعر، ريڊيو پروڊيوسر ۽ سماجي ورڪر مير بهادر علي مهر ولد لطف علي مهر لاڙڪاڻي ويجهو ڳوٺ ننڊين مهرن ۾ جنم ورتو.
- 6 اپريل 2011ع تي سنڌي ٻولي ۽ ادب جو پارکو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وفات ڪئي.
- 7 اپريل 1935ع تي آغا سليم اصل نالو آغا خالد سليم ولد آغا عبدالڪريم خان شڪارپور ۾ جنم ورتو. ادبي سڄاڻپ ڪهاڻيڪار، ناول نويس اديب ۽ شاعر آهي.
- 7 اپريل 1931ع تي شاعر ۽ علماءِ الدين علامه محمد قاسم ڳڙهي ياسين وفات ڪئي، سندس مزار ڳڙهي ياسين ۾ آهي.
- 7 اپريل 2003ع تي سنڌ جي قومي شاعر محمد خان مجيدي وفات ڪئي.
- 7 اپريل 1950ع تي ناليوارو شاعر ۽ اديب مير عبدالرسول مير ٽالپر ولد رئيس مهر علي خان ٽالپر گمبٽ ضلعي خيرپور ۾ ڄائو.
- 7 اپريل 1894ع تي مير فيض محمد اول ٽالپر مير علي مراد خان جي وفات کان هڪ هفتو پوءِ گاديءَ تي ويٺو.
- 7 اپريل 2012ع قومپرست سياست کي عبادت سمجهندڙ سنڌ جو ارڏو پٽ جسقم جو چيرئيمن بشير خان قريشي شهادت ماڻي، آخري آرام گاهه رتوديرو ڀاءِ پاس وٺ اٿس.
- 8 اپريل 1922ع تي جمال الدين "مومن" ولد هوت خان خاصخيلي ڳوٺ جتوئي نوان تعلقي موري ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور تعليمي ماهر، قومي، سماجي ڪارڪن ۽ سنو شاعر ٿي گذريو آهي.
- 8 اپريل 2011ع تي ناليوارو اداڪار حسين ساريو ڪراچي اسپتال ۾ وفات ڪئي. کيس ڳوٺ گند، باڊهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ دفن ڪيو ويو.
- 8 اپريل 1946ع تي تجريدي شاعر ۽ تنقيدنگار ملڪ نديم، اصل نالو عبدالرزاق ڪشمور ۾ جنم ورتو.
- 8 اپريل 1965ع تي نوجوان شاعر گلزار سيال ولد شاهنواز سيال ٿلهو ڪي اين شاهه، ضلعي دادو ۾ جنم ورتو.
- 9 اپريل 1915ع تي لاڙڪاڻي جي سماجي ورڪر ۽ ادبي خيالن جي مالڪ شري سرلا ديوي سنڌ جي قديم شاهوڪار ضلعي شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- 9 اپريل 1951ع تي علامه آءِ آءِ قاضي سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو.
- 9 اپريل 1935ع تي سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو شاعر اسحاق "راهي" ولد محمد صالح سومرو ميهڙ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو.
- 9 اپريل 1965ع تي مشهور ليکڪ ۽ شاعر رڪيل مورائي پورو نالو الهه رکيو ولد جاڙو خان سولنگي ڳوٺ حاجي مالڪ ڏني سولنگي تعلقي موري ۾ جنم ورتو.
- 9 اپريل 1995ع تي سنڌ جي مشهور سياسي شخصيت سردار غلام محمد خان مهر وفات ڪئي سردار غلام محمد خان مهر جي جنم پومي خانگڙهه ضلعو گهوٽڪي هو.
- 9 اپريل 1997ع تي ماهر نقاد ۽ اديب ڊاڪٽر محبت ٻرڙو وفات ڪئي آخري آرام گاهه قنبر ۾ اٿس.

- 9 اپريل 1930ع تي اڪبر آشرم لاڙڪاڻو هيءُ ادارو مشهور صوفي ويدانتي شاعر ۽ اديب امرت راءِ جڏ سنگهاڻي "سام" قائم ڪيو.
- 9 اپريل 1975ع تي نوجوان شاعر بخشل باغي نوابشاهه ۾ جنم ورتو.
- 10 اپريل 1843ع تي دبيءَ واري جنگ ڪان پوءِ مير محمد نصير خان ٽالپر (ٽالپرن جو آخري حڪمران) ۽ سندس خاندان جي ڪجھ ٻين فردن کي جلاوطن ڪري ڪلڪتي روانو ڪيو ويو.
- 10 اپريل 1925ع تي ڪهاڻي نويس جمال الدين ادبي نالو جمال ابڙو ولد علي خان ابڙو ڳوٺ سانگي تعلقو ميهڙ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 10 اپريل 1990ع تي مرزا اسد بيگ "اسد" هن فاني جهان کي هميشہ لاءِ ڇڏيو.
- 10 اپريل 1923ع تي شاعر، محقق ۽ اديب اظهر ريلائي پير، ولد پير ڪريم ڏنو صديقي قريشي ريلائي درگاهه پير رڪيل ريلائي ضلعي دادو ۾ جائو.
- 10 اپريل 1958ع تي مشهور ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڊرامہ نويس ۽ شاعر طارق عالم ابڙو، قنبر علي خان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 10 اپريل 1888ع تي مشهور سماجي ورڪر، شاعر ۽ ليکڪ پروفيسر هاسارام پٽ سندر داس پمناڻي روهڙي شهر ۾ پيدا ٿيو.
- 10 اپريل 1950ع تي علم ۽ ادب جو گوهر مولانا دين محمد وفائي وفات ڪئي.
- 10 اپريل 1920ع تي سنڌي ٻولي جي شاعر، ليکڪ ۽ ناول نگار پريتم هنگورائي ڪراچي ۾ جائو.
- 10 اپريل 1990ع تي شاعر ۽ نثر نويس مرزا اسد بيگ "اسد" ولد مرزا قليچ بيگ وفات ڪئي.
- 11 اپريل 1829ع تي مشهور زمانہ انا الحق جو پيروڪار حضرت سچل سرمست رح ولد بزرگوار جو نالو ميان صلاح الدين آهي. سچل جي وفات درازا ۾ ٿي سچل سرمست رحہ جي ولادت 1739ع ۾ ٿي.
- 11 اپريل 1934ع تي شاعر، صحافي ۽ اديب فضل احمد بچاڻي ولد خان صاحب ڇٽل بچاڻي ٽنڊي الهيار، ضلعي حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 11 اپريل 1967ع تي ليکڪ ابراهيم ڪرل ولد مولا بخش خيرپور ۾ جنم ورتو.
- 11 اپريل 1947ع تي ليکڪ ۽ قومپرست اڳواڻ ارباب کهاوڙ اصل نالو ارباب علي نبي بخش کهاوڙ آهي، هو ابتدا ۾ ارباب سنڌي جي نالي سان بہ لکندو هو. هن جو جنم وارهہ ۾ ٿيو.
- 11 اپريل 2011ع تي مشهور عالم علي محمد حقاني دم ڏٽيءَ حوالي ڪيو. علي محمد حقانيءَ جي جنم يومي نئون ديرو آهي جتي 1908ع جنم ورتو.
- 12 اپريل 1945ع تي چترڪار قاضي خضرحيات ادبي نالو خ ح ع قاضي ولد عبدالحئي قائل رتوديرو شهر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 12 اپريل 1931ع تي شاعر اسدالله شاهه بيخود حسيني ولد الله بخش شاهه ڳوٺ ٽکڙ ۾ پيدا ٿيو.

- 12 اپريل 1900ع تي استادالشعرا حافظ محمد احسن ذات چنو والد جو نالو جمعہ خان ڳوٺ ملڪاڻي شريف، دادو ۾ جنم ورتو.
- 12 اپريل 1949ع تي فلم، ريڊيو اسٽيج جو ليکڪ ۽ هدايتڪار حيات علي شاهہ بخاري ولد غوث علي شاهہ بخاري حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 12 اپريل 1912ع تي بخش جمالي ولد ڪريم بخش جمالي ڳوٺ ٻچل مهيسر تعلقي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڃاڻپ کهنہ مشق شاعر تي گذريو آهي.
- 12 اپريل 1957ع تي سنڌ جي ثقافت ۽ فنون لطيفہ جو هڪ اعليٰ آرٽسٽ/ مصور خدا بخش ابڙو پيدا ٿيو.
- 12 اپريل 1921ع تي اجمل بيگ اجمل مرزا ٽنڊي نوڙهي حيدرآباد ۾ سنڌ جي مهان اديب، دانشور عالم شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ جي گهر ۾ جنم ورتو.
- 12 اپريل 1930ع تي خوبصورت شاعر نياز همايوني شڪارپور ضلعي ۾ جنم ورتو.
- 12 اپريل 1995ع تي مظفر حسين "جوش" وفات ڪئي.
- 13 اپريل 1938ع تي سنڌ جي نالي واري شخصيت قمر شهباز (قمر الدين ٻگهيو) نوابشاهہ ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ ناٽڪ نويس، ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ ڪالم نويس هئس.
- 13 اپريل 1915ع تي مشهور استاد، اديب، شاعر، ڊرامہ نويس ۽ آرٽسٽ پروفيسر الف ب ت ميروخاني جنم ورتو. اصل نالو الله بخش هئس.
- 13 اپريل 1968ع تي علامہ آءِ آءِ قاضي پنهنجي ضعيف ۽ ڏٻري جسم کي مهراڻ جي موجن حوالي ڪندي موت کي ڳلي لڳايو.
- 13 اپريل 1915ع تي مشهور شاعر ۽ نثر نويس احمد خان اختر ولد عبدالرحيم ميمڻ ڳوٺ بولان خان شورو تعلقي حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 13 اپريل 1885ع تي شيرين زبان ڳائڻو ۽ ايڪي ۽ امن جي پرچار ڪندڙ ڀڳت ڪنور رام پٽ تارا چند گهوٽڪي جي ننيڙي ڳوٺ جروار ۾ جنم ورتو.
- 13 اپريل 2004ع تي سنڌ جو نالي وارو شاعر هري دلگير ڀارت ۾ وفات ڪئي.
- 13 اپريل 1944ع تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو هڪ نہ وسرندڙ آواز ۽ بهترين فنڪار انور بلوچ هيرآباد حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 13 اپريل 1965ع تي جي ايم رئيساڻي مدئجوي اصل نالو، غلام محمد ولد حمزه علي رئيساڻي چوهڙپور ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ استاد شاعر، مضمون نگار، تحقيق نگار ۽ ڪهاڻيڪار اٿس.
- 14 اپريل 1881ع تي نواب غيبي خان ولد سردار محمد خان چانڊيو پنهنجي اباڻي ڳوٺ غيبي ديرو تعلقي قنبر ۾ تولد ٿيو. غيبي خان جو اصل نالو علي نواز خان چانڊيو هو.
- 14 اپريل 1894ع تي قادر الڪلام شاعر شهمير خان ولد جلال خان چانڊيو ٽنڊي ولي محمد (حيدرآباد) ۾ ڄائو. شهمير خان جا وڏا اصل ڳوٺ گاهي تعلقي وارهہ ضلعي لاڙڪاڻي جا هئا.
- 14 اپريل 1992ع تي سنڌ جو دل عزيز اديب ۽ صحافي طارق اشرف دل جو دورو پوڻ سبب انتقال ڪيو.

- 14 اپريل 1997ع تي فن جي دنيا جو انسان مير محمد لنڊ وفات ڪئي، اباڻي ڳوٺ لڳ اصحابين جي قبرستان ۾ آرامي آهي.
- 14 اپريل 1893ع تي عالم دين شاعر، صحافي ۽ تحريڪ آزاديءَ جو رهنماءُ مولانا دين محمد وفائي ولد خليفو حڪيم گل محمد پٽي ڳوٺ ڪٽي عرف نبي آباد تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ پيدا ٿيو.
- 14 اپريل 1845ع تي هز هائينس، مير نصير محمد خان ٽالپر وفات ڪئي. ادبي سڃاڻپ شاعر اٿس.
- 14 اپريل 1925ع تي شاعر، نقاد ۽ ڪهاڻيڪار پروفيسر احسان احمد ولد لطف الله بدوي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو.
- 14 اپريل 1948ع تي ناميارو موسيقار، اسٽيج ڊرامن جو هدايتڪار ۽ اداڪار رستم علي ولد شوڪت علي ٻرڙو قنبر ۾ پيدا ٿيو.
- 15 اپريل 1950ع تي برک اديب، شاعر ۽ صحافي مقصود گل اصل نالو قاضي مقصود حيات رتي ديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 15 اپريل 1955ع تي آغا نور محمد پٺاڻ شڪارپور ۾ جنم ورتو. ادبي خدمتون ريزيڊنٽ ڊائريڪٽر اڪادمي ادبيات ڪراچي ڪهاڻيڪار، نقاد ۽ مترجم آهي.
- 15 اپريل 1969ع تي نوجوان شاعر ڊاڪٽر خادم منگي اصل نالو خادم حسين ولد حاجي خالق ڏنو منگي ڳوٺ دودو ڏيٽو ضلع شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- 16 اپريل 1934ع تي مشهور پبلشر پوڪرداس منشي شڪارپور ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.
- 16 اپريل 1919ع تي تعليمي ماهر ۽ استاد آمنه خميساڻي ضلعي دادو جي پاٽ شهر ۾ جنم ورتو.
- 16 اپريل 1950ع تي اديب ۽ شاعر اڪبر نظير نمائي اصل نالو سيد غلام اڪبر شاهه ڳوٺ نِمون يار علي شاهه لڳ اڏيرو لال ۾ پيدا ٿيو.
- 16 اپريل 1952ع تي ڪهاڻيڪار، ناول نويس ۽ ڊرامي نگار انور بلوچ ڳوٺ محمد حسن بليدي تعلقي نصيرآباد ضلعي قنبر شهدادڪوٽ ۾ جنم ورتو.
- 18 اپريل 1886ع تي سنڌي ادب، ثقافت، علم، فن، تهذيب ۽ تمدن جو پارکو علامه آءِ آءِ قاضي اصل نالو امداد علي ولد امام علي قاضي جي ولادت حيدرآباد ۾ ٿي.
- 18 اپريل 1962ع تي روحاني پيشوا ۽ باوقار انسان حماد الله هاليجوي ولد ميان محمود انڊڙ وفات ڪئي.
- 18 اپريل 1956ع تي نثر نويس لال چند امر ڏنو مل جڳتياڻي پارت ۾ لوڪ پڌاريو، سندس وصيت مطابق سندس سنک ۾ آٽي سنڌو نديءَ حيدرآباد جي پر ۾ پرواهه ڪيا ويا.
- 18 اپريل 1924ع تي پارپتي ڪرشن آڏواڻي حيدرآباد ۾ ڄائي، ادبي سڃاڻپ، نثر نگار ۽ مضمون نگار آهي.
- 18 اپريل 1945ع تي سنڌ جو نالي وارو شاعر غلام حسين رنگريز ڳوٺ ميرپور بٺورو ۾ جنم ورتو.

- 19 اپريل 1904ع تي مرثيہ گو شاعر غلام حسين ملنگ ولد سيٺ غلام علي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ننڍي شهر ضلعي بدين ۾ ڄائو.
- 19 اپريل 1904ع تي محمد حنيف صديقي ولد حاجي محمد صالح صديقي شڪارپور ۾ جنم ورتو. ادبي سڄاڻپ محقق، مترجم، ليکڪ ۽ فرض شناس آفيسر هو.
- 19 اپريل 1967ع تي ناليوارو شاعر ڪهاڻيڪار ۽ پبلشر الطاف ملڪاڻي دادو شهر ۾ جنم ورتو.
- 19 اپريل 1928ع تي عالم شخص پيناڻي جو پارکو ڀانهون خان شيخ پٽ شاهه ضلعي مٽياري ۾ جنم ورتو.
- 19 اپريل 1981ع تي سنڌ جو مشهور مزاحيہ اداڪار خادم کوکر ولد حاجي علي اڪبر کوکر ڳوٺ دڙي خير محمد کوکر لڳ ڦلجي اسٽيشن ضلعي دادو ۾ جنم ورتو.
- 19 اپريل 1971ع تي نوجوان شاعر امتياز سومرو ولد گل حسن سومرو (پير جو ڳوٺ) نئوں‌نديرو ۾ جنم ورتو.
- 20 اپريل 1973ع تي لاڙڪاڻي جي مشهور چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جو بنياد رکيو ويو.
- 20 اپريل 1975ع تي ڪراچي يونيورسٽي جي پهرين وائيس چانسلر ابوبڪر حليم وفات ڪئي.
- 20 اپريل 1966ع تي نالي وارو شاعر ڊاڪٽر مشتاق ڦل اصل نالو مشتاق حسين ولد خان محمد ڦل ڳوٺ ٽالپر وڏا، خيرپور ۾ جنم ورتو.
- 21 اپريل 1923ع تي ڪافيءَ جو شاعر سيد نجف علي شاهه ڪمتري نقوي ٽنڊي جهانيان ۾ ڄائو.
- 21 اپريل 1921ع تي اديب، شاعر ۽ نقاد مرزا اجمل بيگ ولد شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ ٽنڊي نوڙهي حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 21 اپريل 1941ع تي سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو ليکڪ وشنو ڀاٽيا ڪراچيءَ ۾ جنم ورتو.
- 21 اپريل 2011ع تي نوجوان قومپرست اڳواڻ روپلو چولياڻي ڪپري ويجهو راهه جي رهزنن هٿان شهيد ٿيو.
- 22 اپريل 1970ع تي ڌرتيءَ جو عالمي ڏينهن پهرين هيءُ ڏينهن آمريڪي سينيٽر گي لارڊ نيلس ملهايو.
- 22 اپريل 1922ع تي باڪمال شاعر ۽ نثر نويس رشيد احمد ولد زرڪ خان لاشاري ڳوٺ ملڪزار تعلقي نصيرآباد ضلعي سبي ۾ جنم ورتو.
- 22 اپريل 1994ع تي ناليوارو اديب ۽ ايڊيٽر حاجي رحيم بخش ميمڻ وفات ڪئي.
- 22 اپريل 1973ع تي عبدالفتاح عبد عاقلي وفات ڪئي.
- 23 اپريل 1999ع تي سنڌ جو نالي وارو ڪاٽيڪار ڪيهر شوڪت لاڏاڻو ڪري ويو ڳوٺ آگاڻي لاڙڪاڻي ۾ آرامي آهي.

- 23 اپريل 1899ع تي مخدوم غلام حيدر صديقي، قريشي هالا نوان ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. ڇتي جو نالو محمد سعيد هئس. پاڻ حضرت غوث مخدوم نوح رحه جي چوڏهين سجاده نشين هو.
- 23 اپريل 1988ع تي مشهور غزل گو شاعر درگاهي ميراڻي هن فاني جهان کي الوداع ڪيو.
- 24 اپريل 1890ع تي عالم، مشائخ، اديب ۽ شاعر محمد اسماعيل جان روشن ولد آغا محمد حسن جان مجدد سرهندي ڳوٺ ٽکڙ ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 24 اپريل 1957ع تي نالي وارو ڪهاڻيڪار اخلاق انصاري اصل نالو اخلاق احمد انصاري ولد انيس انصاري لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 25 اپريل 1995ع تي سنڌ جو عاشق سائين جي ايم سيد سنڌي قوم کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو. سائين جي ايم سيد کي سن ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. سندس ڪفن دفن واري رسم ۾ مختلف مذهب ۽ طبقن جي هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي. مسلمان قرآن شريف، هندو گيتا ۽ عيسائي بائيبل پڙهي رهيا هئا ۽ ڀٽائي جي رسالي جو ورد به جاري هو. تاريخ جو هڪ سنهري باب پنهنجي پڄاڻي تي پهتو.
- 26 اپريل 1723ع تي سيد محمد بقا شاهه ولد سيد محمد امام شاهه رحه جي گهر ڳوٺ رحيم ڏني ڪلهوڙي ديهه فريد آباد (پراڻي درگاهه) خيرپور ۾ پيدا ٿيو.
- 27 اپريل 1937ع تي سنڌ اسيمبليءَ جو پهريون اجلاس هيرانند جي اڳواڻي ۾ ٿيو.
- 27 اپريل 1907ع تي باڪمال شاعر عبدالفتاح "عبد" عاقلي ڳوٺ عاقل، تعلقو لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 27 اپريل 1942ع تي جاکوڙي انسان سر حاجي عبدالله هارون هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.
- 27 اپريل 1982ع تي مزاحيه ڪالم، تنقيد ۽ شاعر غلام مستانو سيوهاڻي ابڙو وفات ڪئي.
- 27 اپريل 1978ع تي فائن آرٽ صحافي ۽ ليکڪ اياز جوکيو محرابپور ضلعي نوشهري فيروز ۾ ڄائو.
- 28 اپريل 1962ع تي نثر نويس، شاعر مرزا گل حسن بيگ ادبي نانءُ احسن ڪربلائي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو.
- 28 اپريل 1948ع تي سنڌي ٻوليءَ جو مڃيل شاعر اطهر منگي اصل نالو علي نواز منگي لاڙڪاڻي ضلعي جي واسو ڪلهوڙي ڳوٺ ۾ جنم ورتو.
- 29 اپريل 1974ع تي شاعر ۽ اديب علي بخش احمد زئي وفات ڪئي.
- 29 اپريل 2003ع تي مولانا جان محمد عباسي گهٽي جدوجهد کان پوءِ راهه باني ورتي.
- 30 اپريل 1920ع تي مولانا حامد الله ولد گل محمد ميمڻ وفات ڪئي. پاڻ سداحيات شخصيت هو.
- 30 اپريل 1965ع تي مشهور مضمون نگار، ڪهاڻيڪار ۽ شاعر امر لغاري سندس اصل نالو محمد يعقوب ڳوٺ حاجي احمد خان لغاري تعلقي سانگهڙ ۾ جنم ورتو.

## سنڌ تي حڪمرانيءَ جا دور

| | | |
|---|---|---|
| راءِ گهراڻو | 495ع کان | 632ع تائين |
| برهمڻ دؤر | 632ع کان | 711ع تائين |
| عرب دؤر | 711ع کان | 1050ع تائين |
| سومرا دؤر | 1050ع کان | 1350ع تائين |
| سمان دؤر | 1350ع کان | 1520ع تائين |
| ارغون دؤر | 1520ع کان | 1555ع تائين |
| ترخان دؤر | 1555ع کان | 1592ع تائين |
| مغل دؤر | 1592ع کان | 1700ع تائين |
| ڪلهوڙا دؤر | 1700ع کان | 1843ع تائين |
| انگريز دؤر | 1843ع کان | 1947ع تائين |

---

انور پيروزادو اڪيڊمي ڪراچي: سنڌ جي ناليواري صحافي، ليکڪ ۽ اديب انور پيرزادي جي نالي سان منسوب آهي. هن اڪيڊمي جو بنياد سندس پٽ زرار پيرزادي 2007ع ۾ رکيو.

# ✵ مئي ✵

- عيسوي سال جو پنجون مهينو مئي آهي. هن مهيني تي اهو نالو "ميا" (MAIA) ديوي جي نالي تي رکيو ويو. هن مهيني ۾ سج اتر اڌ گول خط استوا جي بلڪل ويجهو پهچي ويندو آهي. اتر اڌ گول ۾ گرمي جو آغاز تي ويندو آهي ۽ ڏکڻ اڌ گول ۾ سياري جي موسم جو آغاز ٿيندو آهي هن مهيني ۾ 31 ڏينهن ٿيندا آهن.
- پهرين مئي 1886ع تي مئي مزدورن جو عالمي ڏينهن طور شڪاگو جي شهيدن جو ڏينهن طور ملهايو وڃي ٿو. مزدور تحريڪ 1811ع ۾ هڪ پورهيت "ڪمس" جي اڳواڻيءَ ۾ لڊلائٽ نالي تنظيم ناهي جنهن اڳتي هلي مزدورن جا حق تسليم ڪرايا.
- پهرين مئي 1983ع تي نوجوان شاعر ۽ ڪهاڻيڪار علي صفدر ولد شير احمد بيوس چانڊيو ڳوٺ جمال خان چانڊيو ۾ جنم ورتو.
- پهرين مئي 1971ع تي پلوڙ شاعر ۽ نثر نويس ايوب کوسو، ولد محمد حسن کوسو ڳوٺ حاجي احمد خان کوسو لڳ جهڏو ضلعي ميرپور خاص ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين مئي 1961ع تي سنڌ جو نالي وارو شاعر زخمي چانڊيو اصل نالو (ڄام خان) ولد مولا بخش چانڊيو شهر ڊکڻ تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو.
- پهرين مئي 1934ع تي عالم، شاعر ۽ صحافي عبدالخالق خليق مورائي ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪيو.
- پهرين مئي 1966ع تي آزاد بخاري، اصل نالو عبدالڪريم شاهه چڪ ضلعي شڪارپور ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ، شاعر ۽ ڪهاڻيڪار اٿس.
- پهرين مئي 1973ع تي نوجوان شاعر انور ساگر ڪانڌڙو ڳوٺ الهه بچائي ڪانڌڙي تعلقي موري ۾ جنم ورتو.
- پهرين مئي 1955ع تي مشهور اداڪار ۽ هدايتڪار اسد قريشي ولد الاهي بخش قريشي شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- پهرين مئي 1969ع تي ناليوارو قومپرست ۽ اڳوڻو شاگرد اڳواڻ ساگر حنيف بڙدي، پڊعيدن ضلعي نوشهري فيروز ۾ ڄائو.
- پهرين مئي 1940ع تي نالي واري شاعر ۽ اديب ڊاڪٽر نواز علي شوق، ولد تاج محمد سهرياڻي بلوچ جنم ورتو.
- 2 مئي 1952ع تي تنوير جوڻيجو مني ۾ پيدا ٿيو اباڻو شهر (پاٽ ضلعو دادو) ادبي سڃاڻپ ماهر سماجيات، ڪهاڻيڪار ۽ مضمون نگار اٿس.
- 2 مئي 1976ع تي نوجوان شاعر سڪندر ڪرل ڳوٺ نسيم ڪرل تعلقي گمبٽ ۾ پيدا ٿيو.
- 2 مئي 1924ع تي جمال ابڙو، "جمال الدين" ولد علي خان ابڙو ڳوٺ سانگين تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ويهين صدي جي وڏن سنڌي ڪهاڻيڪارن مان هڪ آهي.

- 2 مئي 1964ع تي ناليوارو صحافي، ڪالم نگار ۽ وڪيل جاويد قاضي ولد قاضي فيض محمد نوشهري فيروز ۾ جنم ورتو.
- 3 مئي 1920ع تي سنڌ جو مهان ڏاهو سوڀو گيانچنداڻي ڳوٺ ٻنديءَ تعلقو ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. ادبي خدمتون ڪالم نگار، ڪهاڻيڪار، ترجمه نگار، علم سياسيات ۽ ليڪچر گهري دلچسپي اٿس.
- 3 مئي 1986ع تي سنڌ جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏو سياسي ميڙاڪو محترم بينظير صاحبه جي ٻن سالن جي جلاوطني کان پوءِ ڪراچي اچڻ تي ٿيو.
- 3 مئي 1906ع تي وحدت الوجود جو قائل سائين بچل شاهه هڪ سئو سالن جي ڊگهي عمر ۾ هن فاني دنيا کي الوداع ڪيو. سندس آخري آرام گاهه سکر ۾ الهه طرف سکر بئراج جي لڳ بچل شاهه مياڻي نالي ڳوٺ ۾ آهي.
- 3 مئي 1994ع تي سنڌ جو عظيم فنڪار منصور بلوچ لاهوري ۾ انتقال ڪيو.
- 3 مئي 1977ع تي موسيقي جي دنيا جو گل گلابي استاد محمد ابراهيم ڪينسر جي مرض ۾ ڪومائجي ويو.
- 3 مئي 1946ع تي جماعت اسلامي جو امير ۽ وڪيل اسد الله ڀٽو جنم ورتو.
- 3 مئي 1950ع تي سنڌ جو نامور چترڪار، وڊيو گرافر ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ محقق اياز عالم ابڙو قنبر علي خان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 3 مئي 1975ع تي نوجوان شاعره ايس نسيم ميمڻ موري ۾ جنم ورتو.
- 5 مئي 1925ع تي خانبهادر غلام محمد خان اسراڻ هن فاني جهان کي الوداع ڪيو.
- 5 مئي 1953ع تي سماجي ورڪر محمد اشرف کهاوڙ ولد خانصاحب امداد حسين خان کهاوڙ شهدادڪوٽ ان وقت جي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 5 مئي 1957ع تي موسيقي جو بي تاج بادشاهه شاهه محمد نابينا وفات ڪئي.
- 5 مئي 1969ع تي نوجوان شاعر پريم پٽافي اصل نالو عبدالرزاق ولد محمد يوسف ضلعي گهوٽڪي ۾ جنم ورتو.
- 5 مئي 1963ع تي راڳي ذوالفقار علي حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 5 مئي 2009ع تي سنڌ جي نالي واري شخصيت قمر شهباز لاڏاڻو ڪيو. ادبي سڃاڻپ، ناٽڪ نويس، ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ ڪالم نويس هئس.
- 5 مئي 1969ع تي نوجوان شاعر ساٿي محبوب زنگيجو ولد محمد بچل رنگيجو ڀيڙو خان گاڏهي کي اين شاهه ۾ جنم ورتو.
- 5 مئي 1980ع تي نوجوان شاعر سرفراز عباسي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 6 مئي 1975ع تي سنڌ جو عظيم انسان عالم، صحافي پبلشر ۽ سماجي ورڪر عبدالحميد ڀٽي لاڏاڻو ڪيو.
- 6 مئي 1957ع تي مشهور شاعر اسير ملاح جو اصل نالو محمد ابراهيم ولد چتو خان مير بحر ڳوٺ ڪاري کهي تعلقي ڪوٽڙي ضلعي دادو ۾ جنم ورتو.

- 6 مئي 1935ع تي بهترين مصور ڀڳوان ڪپور اصل نالو ڀڳوان چترو مل ڪپور ڪراچي شهر ۾ ڄائو.
- 7 مئي 1959ع تي مذهبي اڳواڻ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو ادبي نالو اُبو راشد سنڌي ۽ ابو ناصر عاقلائي ولد مولانا علي محمد حقاني لاڙڪاڻي شهر جي قديم ڳوٺ عاقل ۾ جنم ورتو.
- مئي 1898ع تي قادر الڪلام شاعر مرزا علي محمد بيگ ولد مرزا قربان علي بيگ ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 9 مئي 1978ع تي سنڌي صحافت جو روشن ستارو ۽ سنڌ جو معمر سياستدان قاضي سليم اڪبر ڪراچي ويجهو روڊ حادثي ۾ راهه رباني وٺي ويو.
- 9 مئي 1929ع تي ممتاز علام دين، روحاني پيشوا مولانا محمد شاهه امروٽي ولد ميان نظام الدين شاهه ڳوٺ ديواني پريالو ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو.
- 10 مئي 1952ع تي وجودي فڪر جو ڪهاڻيڪار مشتاق شورو سڄاول ۾ عبدالڪريم شورو جي گهر ۾ جنم ورتو.
- 10 مئي 1974ع تي غزل گوشاعر حافظ شاهه ناطق حسيني حيدرآباد ۾ وفات ڪئي.
- 10 مئي 1971ع تي ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻو جو انائونسر شبير شاهه ولد سيد محمد شاهه ڳوٺ دودائي تعلقي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 10 مئي 1940ع تي ناميارو محقق، اديب ۽ شاعر پروفيسر ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر ولد در محمد ڳوٺ ٽاٽو سوڍر المعروف فيض محمد سوڍر تعلقي وارهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو.
- 10 مئي 1930ع تي شاعر ۽ شاهه لطيف جو پارکو الهه نواز رُڪٽائي ڳوٺ رُڪڻ ضلعي دادو ۾ جنم ورتو.
- 10 مئي 1966ع تي نامياري فنڪار غلام رباني چانڊيو ولد سڄاول فقير چانڊيو ڳوٺ ننگر خان چانڊيي، تعلقي موري ۾ جنم ورتو.
- 11 مئي 1944ع محقق، نقاد، افسانہ نگار ڊاڪٽر عبدالجبار "عابد" لغاري ڳوٺ تاج پور ضلعي مٽياري ۾ پيدا ٿيو. "تاجپور جي لغاري خاندان جون علمي خدمتون" پي ايچ ڊي جو موضوع هئس.
- 12 مئي 1946ع محقق ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو ڳوٺ ڊپ، ضلعي جيڪب آباد ۾ جنم ورتو.
- 12 مئي 1991ع تي سنڌ جو ڏاهو زيب عاقلي حيدرآباد ۾ انتقال ڪري ويو.
- 12 مئي 1990ع تي قومي ۽ سماجي فڪر رکندڙ شاعر افضل قادري ڦڦڙن جي ڪينسر سبب لاڏاڻو ڪري ويو.
- 12 مئي 1951ع تي ڪراچي يونيورسٽي قيام جو اعلان ٿيو. 1952ع ۾ يونيورسٽيءَ باقاعده ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.
- 12 مئي 1932ع تي ناميارو اديب، شاعر، خوش خط ۽ مرثيہ خوان قربان علي بيگ مرزا وفات ڪئي.

- 12 مئي 1904ع تي نظم ۽ نثر تي دسترس رکندڙ آخوند محمد حسن "مسڪين" ولد مولوي ڄام ولدآخوند محمد دائود سومرو تعلقي خانپور ضلعي شڪارپور جي ڳوٺ "حاجي خان ڪلهوڙو" ۾ ڄائو.
- 12 مئي 1944ع تي گيت جو خوبصورت شاعر ۽ قومي ڪارڪن جمن دربدر عمر ڪوٽ ضلعي ۽ تعلقي جي ڳوٺ روحل واهه ۾ عبدالرشيد ساند جي گهر جنم ورتو.
- 12 مئي 1980ع تي (ڳائڻي) ناليواري گلوڪاراه امبر مهڪ ڏيءُ يار محمد موچي پاڙي حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 13 مئي 1881ع تي ڪراچي کان ڪوٽڙي تائين پهرين ريل گاڏي هلائي وئي.
- 13 مئي 1883ع تي سنڌ جو سياسي اڳواڻ ۽ سرهندي پيرن جو نامور فرد پير غلام مجدد سرهندي ولد ميان عبدالحليم سرهندي مٽياري ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو.
- 14 مئي 1887ع تي قادر الڪلام شاعر ۽ صوفي طريقي جو بزرگ غمدل غني اصل نالو عبدالخالق دايو هو. ڳوٺ ڪچا چاچڙ تعلقي پني عاقل ضلعي سکر ۾ پيدا ٿيو.
- 14 مئي 1992ع تي غزل جو شهنشاهه ۽ صحافي فيض بخشا پوري ولد مهدي خان ڊومڪي بلوچ وفات ڪئي.
- 15 مئي 1958ع تي سنڌ جو نالو وارو اديب منصور قادر جوڻيجو ڳوٺ گهاڙي تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ جنم ورتو.
- 15 مئي 1931ع تي سنڌ جو نالي وارو شاعر احمد خان مدهوش جوهي ضلعو دادو ۾ پيدا ٿيو والد جو نالو حاجي فقير سومرو هئس.
- 15 مئي 1940ع تي مشهور صوفي بزرگ ۽ شاعر حضرت رکيل شاهه هن دنيا کي الوداع چيو.
- 15 مئي 1972ع تي قادر الڪلام شاعر غمدل فقير رتيديري ۾ وفات ڪئي. آخري آرام ڳڙهي ياسين ۾ اٿس.
- 15 مئي 1931ع تي مشهور سنڌي نثر نويس ۽ شاعر موتي پرڪاش ڳوٺ دڙي ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو.
- 15 مئي 1944ع تي سنڌي ٻوليءَ جو مايہ ناز غزل گو شاعر وفا ناٿن شاهي اصل نالو مشتاق ولد خيرات علي قريشي شهر بنديالا ضلعي امر ستر (ڀارت) ۾ پيدا ٿيو.
- 15 مئي 1966ع تي حزب الله ولد الاهي بخش سومرو ڳوٺ قلواهڻ، تعلقو ۽ ضلعو خيرپور ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ. ايڊيٽر، تحقيق، ترتيب ۽ مضمون نگار اٿس.
- 15 مئي 1926ع تي مشهور سياستدان الاهي بخش سومرو شڪارپور ۾ حاجي مولا بخش سومري جي گهر ۾ جنم ورتو..
- 15 مئي 1971ع تي نوجوان صحافي، اديب ۽ شاعر پريل دايو ڳوٺ نو راجا تعلقي پني عاقل ۾ جنم ورتو.
- 15 مئي 1940ع تي مولوي ۽ شاعر الله بخش ابوجهو وفات ڪئي.

- 16 مئي 1922ع تي سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي دنيا ۾ ڪنهن بہ تعارف جو محتاج ناهي رشيد احمد لاشاري "رشيد" ڳوٺ ملگزار، تحصيل نصيرآباد، ضلعي سبي ۾ پيد اٿيو.
- 16 مئي 1984ع تي چيزل شاهہ اصل نالو سيد العزيز ولد رکيل شاهہ وفات ڪئي. سيد چيزل شاهہ فتحپور تعلقي گنداواهہ اولهہ (بلوچستان) ۾ پيدا ٿيو. پاڻ صوفي شاعر ٿي گذريو آهي.
- 16 مئي 1928ع تي مشهور شاعر ساقي زمان شاهہ لاڏاڻو ڪيو.
- 17 مئي 1924ع تي شاعر، نقاد، ڪالم نويس ۽ ايڊيٽر سيد منظور نقوي اصل نالو سيد لطف علي شاهہ والد جو نالو سيد حسين علي شاهہ ٽنڊي جهانيان حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 17 مئي 1937ع تي چانڊيا قبيلي جو سردار احمد سلطان چانڊيو غيبي ديري ۾ ڄائو.
- 17 مئي 1949ع تي شاعر ۽ اديب ارڏو اترادي اصل نالو ارصلاح ولد ڪوهدل باجڪاڻي ڳوٺ گلواڻي تعلقي ڪنڌڪوٽ ۾ پيدا ٿيو.
- 17 مئي 1937ع تي اديب، صحافي ۽ سياسي ڪارڪن عبدالوهاب پليجو ٺٽي ضلعي جي تعلقي گهوڙا باري ۾ ڄائو.
- 17 مئي 1804ع تي هزهائينس، مير نصير محمد خان ٽالپر جنم ورتو سندن شاعري ۾ تخلص جعفري هو.
- 18 مئي 1931ع تي پي ايڇ ڊي هولڊر موتي پرڪاش اصل نالو (ڊاڪٽر موتي سکر امداس شرما) دڙو ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. پي ايڇ ڊي جو موضوع هئس. (سنڌ شعر ۾ استري چٽ)
- 19 مئي 1958ع تي صفي اول جي شاعره نجمہ نور ڦلپوٽو خيرپور ۾ جنم ورتو.
- 19 مئي 2003ع تي نالي واري شاعر ميهر مجاهد، ولد رتو خان ميمڻ ميروخان ۾ وفات ڪئي.
- 20 مئي 1946ع تي عالم الدين ميان محمد نصير الدين ولد عبدالحليم ميکڻ شهدادڪوٽ ۾ جنم ورتو.
- 20 مئي 1975ع تي سنڌ جو رياضدان ڊاڪٽر مير نور محمد ٽالپر اٽلي شهر ۾ وفات ڪئي. پاڻ اٽلي ۾ ٿيندڙ هڪ بين القوامي سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ويو هو.
- 20 مئي 1946ع تي ناليوارو مصور اياز حسين ولد يار محمد خان ابڙو ڳوٺ جيئڻ ابڙي تعلقي قنبر ۾ ڄائو.
- 20 مئي 1951ع تي نالي واري شاعره اڪرم سلطانہ وقامي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 20 مئي 1957ع تي شاعر ارباب علي عادل چوهاڻ ڳوٺ حاجي فتح محمد درس تعقلو ڪنري بدين ۾ پيدا ٿيو.
- 21 مئي 1978ع تي نوجوان ڪهاڻيڪار ايم اسماعيل ٻرڙي قنبر علي خان جي تاريخي ڳوٺ گهنٽڙ ۾ حاجي محمد حسن جي گهر ۾ جنم ورتو.
- 21 مئي 1970ع تي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري ۾ وفات ڪئي. سندس وصيت موجب حيدرآباد ۾ غلام شاهہ ڪلهوڙي جي مقبري جي ٽلهي تي سپرد خاڪ ڪيو.

- 21 مئي 1951ع تي شاعر محمد عابد مظهر ولد سيد مظهر حسين سيوهاڻي باجارا ۾ جنم ورتو.
- 22 مئي 1982ع تي سنڌ جو عظيم انسان مير رسول بخش خان ٽالپر وفات ڪئي.
- 22 مئي 1991ع تي ناميارو شاعر ۽ ريڊيو پروڊيوسر زيب عاقلي راهو رباني وٺي ويو.
- 23 مئي 1974ع تي مولوي نذير حسين جتوئي 71 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي.
- 23 مئي 1994ع تي عالم، اديب ۽ شاعر ڊاڪٽر نذير احمد جروار لاڏاڻو ڪيو.
- 23 مئي 1902ع تي سنڌ ادب ۽ زبان سان نهايت پيار ڪندڙ خانصاحب عبدالله چنا ڳوٺ پاٽ شريف ضلعي دادو ۾ ڄائو.
- 24 مئي 1949ع تي سنو نثر نگار، شاعر، نقاد ۽ لطيف رح جي ڪلام ڪي انگريزي ترجمو ڪندڙ. امير علي ولد ولي محمد چانڊيو ڳوٺ شاهه محمد چانڊيو قنبر ۾ جنم ورتو.
- 24 مئي 1978ع تي مشهور عالم، ۽ اديب شيخ عبدالمجيد سنڌي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي. وصيت مطابق ٺٽي ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي پرسان مڪليءَ جي تاريخي قبرستان ۾ دفنايو ويو.
- 25 مئي 1945ع تي محقق، نقاد، مترجم، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ حاجي خان پٺاڻ جي گهر ڳوٺ خير محمد آريجا تعلقو ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ جي پي ايچ ڊي جو موضوع ڪراچي ضلعي جو علم ادب ۾ حصو.
- 25 مئي 1957ع قومي سياسي سماجي ۽ ٻارن لاءِ شاعر ڪندڙ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 25 مئي 1940ع تي سنڌ جو نالي وارو نقاد ۽ شاعر تاج بلوچ ڪوٺ سردار مراد خان بلو، پنو عاقل ۾ جنم ورتو.
- 25 مئي 1984ع تي فقير جعفر علي پنهور موٽرسائيڪل ۽ ويگن جي ٽڪر ۾ زخمي ٿي ٿڏي تي فوت ٿي ويو.
- 25 مئي 1932ع تي ڀارت جو برک سنڌي شاعر ڪرشن "راهي" لاڙڪاڻي ضلعي جي هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ آباد ۾ پيدا ٿيو.
- 25 مئي 1975ع تي شاعر ۽ صحافي مصطفيٰ حيدر جتوئي لاڏاڻو ڪيو.
- 25 مئي 1979ع تي سنڌ جو سدابهار انسان ارباب نور محمد پليجو دم ڏٺيءَ حوالي ڪيو.
- 25 مئي 1757ع تي سيد محمد راشد رضي ڏٺي ولد سيد محمد بقا شاهه ولادت ڳوٺ رحيم ڏني ڪلهوڙي خيرپور ميرس ۾ ٿي.
- 26 مئي 1984ع تي شاعر ۽ نقاد مرزا اجمل بيگ لاڏاڻو ڪري ويو.
- 26 مئي 1934ع تي شاعر، اديب ۽ صحافي مصطفيٰ حيدر جتوئي ولد حيدر بخش جتوئي ڊگهڙي شهر ۾ ڄائو.
- 27 مئي 1999ع تي ڊاڪٽر خان محمد پنهور ايل ايم سي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي.
- 28 مئي 1967ع تي ايلسا قاضي دم ڏٺي حوالي ڪيو.

- 28 مئي 1975ع تي قادر الڪلام شاعر سڪندر خان کوسو ولد مير بهادر خان کوسو لاڏاڻو ڪري ويو.
- 28 مئي 1957ع تي ناليوارو شاعر، اديب، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ولد سرائي محمد خان سيال ڳوٺ فريد آباد، تعلقي باقراڻي، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 29 مئي 1922ع تي صوفي بزرگ مخدوم احمد يار خان مهر پرچوندي ۾ وفات ڪئي.
- 29 مئي 1982ع تي مشهور ليکڪ فاطمه پٺو ولد مير مرتضيٰ پٺو جنم ورتو.
- 30 مئي 1985ع تي مشهور سياسي سماجي ۽ ادبي شخصيت مير محمد بخش خان ٽالپر ميرپور خاص ۾ وفات ڪئي.
- 30 مئي 1942ع تي سردار احمد علي پتافي ڳوٺ گلو پتافيءَ ۾ ڄائو.
- 30 مئي 1969ع تي نوجوان شاعر صحافي سجاد مهر شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- 31 مئي 1902ع تي سنڌ جو مايه ناز موسيقار، ڊرامہ نويس ۽ اديب احمد چاڳلا ولد غلام علي چاڳلا ڪراچي ۾ جنم ورتو.
- 31 مئي 1968ع تي مشهور تاريخ دان ۽ اهل قلم رائچند هريجن فوت ٿي ويو.
- 31 مئي 1978ع تي انفرادي شاعر عارف الموليٰ ڪار حادثي ۾ انتقال ڪيو.
- 31 مئي 1942ع تي شاعر، نثر نويس ۽ تعليمدان آغا روشن علي پناڻ ولد آغا بشير محمد پناڻ جي گهر ۾ دربيلي تعلقي ڪنڊياري ۾ پيدا ٿيو.
- 31 مئي 1972ع تي نوجوان شاعر، عالم نگار فياض چنڊ ڪليري نوابشاهه ۾ جنم ورتو.

---

14 مئي 1668ع تي ننڍي شهر هڪ قدرتي آفت زلزلي سامجي (ساموئي) کي تباهه ڪري ڇڏيو، هي سمن جو پهريون تخت گاهه هو.
3 مارچ 1707ع تي اورنگزيب 89 سالن جي عمر ۾ احمد آباد ۾ گذاري ويو.
1711ع ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي اتر سنڌ ۾ منهنجي طاقت وڌائڻ شروع ڪئي.
1718ع ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي مغلن سان گڏجي جهوڪ ۾ شاهه عنايت صوفيءَ جي خلاف جنگ ڪئي.
1719ع ۾ يار محمد ڪلهوڙو گذاري ويو ۽ ميان نور محمد فدا يار خان جو لقب وٺي آيو.
1733ع ۾ کهڙا جي مخدوم عبدالرحمان ۽ سندس ساٿين جي شهادت جو واقعو ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حڪمرانيءَ جي ڏينهن پيش آيو.
سنڌ ۾ انگريز سڀ کان پهرين 1612ع ۾ آيا هئا، پر سنڌ ۾ سندن ڪمپنيءَ جو بنياد 1935ع ۾ پيو، جنهن 1662ع ۾ پنهنجي ڪوٺي بند ڪئي. سنڌ ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ 1758ع ۾ پنهنجي ڪوٺي ٻيهر قائم ڪئي.
1718ع ۾ سنڌ ۽ گجرات ۾ وڏا هاڃا ڏٺا، گجرات ۾ تمام شديد ڏڪار پيو جڏهن تہ سنڌ ۾ شاهه عنايت صوفي ۽ سندس فقيرن تي دهلي نٽِ ۽ مبئي سرڪار جون فوجون ڪاهي آيون.

# ✵ جون ✵

- عيسوي سال جو ڇهون مهينو جون آهي. هن مهيني تي اهو نالو "جونو" (JUNO) نالي ديوي جي نالي تي رکيو ويو. جونو ديوي ديوتائن جي سردار "جيوپيٽر" جي ذيءُ هئي. هن مهيني ۾ اتر اڌ گول ۾ انتهائي گرمي هوندي آهي. 21 جون تي اتر اڌ گول ۾ وڏي ۾ وڏو ڏينهن ٿيندو آهي، جڏهن تہ وري ڏکڻ اڌ گول ۾ وڏي کان وڏي رات ٿيندي آهي. هن مهيني ۾ 30 ڏينهن ٿين ٿا.
- پهرين جون 1949ع تي مزاح نگار، ڪالم نويس گلاب هڪڙو (حيدر بخش هڪڙو) شڪارپور ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين جون 1974ع تي مجاهد حسين سولنگي ڳوٺ نهال خان سولنگي ۾ اک کولي ادبي سجاڳ شاعر اٿس.
- پهرين جون 1936ع تي سنڌي ادب جو پلوڙ نقاد قربان علي بگٽي ولد روحل خان بگٽي ڳوٺ گلاب خان بگٽي لڳ لاڙڪاڻو شهر ۾ جنم ورتو.
- پهرين جون 1959ع تي مشهور براڊڪا سسٽر ۽ ليکڪ الاهي بخش ٻانڀڻ ولد محبت خان ڳوٺ نير وارو تعلقي ٺري ميرواهہ ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو.
- *پهرين جون 1897ع تي شمس العلماءَ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو ڳوٺ ٺٽي ضلعي دادو ۾ جنم ورتو. ادبي سجاڳ سنڌ جو عظيم محقق، اديب، تاريخدان ۽ لسانيات جو ماهر هو.

---

شمس العلماءَ ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي جي جنم تاريخ 25 مارچ 1896ع بہ ملي ٿي.

- پهرين جون 1959ع تي سنڌ جو سڄاڻ اديب محمد پنهل ڌهر تعلقي ڏهرڪي ضلعي گهوٽڪي جي ڳوٺ خان محمد ڌهر ۾ جنم ورتو.
- پهرين جون 1968ع تي ليکڪ ۽ صحافي ممتاز بخاري گهوٽڪي ضلعي جي ڳوٺ جهانپور شريف ۾ جنم ورتو.
- 2 جون 1936ع تي ڀارت جو مشهور سنڌي اديب ۽ شاعر واسديو نرمل ڪراچيءَ سنڌ ۾ جنم ورتو.
- 2 جون 1912ع تي ناليواري اديب ۽ سياسي اڳواڻ خالد سنڌيءَ جو اصل نالو خالد حسين ولد جان محمد ٻگهيو ڪوٽڙي ضلعي دادوءَ ۾ جنم ٿيو.
- 2 جون 1960ع تي شاعر ۽ ڊرامہ نگار ايوب گاد اصل نالو محمد ايوب ولد غلام حيدر گاد لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 2 جون 1971ع تي نوجوان شاعر ۽ مترجم منور سولنگي ولد روشن علي جي گهر لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 3 جون 1947ع تي قائد اعظم آل انڊيا ريڊيو تان پهرين ۽ آخري تقرير ڪئي.

- 3 جون 1953ع تي ڪليم لاشاري لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ ڪهاڻيڪار، مترجم، محقق اٿس.
- 3 جون 1903ع تي سماجي ورڪر اديب شاعر امرت راءِ “سام” ولد هشمت راءِ جسنگهاڻي قديم ڳوٺ طيب ابڙو تعلقي رتوديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 3 جون 1998ع تي محبتي ماڻهو، سگهڙن جو سرواڻ محمد ملوڪ عباسي 54 سالن جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.
- 3 جون 1982ع تي سنڌ جو نالي وارو عالم ۽ اديب ڊاڪٽر عطا محمد حامي ڪينسر جي تڪليف سبب جناح اسپتال ڪراچي ۾ وفات ڪئي. پي ايڇ ڊي لاءِ لکيل مقالو خيرپور جي ميرن جو ادب سياست ۽ ثقافت ۾ حصو.
- 3 جون 1897ع تي بلند پايه عالم، سماجي ورڪر محمد عبدالهادي ڳوٺ راوت سر تعلقي ڇاڇري ۾ ڄائو.
- 3 جون 1939ع تي نثر نويس آغا شهاب الدين ولد آغا تاج محمد خان لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 4 جون 1942ع سفر نامہ نويس، سگا جو باني، ڪهاڻيڪار ڊاڪٽر سليمان شيخ هالا ۾ پيدا ٿيو.
- 4 جون 1954ع تي اداڪار ۽ ليکڪ ارباب چڇڙو مولائي ولد محمد صديقي چڇڙو ڳوٺ مورچو تعلقي موري ضلعي نوشهروفيروز ۾ ڄائو.
- 5 جون 1953ع تي ڊاڪٽر نور افروز خواجہ سيٺ احمد علي جي گهر حيدرآباد ۾ جنم ورتو. اديب سڃاڻپ، تنقيد ۽ تحقيق پي ايڇ ڊي جو موضوع: ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر.
- 5 جون 1985ع تي الطاف حسين سنڌ ۾ آباد مهاجرن جي نمائندہ سياسي پارٽي مهاجر قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) جو بنياد رکيو.
- 5 جون 1916ع تي اديب ۽ شاعر هري رام درياڻي تخلص دلگير ولد گر ڏنو مل شهر لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 5 جون 1997ع تي عوامي شاعر گل حسن گوپانگ شاد قنبر ۾ دم ڏني حوالي ڪيو.
- 5 جون 1865ع تي پنهنجي وقت جو يگانو، نامور فقير فولاد شر ڳوٺ مينگهو فقير شر تعلقي ٺري ميرواهہ ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو.
- 5 جون 1925ع تي بلند پايه صحافي، عالم ۽ اديب علي نواز وفائي سکر ۾ ڄائو.
- 6 جون 1938ع تي ڪافيءَ جو شاعر سيد ڪامل شاهہ جهانيان جن جي ولادت باسعادت ٿي. سندس والد بزرگ جو نالو سيد هادي بخش جهانيان هو.
- 6 جون 1901ع تي ڪامريڊ علي محمد عباسي ولد وڏيرو حڪيم سعيد خان عباسي پنهنجي اباڻي ڳوٺ وليد ۾ پيدا ٿيو.
- 6 جون 1994ع تي سنڌي ٻوليءَ جو پلوڙ شاعر اسحاق راهي گذاري ويو.
- 6 جون 1968ع تي سنڌ جو جاکوڙي ماڻهو ڊاڪٽر قاضي محمد سليمان وفات ڪئي.
- 6 جون 1948ع تي ناميارو شاعر، افسانہ نگار ۽ صحافي هدايت بلوچ خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو.

- 6 جون 1818ع تي پير محمد راشد روضي ڌڻي راهه رباني وٺي ويو.
- 6 جون 1985ع تي ڪالم نگار، نثر نويس ۽ سماجي ورڪر عبدالحفيظ ولد ڄام خان چانڊيو ادبي نالو، حفيظ زخمي چانڊيو، زخمي چانڊيي جي گهر جواب پور ضلع شڪارپور، تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ جنم ورتو.
- 7 جون 1989ع تي نوجوان ڪهاڻيڪار جمال ڪوريجو ولد محمد جڙيل ڪوريجي جي گهر ڳوٺ محمد بخش ڪوريجي ۾ اک کولي.
- 7 جون 1966ع تي سنڌ جو نالي وارو صحافي ۽ ايڊيٽر امين لغاري عرف غلام حيدر ولد ولي محمد لغاري تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ ۾ جنم ورتو.
- 7 جون 1858ع تي روهڙيءَ واري جنگ روهڙي ڪان ٻاهر امرڪس واهه جي ڪناري تي ميان عطر خان، ميان احمد يار خان ۽ ميان غلام شاهه جي وچ ۾ خونريز جنگ لڳي.
- 8 جون 1977ع تي مشهور عالم الدين ميان محمد نصيرالدين ميڪڻ وفات ڪئي.
- 8 جون 1966ع تي سنڌ زبان جو باڪمال شاعر ۽ اديب عزيز الله مجروح وفات ڪئي.
- 8 جون 1985ع تي صوفي سنت، محبتي ۽ منڙو ماڻهو مينهل فقير مهر سجدي جي حالت ۾ ڌڻي کي پيارو ٿيو.
- 9 جون 1930ع تي شاعر مير خير محمد ضياء خدابخش خان ٽالپر جو فرزند هو. هن فاني جهان کي الوداع چيو.
- 9 جون 1953ع تي مخدوم غلام حيدر صديقي قريشي درالبقا ڏي روانو ٿي ويو.
- 9 جون 2009ع تي شاعر ۽ اديب مختيار گهمرو وفات ڪئي.
- 9 جون 1939ع تي ناميارو صحافي حيات بلوچ ولد ميوو فقير چانڊيو، ٽنڊي آدم ويجهو ڳوٺ لاڪڙا ۾ پيدا ٿيو.
- 9 جون 1915ع تي نامور اديب، صحافي، حڪيم علي حسن ڏاريجو ولد محمد عثمان ڳوٺ پير راڄن شاهه تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو.
- 9 جون 1946ع تي پلوڙ شاعر شوق خانواڻيءَ جو اصل نالو محمد ياسين قاسمي تخلص شوق المعروف شوق خانواڻي انديا جي شهر ڪرنال پاڻي پٽ ۾ ڄائو.
- 10 جون 1926ع تي نياز حسين ولد فقير غلام سرور قادري لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. ادبي سجاڳپ، شاعر، افساني نگار، ايڊيٽر ڪهاڻيڪار ۽ ترجمي نگار اٿس.
- 10 جون 1932ع تي خادم رفيقي مهيسر ڳوٺ رفيق مهيسر ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو پاڻ مشهور اديب، شاعر ۽ صحافي ٿي گذريو آهي.
- 10 جون 1967ع تي پنهنجي وقت جو يگانو انسان فقير فولاد شر وفات ڪئي.
- 10 جون 1971ع تي نوجوان شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ڊرام نگار انعام عباسي اصل نالو انعام الله عباسي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 10 جون 1948ع تي ناميارو شاعر ۽ چترڪار هارون چنا، رستم، ضلعي شڪارپور لڳ ڳوٺ ٽنڊي علي شير ۾ ڄائو.
- 10 جون 1925ع تي نظم جو شاعر علي محمد خالدي ولد نهال خان لاشاري ٺٽي ۾ جنم ورتو.

- 10 جون 1953ع تي ناميارو ڪهاڻيڪار رسول بخش درس جهمپير، ضلعي ٺٽي ۾ محمد اسماعيل درس جي گهر ۾ پيدا ٿيو.
- 10 جون 1943ع تي موسيقار فيروز گل ولد رحيم بخش عرف راڻو خان شيخ واڌن جو پڙ، ڪاهي روڊ حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو.
- 11 جون 2011ع تي نالي وارو ڪهاڻيڪار ۽ اديب طارق عالم ابڙو، وفات ڪئي.
- 11 جون 1971ع تي ريڊيو ڪمپيئر ۽ آرٽسٽ جاويد احمد پناڻ عبدالرحمان جي گهر ڳوٺ ڇڄڙا ضلعي قنبر شهدادڪوٽ ۾ جنم ورتو.
- 12 جون 1964ع تي ڪمپيئر ۽ استاد شرف الدين مغيري ولد حاجي پاڪر خان مغيري جي گهر راڌو خان مغيري ضلعي قنبر شهدادڪوٽ ۾ جنم ورتو.
- 13 جون 1974ع تي اڳوڻي پاڪستاني وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي پهريون ڀيرو ريڊيو تان قوم کي خطاب ڪيو.
- 13 جون 1939ع تي نهايت سڀاجهڙو شاعر عبدالحڪيم "ارشد" ولد حاجي يار محمد لڪمير ڳوٺ لڪمير نواب شاهه ۾ پيدا ٿيو.
- 13 جون 1924ع تي ڪهن مشق شاعر ۽ اديب نثار بزمي، اصل نالو قلندر بخش ولد محمد حسن خان جوڻيجو ڳوٺ مرزاپور، تعلقي گڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- 13 جون 1920ع تي سنڌي موسيقي جو شهنشاهه راڳي استاد محمد ابراهيم ولد احمد ڪڇي گجرات جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ سلايا ۾ جنم ورتو.
- 13 جون 1908ع تي صحافي، اديب، ناول نويس محمد عثمان ڏيپلائي ولد حبيب الله ميمڻ شهر ڏيپلي ۾ جنم ورتو.
- 13 جون 1961ع تي شاعر جلال ڪوري ڳوٺ عالم پلي، تعلقي ۽ ضلعي عمرڪوٽ ۾ جنم ورتو.
- 14 جون 1746ع تي سنڌي نثر ۽ نظماڻي نثر جو لکندڙ آخوند عزيز الله ميمڻ، مٽيارين ۾ جنم ورتو.
- 15 جون 1895ع تي غلام احمد "نظامي" ولد حاجي محمد صديق ميمڻ، ڪراچي ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ اديب، صحافي ۽ ناميارو قومي شاعر آهي.
- 15 جون 1925ع تي سنڌ جو نالي وارو صوفي بزرگ سخي قبول محمد (ثاني) وفات ڪئي سندس مزار سچل جي روضي ۾ اندر آهي.
- 15 جون 1943ع تي مشهور شاعر ۽ اديبه مريم مجيدي ڌيءُ محمد خان "مجيدي" جتوئي ميرنپور، تعلقي بنوري ضلعي ٺٽي ۾ ڄائي.
- 15جون 1916ع تي جديد شاعريءَ جو برک شاعر هري دلگير پٽ گر ڏنو مل درياڻي لاڙڪاڻي شهر ۾ ڄائو.
- 15 جون 1961ع تي صوبائي وزير توقير فاطمه ڀٽو ڪراچي ۾ ڄائي.
- 15 جون 2011ع تي نئين ٽهيءَ جو جديد شاعر حسن درس حيدرآباد ۾ واڌو واهه وٽ حادثي ۾ دم ڏٽيءَ حوالي ڪيو.

- 15 جون 1933ع تي شاعر هوتو سنڌو پياسي پليو لغاري نوابشاهہ ۾ جنم ورتو.
- 15 جون 1962ع تي نالي وارو شاعر مننار سولنگي ولد غلام مرتضيٰ سولنگي جنم ورتو.
- 16 جون 1943ع تي مشهور موسيقار راڳي ۽ ڪمپوزر فيروز گل ولد رحيم بخش شيخ حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو.
- 16 جون 1959ع تي سياسي ۽ سماجي اڳواڻ پنهل ساريو ولد موليٰ بخش ساريو باڊهہ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو.
- 16 جون 1918ع تي ناليواري اديب ۽ تعليمدان حاجي رسول بخش ميمڻ حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 18 جون 1953ع تي قديم سنڌي تهذيب جو مجسمو مولانا محمد صادق کڏي واري وفات ڪئي.
- 19 جون 1958ع تي مزاحيہ شاعر، شهمير خان شهمير چانڊيو هن فاني جهان کي الوداع ڪيو.
- 19 جون 1992ع تي سنڌي ادب جو برجستو نالو موهن ڪلپنا لوڪ پڌاريو.
- 19 جون 1980ع تي نالي وارو شاعر محمد احسن چنہ دادو ۾ دم ڏٺيءَ حوالي ڪيو.
- 19 جون 1931ع تي ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار شوپارواڻي اصل نالو حشمتراءِ اين پارواڻي دادوءَ ۾ ڄائو.
- 20 جون 1944ع تي مير محمد پيرزادو ولد رحمت الله پيرزادو ڳوٺ ٻلهڙيجي تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. اديب خدمتون، ناميارو شاعر ۽ اديب آهي.
- 20 جولاءِ 1961ع تي نوجوان شاعر محمد رمضان نول شهر موري ۾ جنم ورتو.
- 20 جون 1936ع تي سنڌيءَ ٻوليءَ جي مشهور شاعر، اديب ۽ ناٽڪ نويس شبير "ناز" چنا شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- 20 جون 1950ع تي سرمد چانڊيو اصل نالو سونو خان چانڊيو، رئيس جمال خان چانڊيو تعلقي قنبر ضلعي قنبر شهدادڪوٽ ۾ پيدا ٿيو، ادبي خدمتون، گيت جو شاعر، نقاد، استاد شاعر، ناول نگار ۽ محقق اٿس.
- 21 جون 1924ع تي هاڪارو ملهہ پهلوان شير مير بحر ولد علي محمد مير بحر ڳوٺ موسو ديرو تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهري فيروز ۾ پيدا ٿيو.
- 21 جون 1953ع تي محترمہ بينظير، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي گهر ڪراچي ۾ جنم ورتو. محترمہ بينظير ڀٽو جو پيار جو نالو پنڪي رکيو.
- 21 جون 1918ع تي صاحب ديوان، عالم ۽ شاعر عبدالغفور مفتون همايوني وفات ڪئي. عبدالغفور مفتون همايوني 1844ع تي همايون شريف شڪارپور ۾ پيدا ٿيو.
- 22 جون 1924ع تي سنڌ جو انتهائي محترم عالم غلام مصطفيٰ ولد حافظ محمود چانڊيو ڳوٺ پنيو خان چانڊيو تعلقو ميروخان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.
- 22 جون 1947ع تي مشهور عالم ۽ سماجي ڪارڪن سيد عبدالرحيم شاهہ ڪراچي ۾ وفات ڪئي. مڪليءَ واري تاريخي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.
- 22 جون 1971ع تي اعليٰ پائي جو عالم دين سيد علي اڪبر شاهہ وفات ڪئي.

- 22 جون 1970ع تي مشهور گلوڪاره حميرا چنا حيدرآباد ۾ ڄائي.
- 24 جون 1987ع تي سياسي اڳواڻ قاضي فضل الله لاڏاڻو ڪري ويو. سنڌس وصيت مطابق ڪيس لاڙڪاڻي ۾ قائم شاهه بخاري قبرستان جي احاطي ۾ دفنايو ويو.
- 24 جون 2011ع تي ناليواري محقق شوڪت خواجائي وفات ڪئي. آخري آرام گاهه ستين جي آستان روهڙي لڳ قبرستان ۾ آهي.
- 25 جون 1922ع تي شاعر سائق بخاري جنم ورتو.
- 25 جون 1939ع تي سماجي اڳواڻ محمد طالب پرٽ پيدا ٿيو.
- 25 جون 1968ع تي ليکڪ غلام مصطفيٰ چنا (ڪي اين شاهه) ۾ جنم ورتو.
- 25 جون 1967ع تي شاعر حاجي عبدالله "واقف" (نارو شاهه) لاڏاڻو ڪري ويو.
- 25 جون 1954ع تي شاعر مهر عيسو فقير (صديق جي واند) وفات ڪئي.
- 25 جون 1912ع تي آخوند فضل لاڏاڻو ڪري ويو.
- 25 جون 1977ع تي محترم بينظير ڀٽو پنهنجي تعليم مڪمل ڪري واپس وطن آئي.
- 25 جون 1934ع تي مشهور شاعر ۽ اعليٰ پائي جي خطاط حافظ محمد هارون دلگير وفات ڪئي.
- 26 جون 1564ع تي نقشبندي سلسلي جو مشهور صوفي عالم مجدد الف ثاني پيدا ٿيو.
- 26 جون 1965ع تي ناليوارو صحافي خالد ڪوڪر دادو تعلقي جي ڳوٺ باداڻيءَ ۾ پيدا ٿيو.
- 26 جون 1893ع تي شاعر ۽ اسڪالر سيد نجيع الله شاهه راشدي ولد سيد نور الحق راشدي ڳوٺ نور آباد لڳ وڳڻ وارهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 26 جون 1905ع تي پريا جورائيٽر چرنداس ناڪرداس پيدا ٿيو.
- 26 جون 1976ع تي شاعر امداد حيدر سولنگي پيدا ٿيو.
- 26 جون 1973ع تي شاعر محمد رمضان آزاد لاڏاڻو ڪري ويو.
- 26 جون 1985ع تي اسڪالر مولانا محمد قاسم پيرزادو لاڏاڻو ڪري ويو.
- 26 جون 2005ع تي جهڏي جو رائيٽر مجرم لغاري هميشہ لاءِ وڇڙي ويو.
- 26 جون 1927ع تي طنز و مزاح جي دنيا جو نهايت مقبول صحافي ۽ شاعر نور عباسي اصل نالو نور محمد نور ولد حاجي محمد هاشم عباسي ضلعي نوشهروفيروز جي شهر پرين ۾ جنم ورتو.
- 26 جون 1953ع تي ناليوارو شاعر ۽ ٻارن جو ليکڪ اقبال تنيو دادو ۾ پيدا ٿيو.
- 27 جون 1949ع تي خان محمد پنهور ولد محمد يعقوب پنهور ضلعي دادو جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ آراضي ۾ پيدا ٿيو. سڃاڻپ صحافي، ماهر تعليم، ۽ سماجي خدمتگار.
- 28 جون 1972ع تي محترم ذوالفقار علي ڀٽي هندوستان جو دورو ڪيو.
- 28 جون 1977ع تي نوجوان ليکڪ، سماجي ورڪر ۽ مختلف اين جي اوزر جو سرگرم اڳواڻ ذوالفقار شاهه راڏڻ ضلعي دادوءَ ۾ جنم ورتو.
- 29 جون 1965ع تي سريلو عوامي شاعر لالڻ چنو محمد ڳوٺ هاشم چنو ۾ پيدا ٿيو.

- 29 جون 1933ع تي خيرپور رياست جو آخري حڪمران مير علي مراد خان (ثاني) ولد مير فيض محمد خان (ثاني) ٽالپر انگلينڊ ۾ ڄائو.
- 29 جون 1947ع تي ٽيليويزن جو سنيئر پروڊيوسر بادل جمالي مٽياريءَ ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ سنڌي ٻولي جي تخليقي ۽ منفرد ڪهاڻيڪار آهي.
- 29 جون 1939ع تي نسيم کرل اصل نسيم احمد کرل ولد حاجي عبدالڪريم کرل ڳوٺ کرل، تعلقي گمبٽ ضلعي خيرپور ميرس ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ مقاميت نگاري جو بهترين ڪهاڻيڪار آهي.
- 30 جون 1857ع تي قومي خدمتگار ڏيارام گدومل حيدرآباد سنڌ ۾ جنم ورتو.
- 30 جون 2004ع تي ويهين صدي جو سنڌي ڪهاڻيڪار جمال ابڙو لاڏاڻو ڪيو.

---

لاڙڪاڻي جو "ايڌي" حاجي انور علي ڪوڪر 1942ع تي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.

---

اسلم پبليڪيشن لاڙڪاڻو 1965ع ۾ نالياري اديب ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي قائم ڪئي.

# ✵ جولاءِ ✵

- عيسوي سال جو ستون مهينو جولاءِ آهي. هن مهيني تي اهو نالو مشهور حڪمران جوليس سيزر جي نالي پويان پيو رکيو ويو آهي. ڪنهن زماني ۾ هي مهينو پنجي (5) نمبر تي هو ۽ هن جو نالو "ڪئانٽليس" (QUANTILIS) هو جنهنجي معنيٰ آهي پنجون هن مهيني دوران اتر اڌ گول ۾ موسم گرم رهندي آهي ۽ ڏينهن ننڍا ٿيڻ شروع ٿي ويندا آهن. ڏکڻ اڌ گول ۾ ڏينهن وڏا ٿيڻ شروع ٿي ويندا آهن ۽ سردي گهٽ ٿيڻ شروع ٿي ويندي آهي. اتر اڌ گول جي ڪيترن ئي علائقن ۾ هن مهيني دوران بارشون ٿين ٿيون هن مهيني ۾ 31 ڏينهن ٿين ٿا.
- پهرين جولاءِ 1940ع محقق ۽ مرتب ڊاڪٽر نواز علي شوق ڳوٺ رحمت خان سهرياڻي ضلعي جيڪب آباد ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين جولاءِ 1948ع تي قبول ابڙو ڳڙهي ياسين شڪارپور ۾ جنم ورتو. اديب خدمتون ناول نگار ۽ افسانہ نگار اٿس.
- پهرين جولاءِ 1894ع تي مشهور صوفي شاعر غلام علي مسرور فقير ولد ماستر رحيم بخش بدوي شڪارپور ۾ ڄائو.
- پهرين جولاءِ 1924ع تي رام ڪرشن هيرانند راهي آڏاوائي سنڌ جي شهر حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. اديب سڃاڻپ ليکڪ، صحافي ۽ نقاد اٿس.
- پهرين جولاءِ 1939ع تي احمد بخش بدوي "منل" شڪارپور ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ شاعر، مضمون نگار ۽ نثر نويس اٿس.
- پهرين جولاءِ 1934ع تي شاعر ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" سومرو ڳوٺ حاجي خان ڪلهوڙو تعلقو خانپور، ضلعو شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- پهرين جولاءِ 1931ع تي شاعر صوفي غلام محمد "پياسي" ولد زوار ساجن ڪلهوڙو علي آباد سکر ۾ جنم ورتو.
- 2 جولاءِ 711ع تي محمد بن قاسم سنڌ تي ڪاھ ڪئي. ۽ راجا ڏاهر کي شڪست ڏني.
- 2 جولاءِ 1954ع تي نقاد، محقق، مترجم رؤف نظاماڻي اصل نالو (عبدالرؤف نظاماڻي) ڪراچي ۾ جنم ورتو.
- 2 جولاءِ 1956ع تي ليکڪ سڪندر عباسي جي ولادت جو ڏينهن آهي.
- 2 جولاءِ 1933ع تي ليکڪ استاد علي شاھ بخاري جو جنم ڏينهن آهي.
- 2 جولاءِ 1957ع تي نالي وارو صحافي عبدالمجيد اوڍو پيدا ٿيو.
- 2 جولاءِ 1966ع تي ليکڪ بهادر خان ٽالپر جو جنم ٿيون.
- 2 جولاءِ 2005ع تي ناليواري شخصيت حاجي علي بخش ڪولاچي (ٽنڊو ڪولاچي) هن فاني جهان کي الوداع چيو.
- 2 جولاءِ 1971ع تي نوجوان ليکڪ، سماجي اڳواڻ بدر سميجو پني عاقل ۾ جنم ورتو.

- 3 جولاءِ 1929ع تي مرزا نادر بيگ حيدرآباد سان تعلق رکندڙ ليکڪ جنم ورتو.
- 3 جولاءِ 1935ع تي ڏيپلو سان تعلق رکندڙ شاعر گل محمد "اشڪ" جنم ورتو.
- 3 جولاءِ 1970ع تي ڳڙهي ياسين سان تعلق رکندڙ شاعر غضنفر علي ثناگر جنم ورتو.
- 3 جولاءِ 1929ع تي شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ وفات ڪئي.
- 3 جولاءِ 1918ع تي لاڙڪاڻي سان تعلق رکندڙ اسڪالر مخدوم محمد قريشيءَ وفات ڪئي.
- 3 جولاءِ 1991ع تي سنڌ جي 50 ڪان وڌيڪ ناليوارن اديبن، ليکڪن، انساني حقن جي اڳواڻن ۽ سوشل ورڪرن ايم ڪيو ايم جي سنڌ کي ورهائڻ واري مطالبي جي مذمت ڪئي.۽ سخت رد عمل جو اظهار ڪيو.
- 3 جولاءِ 1968ع تي ٻارن لاءِ صدارتي ايوارڊ جو فيصلو ٿيو سنڌ جي ادبيءَ ثقافتي تنظيمن ٻارن کي ٻه مختلف شعبن ۾ صدارتي ايوارڊ ڏيڻ لاءِ تحريڪ هلائي هئي.
- 3 جولاءِ 1965ع تي امين ارباب، اصل نالو محمد امين ولد علي محمد نهڙو ڳوٺ علي محمد نهڙيي جي تعلقي ماتلي ضلعي بدين ۾ ڄائو.
- 4 جولاءِ 1947ع تي شوڪت حسين شورو سجاول، ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. ادبي لياقت، ڊراما نويسي، ڪهاڻيڪار ۽ ڪالم نگار اٿس.
- 4 جولاءِ 1907ع تي سياستدان ۽ قانوني ماهر عبدالستار پيرزادو ولد ميان عبدالرحمان پيرزادو پراڻي سکر ۾ ڄائو.
- 4 جولاءِ 2000ع تي مشهور لوڪ فنڪار علڻ فقير لياقت نيشنل اسپتال ڪراچي ۾ گذاري ويو وصيت مطابق کيس ڄامشورو ۾ سندس گهر جي اڱڻ ۾ دفن ڪيو ويو. علڻ فقير جو ڇڃي جو نالو ٺوئنر فقير هو. ذات جو مڱڻهار هو. 1932ع تي دادو جي قديم ۽ تاريخي شهر آمري ۾ جنم ورتو.
- 4 جولاءِ 1904ع تي بلند پايه شاعر ۽ اديب لطف الله بدوي ولد حاجي امام بخش خادم بدوي شڪارپور ۾ ڄائو.
- 4 جولاءِ 1937ع تي ڪهنه مشق غزل گو شاعر محسن ڪڪڙائي اصل نالو سيد نياز علي شاهه ولد سيد احمد شاهه شهر ڪڪڙ تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ضلعي دادو ۾ جنم ورتو.
- 4 جولاءِ 2005ع تي شاعر محمد حسن، محسن عباسيءَ وفات ڪئي.
- 5 جولاءِ 1948ع تي ڊاڪٽر فهميده حسين ٽنڊو ڄام ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ نقاد، محقق، ڪهاڻيڪار، شاعره پي ايڇ ڊي جو موضوع: شاهه لطيف جي شاعري ۾ عوت جو روپ اٿس.
- 5 جولاءِ 1938ع تي ڪلاسيڪل راڳ جو سهڻو سڀاڄهڙو انسان گلزار علي خان ولد محمد مراد دايو ڳوٺ ديهانت لڳ خانواهڻ تعلقو ڪنڊيارو هاڻوڪي نوشهروفيروز ۾ جنم ورتو.
- 5 جولاءِ 1999ع تي مولف، مترجم ۽ مصنف جمال الدين "مومن" وفات ڪئي.
- 5 جولاءِ 1940ع تي مشهور اديب ۽ صحافي طارق اشرف اصل نالو سيد اشرف علي ولد سيد لطف علي شاهه حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 5 جولاءِ 1945ع تي سنڌي ٻوليءَ جي نامور اديب ۽ محقق دادا سنڌي اصل نالو ڪريم بخش ولد محمد قاسم سومرو ڳوٺ داد لغاري تعلقي ڏهرڪي ضلعي گهوٽڪيءَ ۾ جنم ورتو.

- 5 جولاءِ 1952ع تي لاڙڪاڻي جو خوبصورت شاعر واجد "ناز" اصل نالو شعبان منگي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 5 جولاءِ 1967ع شاعر وزير فرهاد سولنگي، مياڻي ضلعي نوشهروفيروز ۾ جنم ورتو.
- 6 جولاءِ 1954ع تي محقق، نقاد ۽ تاريخدان غلام محمد لاکو (ڊاڪٽر غلام لاکو) ڳوٺ مني خان جتوئي ضلعو نوابشاهه ۾ جنم ورتو. پي ايڇ ڊي جو موضوع ڪلهوڙا دور حڪومت 1999ع ۾.
- 6 جولاءِ 1933ع تي مشهور ڪهاڻيڪار ۽ شاعر رشيد ڀٽي ولد حافظ عبدالحميد ڀٽي سکر ۾ ڄائو اصل ڳوٺ اروڙ اٿس.
- 6 جولاءِ 1955ع تي ناميارو صحافي اسحاق مگريو سانگهڙ ضلعي جي ڳوٺ حسن سريوال ۾ جنم ورتو.
- 6 جولاءِ 1974ع تي ناميارو راڳي علي مراد جتوئي ڳوٺ علي مراد جتوئي تعلقي ميهڙ ۾ جنم ورتو.
- 6 جولاءِ 1970ع تي نامياري مصور، ليکڪ ۽ استاد نعمت خلجي اصل نالو نعمت الله ولد محمد يوسف خلجي پير جي ڳوٺ، ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو.
- 6 جولاءِ 1970ع تي صوفي شاعر ذلف علي فقير اصل نالو ذوالفقار علي "ڏنو" ولد حاجي رحمت الله مگسي ڳوٺ دوست علي مگسي تعلقي قنبر ۾ جنم ورتو.
- 7 جولاءِ 1889ع تي شيخ عبدالمجيد سنڌي (ڄيٺا نند) ولد ديوان ليلا رام ٺٽي ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ نثر نويس اٿس.
- 7 جولاءِ 1972ع تي سنڌي اسيمبليءَ ۾ لساني بل ڪي پيش ڪيو ويو.
- 7 جولاءِ 1950ع تي ڪاڪو پيرومل مهر چند آڏواڻي ساسون اسپتال بمبئي ۾ وفات ڪئي.
- 7 جولاءِ 2008ع تي سنڌ جي سريلي شاعر ايم بي دربان وفات ڪئي. سندس آخري آرام گاهه نواڙو شريف ۾ آهي.
- 7 جولاءِ 1967ع تي صوفياءِ سنڌي جي تعليم کي ملڪي امن امان لاءِ خطرناڪ سمجهي حڪومت سائين جي ايم سيد کي هڪ پيرو ٻيهر نظر بنديءَ جو حڪم جاري ڪيو.
- 7 جولاءِ 1986ع تي مشهور لوڪ فنڪاره مائي ڀاڳي ڏي وهيون فقير مگڻهار لاڏاڻو ڪري وئي.
- 7 جولاءِ 1889ع تي مشهور سياستدان، اديب، عالم ۽ صحافي شيخ عبدالمجيد سنڌي ولد ديوان ليلا رام ٺٽي جي هندو گهراڻي ۾ ڄائو.
- 7 جولاءِ 1933ع تي لاڙڪاڻي جي تعليمي شخصيت پروفيسر ولي محمد ڀٽي جنم ورتو.
- 7 جولاءِ 1961ع تي سنڌ جو امر آواز سرمد سنڌي اصل نالو عبدالرحمان ولد محمد حيات مغل ڳوٺ پريالو ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو.
- 7 جولاءِ 1986ع تي شاعر ۽ مضمون نگار محمد منل ڪالاڻي وفات ڪئي.
- 7 جولاءِ 1927ع تي مشهور محقق، مورخ ۽ نقاد ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ حيدرآباد ۾ جنم ورتو.

- 7 جولاءِ 2000ع تي مهان شاعر نثار بزمي وفات ڪئي. ڪيس مرزا پور ۾ پير سليم شاهه جي درگاهه جي پر سان دفنايو ويو.
- 7 جولاءِ 1884ع تي مايه ناز، فاضل، شاعر ۽ صوفي درويش گل محمد خان زيب مگسي ولد نواب مير قيصر خان مگسي جهل مگسي ۾ پيدا ٿيو.
- 7 جولاءِ 2007ع تي قطعيءَ جو بادشاهه شاعر اميد خيرپوري لاڏاڻو ڪيو.
- 7 جولاءِ 1909ع تي سنڌي ۽ هند جو نالي وار اديب تيرٿ وسنت خيرپور جي ڳوٺ لقمان ۾ جنم ورتو.
- 7 جولاءِ 1939ع تي مشهور زميندار ۽ سياستدان ڪشنچند پارواڻي سانگهڙ ضلعي ۾ جنم ورتو.
- 8 جولاءِ 1949ع تي نالي واري شاعر بشير سيتائي عرف (بخشل خان) سيتا ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو.
- 8 جولاءِ 1922ع تي مشهور شاعر ۽ اديب احمد خان "آصف" ولد محمد اسماعيل مصراڻي ڳوٺ منو ٻبر تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ جنم ورتو.
- 9 جولاءِ 1909ع تي مسڪين جهان خان کوسو ولد جبار خان کوسو ننگر پارڪر جي ڳوٺ سامي ويري ۾ ڄائو. سنڌ جو مشهور سماجي ڪارڪن هو.
- 9 جولاءِ 1966ع تي عبدالحق ساريو ولد فقير راڻو تعلقي ڏوڪريءَ جي ڳوٺ ٻنڌي ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڃاڻپ، ڪالم نگار، ڪهاڻيڪار ۽ شاعر آهي.
- 9 جولاءِ 1985ع تي محمد عيسيٰ ولد الله ڏنو ميمڻ تعلقي ڏوڪريءَ جي ڳوٺ ڪوهاري ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڃاڻپ، شاعر، ايڊيٽر ۽ پبلشر اٿس.
- 10 جولاءِ 1933ع تي م ن معزون جو مڪمل نالو محمد نواز والد رئيس شفيع محمد پٽي هو. ميهڙ ضلعي دادو ۾ ڄائو. ادبي سڃاڻپ:- سنڌي ٻوليءَ جو مشهور اديب، دانشور، محقق، مترجم، ڪهاڻيڪار ۽ مصور هو.
- 10 جولاءِ 1932ع تي سنڌي جي برک تعليمي ماهر، قانوندان ۽ ليکڪ بشير احمد قريشي حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 10 جولاءِ 1933ع تي شاعر مولابخش فدا ڳوٺ قائم مڱڻ لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 11 جولاءِ 1947ع تي سنڌ جي نالي واري ڪهاڻيڪار موسيقار شاعر، ناول نگار، مضمون نگار بيدل مسرور شڪارپور ۾ اک کولي.
- 11 جولاءِ 1914ع تي ماهر لسانيات، اديب، ۽ شاعر پروفيسر علي نواز جتوئي ولد حاجن خان جتوئي ڳوٺ گدوءَ لڳ پراڻا جتوئي تعلقي موري ۾ پيدا ٿيو.
- 11 جولاءِ 1938ع تي آغا صوفي، اصل نالو آغا غلام نبي صوفي لاڏاڻو ڪيو. ادبي سڃاڻپ، مشهور شاعر ڊرامہ نويس علم ۽ حڪمت تصوف جو ڄاڻو هو.
- 11 جولاءِ 1911ع تي نالي وارو شاعر پرسرام "ضياءَ" جنم ورتو.
- 12 جولاءِ 1928ع تي سياسي ۽ سماجي شخصيت عبدالهادي ولد سيٺ عبدالغفور سرهيو لاڙڪاڻي جي قديم سرهيه پاڙي ۾ ڄائو.

- 12 جولاءِ 1912ع تي لاڙڪاڻي ۾ اسڪائوٽنگ ڪي مشهور ۽ مقبول ڪنڌڙ رحم علي جعفري ولد محمد بخش لاڙڪاڻي شهر ۾ پيدا ٿيو.
- 12 جولاءِ 1825ع تي حسن علي خان "حسن مير" ٽالپر ولد مير محمد نصير خان ٽالپر حيدرآباد جي قلعي ۾ پيدا ٿيو.
- 12 جولاءِ 1924ع تي سنڌ جو مايه ناز غزل گو شاعر مير عبدالحسين سانگي لاڏاڻو ڪيو. مير جو جست خاڪي وصيت مطابق لاڪيٽي لطيف جي روضي جي پير ۾ اولھ طرف دفن ڪيو ويو. مير عبدالحسن سانگي جو جنم 1851ع ۾ ڪلڪتي ۾ ٿيو.
- 12 جولاءِ 1942ع تي شاعر، مضمون نگار ۽ تاريخدان محمد منل ڪمالاڻي عرف م-ع ترابي ولد عدبالله خان موري ضلعي نوشهري فيروز ۾ پيدا ٿيو.
- 12 جولاءِ 1965ع تي نوجوان شاعر تابش بخاري اصل نالو غلام شبير شاھ ڳوٺ شير محمد ڏاوچ تعلقي دادو ۾ جنم ورتو.
- 13 جولاءِ 1989ع تي احمد خان "آصف" مصراڻيءَ دم ڏٽيءَ حوالي ڪيو.
- 13 جولاءِ 1998ع تي سنڌ ڌرتيءَ جو شاعر ناظم منگي وفات ڪئي.
- 14 جولاءِ 1946ع تي مهتاب محبوب اصل نالو (مهتاب عباسي) ڪراچي ۾ اک ڪولي ادبي سجاڳ ڪهاڻي، ناول، ڊرامو، مضمون ۽ سفر نامو اٿس.
- 14 جولاءِ 1920ع تي نالي وارو شاعر مولوي عبدالله "اثر" ولد الله ڏنو چانڊيو لاڙڪاڻي جي ڳوٺ ٻيڙو چانڊيو ۾ جنم ورتو. ادبي سجاڳ نثر ۽ نظم اٿس.
- 14 جولاءِ 1948ع تي مشهور ڪمپيئر، صدا ڪار ۽ ٽي وي ڊرامن جو اداڪار محمد علي ٻگهيو شهر بادھ تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.
- 14 جولاءِ 1978ع تي سنڌ جو نالي وارو ڪهاڻيڪار نسيم ڪرل لاڏاڻو ڪيو.
- 14 جولاءِ 1916ع تي سنڌي ادب جو وڏو مرتبي وارو ليکڪ، نقاد، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ مترجم پرم ابيچنداڻي خيرپور سنڌ ۾ جنم ورتو.
- 14 جولاءِ 1952ع تي احمد علي صابر چانڊيو ولد نواب خان چانڊيو ڳوٺ چاچڙي تعلقي ميروخان ضلعي قنبر ۾ ڄائو، ادبي خدمتون، شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار اٿس.
- 14 جولاءِ 1962ع تي شاعر ۽ اديب حيدر بخش عزيز گوپانگ، ڳوٺ حاجي خان گوپانگ تعلقي ڪنڊياري ۾ ناميارى تعليمدان محمد صالح گوپانگ جي گهر ۾ جنم ورتو.
- 15 جولاءِ 1942ع تي الطاف عباسي اصل نالو الطاف النبي عباسي سوڀو ديرو شهر ۾ عباسي محلي ۾ جنم ورتو. ادبي سجاڳ شاعر اٿس.
- 15 جولاءِ 1989ع تي سنڌي ادب جو روشن مينار استاد الشعراءِ احمد خان آصف رات جي رهزنن هٿان مارجي ويو.
- 15 جولاءِ 1945ع تي مشهور تاريخدان، محقق ۽ ليکڪ داد سنڌي جو اصل نالو ڪريم بخش ولد محمد قاسم سومرو هو، دادا سنڌي ڳوٺ داد لغاري تعلقي ڏهرڪي ضلعي گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيو.

- 15 جولاءِ 1958ع تي ريڊيو پاڪستان جو معروف سينئر پروڊيوسر آغا محمد علي ولد آغا نواب علي شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- 15 جولاءِ 1963ع تي ناميار صحافي، شاعر، ڪالم نويس ۽ ڊرام نگار نياز پنهور اصل نالو ذوالفقار علي ولد محمد ابراهيم پنهور عمرڪوٽ جي شهر شادي پلي ۾ جنم ورتو.
- 15 جولاءِ 1976ع تي ليکڪ راز شاهاڻيءَ جو اصل نالو رب ڏنو پٽ سائين بخش شاهاڻي آهي. راز شاهاڻي تعلقي جوهي، ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ حمل خان شاهاڻيءَ ۾ جنم ورتو.
- 16 جولاءِ 622ع تي سن هجريءَ جو آغاز ٿيو. جنهن وقت حضرت محمد صلي الله عليه وآلهٖ وسلم مڪي شريف کان مديني شريف هجرت ڪئي.
- 16 جولاءِ 1954ع تي سنڌ ڌرتيءَ جو قابل فخر شخصيت علامه علي خان ابڙو لاڏاڻو ڪري ويو. سندس پيدائش 1888ع ۾ ٿي.
- 16 جولاءِ 1994ع تي ماهر لسانيات، اديب، دانشور ۽ استاد ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو وفات ڪئي.
- 16 جولاءِ 1917ع تي در محمد اوستو ولد محمد حيات سومرو ڳوٺ پلي ڏنو آباد ضلعي جيڪب آباد ۾ ڄائو سڄاڻپ سنڌ جو زير تعليم وزير ٽرانسپورٽ ۽ علم دوست انسان هو.
- 17 1993ع تي پلوڙ انسان سچو صحافي فقير محمد لاشاري پنجاب صوبي جي شهر گوجر خان وٽ روڊ حادثي ۾ شهيد ٿيو. آخري آرام گاهه گاجي کهاوڙ ۾ آهي.
- 17 جولاءِ 1942ع تي ديوان گو شاعر لعل چند مجروح مڪمل نالو شيخ لعل چند عرف لعل محمد مجروح وفات ڪئي. لعل محمد مجروح قنبر شهر ۾ 1884ع تي پيدا ٿيو.
- 17 جولاءِ 1933ع تي سنڌ جو نالي وارو شاعر استاد پيرل قنبر ولد امام بخش عاصي سومرو ڳوٺ ٻني لڳ مبارڪ ڪلهوڙو تعلقي ميروخان ۾ جنم ورتو. استاد پيرل قنبر جو اصل نالو پير محمد هو.
- 17 جولاءِ 1940ع تي شاعر ۽ ليکڪ هاسا رام پروفيسر ڪي روهڙي ۾ رستي ويندي ڪيس گوليون هڻي قتل ڪيو ويو.
- 17 جولاءِ 1955ع تي شاعر، ڪهاڻيڪار، ڊرام نويس تاجدار عادل حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 17 جولاءِ 1953ع تي ناليواري مزاحمتي شاعر آتش سنڌي اصل نالو معشوق علي ولد ولي محمد شيخ قنبر علي خان ۾ جنم ورتو.
- 18 جولاءِ 1989ع تي نوجوان ڪهاڻيڪار بيوس محرم مغيري ولد محمد عثمان مغيري ڳوٺ الله بخش مغيري ۾ جنم ورتو.
- 18 جولاءِ 1972ع تي عبدالحسين ڏيسي ڳوٺ مڏ جي زميندار گهراڻي ۾ اک کولي. ادبي سڃاڻپ شاعر اٿس.
- 18 جولاءِ 1949ع تي اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي پهرين سنڌي خاتون گورنر، ڊاڪٽر شمشاد اختر ڏيٿو، حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 18 جولاءِ 1953ع تي نالي وارو شاعر ۽ ليکڪ برڪت بلوچ، حسين آباد ضلعي خيرپور ميرس ۾ جنم ورتو.

- 19 جولاءِ 1985ع تي اڳوڻي پاڪستاني وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽي جو پٽ سر شاهنواز ڀٽو فرانس جي پنهنجي رهائش گاهه تي مردهه حالت ۾ مليو.
- 19 جولاءِ 1938ع تي آغا صوفي اصل نالو آغا غلام نبي صوفي ولد آغا گل حسن وفات ڪئي.
- 19 جولاءِ 1969ع تي سنڌ جي منفرد شخصيت حاجي احمد ملاح بدين شهر جي اسپتال ۾ دم ڏني حوالي ڪيو.
- 19 جولاءِ 1962ع تي درگاهه سچل سرمست جو هاٽوڪو سجاده نشين، سخي قبول محمد درازي چوٿون، خواجه عدالحق (ٻئي) جي گهر ۾، درازا شريف ۾ ڄائو.
- 20 جولاءِ 1956ع تي سوانح نگار، شاعر محقق سفر نامه نويس ۽ براڊ ڪاسٽر نصير مرزا عرف (نصير علي بيگ مرزا) ٽنڊو نوڙهو ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو.
- 20 جولاءِ 1954ع تي رزاق مهر محلي مراد واهڻ لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نويس اٿس.
- 20 جولاءِ 1951ع تي سحر امداد حيدرآباد ۾ جنم ورتو (مڙس جو نالو امداد حسيني) سحر امداد جي ادبي سڃاڻپ، شاعر ۽ تنقيد اٿس.
- 21 جولاءِ 1946ع تي اديب محقق محبوب علي شيخ ولد حاجي شمس الدين ڳوٺ ٻٽ سرائي تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ ڄائو.
- 21 جولاءِ 1963ع تي نوجوان ليکڪ پرواني سيوهاڻي اصل نالو منظور علي سومرو سيوهڻ ۾ پيدا ٿيو.
- 21 جولاءِ 1910ع تي مشهور اديب، تاريخ نويس ۽ لسانيات جو ماهر پنڊت ڪشنچند ولد ٿوپڻ لال جيٽلي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو.
- 21 جولاءِ 1906ع تي سنڌ جو عوامي شاعر فقير دادن ولد ميان ڏني بخش جويو تعلقي وارهه جي ڳوٺ مياناداد چنجڻي ۾ پيدا ٿيو.
- 22 جولاءِ 1957ع تي نور الهُدي شاهه، سيد خادم حسين جي گهر ۾ جنم ورتو. ڄمڻ جو هنڌ ٽکڙ، ضلعو حيدرآباد ادبي سڃاڻپ ڊراما نويسي، ڪهاڻيڪار، شاعره ۽ ڪالم نويسي اٿس.
- 22 جولاءِ 1922ع تي جديد سنڌي شاعريءَ جو باني‌ڪار نارائڻ "شيام" جو اصل نالو نارائڻ داس پٽ گوڪلداست ناگواڻي هو. پاڻ ڳوٺ ڪاهي قاسم ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو.

---

نارائڻ شيام جي جنم تاريخ 15 جولاءِ ۽ جنم هنڌ نوشهرو فيروز ملي ٿو.

- 22 جولاءِ 2006ع تي خوبصورت شاعر اظهر گيلاني اصل نالو سيد انور علي شاهه ولد اصغر علي شاهه وفات ڪئي.
- 23 جولاءِ 1989ع تي پرخلوص اديب ۽ شاعر قاضي عبدالحئي "قائل" مڪي شريف ۾ وفات ڪئي.

- 23 جولاءِ 1878ع تي آزاديءَ جي تحريڪ جو علمبردار ۽ قومي ڪارڪن رئيس غلام محمد پرڳڙي ولد محمد خان پرڳڙي تعلقي جيمس آباد جي ڳوٺ ڏينگاڻ ۾ پيدا ٿيو.
- 24 جولاءِ 1981ع تي ڊاڪٽر اسد الله شاهه "بيخود" حسيني هن فاني دنيا کي هميشه لاءِ الوداع ڪيو.
- 24 جولاءِ 1932ع تي سنڌي، اردو ۽ سرائڪي زبانن ۾ ڪافي لکندڙ شاعر اختر اديب اصل نالو غلام محمد شاهه (ثاني) ولد باغ علي شاه لکوي لکيءَ، ضلعي شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- 24 جولاءِ 1901ع تي نامور شاعر خواجه غلام فريد وفات ڪئي. خواجه غلام فريد جا وڏا ٺٽي مان لڏي منڻ ڪوٽ ۾ آباد ٿيا. خواجه غلام فريد ذات جو ڪوريجو هو.
- 25 جولاءِ 1881ع تي امام بخش صابر، عرف شاهنواز خان جتوئي تعلقي موري جي ڳوٺ ملڪ ۾ ڄائو.
- 26 جولاءِ 1923ع تي ڪهاڻي نويس الله بخش ادبي نالو انيس انصاري ولد احمد بخش انصاري جي گهر لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 26 جولاءِ 1955ع تي پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم شهيد محترم بينظير ڀُٽي جو ور آصف علي زرداري ولد حاڪم علي زرداري نوابشاهه (هاڻي بينظير آباد) لڳ ڳوٺ مير خان زرداري (بلاول قبا) ۾ جنم ورتو. اصل نالو سجاول خان اٿس. هن وقت ملڪ جو صدر آهي.
- 26 جولاءِ 1979ع تي نوجوان پبلشر ۽ شاعر پارس رياض ملاح اصل نالو رياض حسين ڳوٺ جمال الدين ملاح، تعلقي ناري ضلعي خيرپور ۾ جنم ورتو.
- 27 جولاءِ 1927ع تي نالي وارو شاعر، محقق ۽ نقاد عبدالقيوم صائب حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 27 جولاءِ 1914ع تي سنڌ جو مايه ناز صوفي شاعر فقير ولي محمد لغاري (ثاني) لاڏاڻو ڪيو آخري آرام گاهه تاج پور ۾ اٿس.
- 27 جولاءِ 1961ع تي مخدوم جميل الزمان، مخدوم امين فهيم جي گهر ۾ هالا ۾ جنم ورتو. سڃاڻپ: سياسي اڳواڻ ۽ شاعر اٿس.
- 27 جولاءِ 1964ع تي ناميارو ليکڪ حفيظ ڪنير تعلقي ڪوٽ غلام محمد جي ڳوٺ حاجي عرس ڪالري ۾ ڄائو.
- 28 جولاءِ 1986ع تي سنڌ جو ناميارو نيٺ سنڌي راڳي فقير عبدالغفور لاڏاڻو ڪري ويو. فقير عبدالغفور 1910ع تي حيدرآباد شهر ۾ مهر شاهه ٻاڙي ۾ جنم ورتو.
- 28 جولاءِ 1895ع تي قاضي علي اڪبر درازي ولد علي محمد قاضي، قاضي عبدالسميع محلي روهڙي ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڃاڻپ مشهور اديب، شاعر، ۽ سچ سائين جو سوانح نگار آهي.
- 28 جولاءِ 1901ع تي نامور سياستدان ۽ بااثر زميندار محمد ايوب کهڙو ولد رئيس شاهه محمد کهڙو تعلقي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ عاقل ۾ جنم ورتو.
- 28 جولاءِ 2010ع تي مزاح نگار ۽ ڪالم نويس حليم بروهي وفات ڪئي.
- 29 جولاءِ 1894ع تي تاج الشعرا، فخر الشعرا هدايت علي نجفي "تارڪ" ولد فقير الهداد عرف تراب علي تنيو ڳوٺ لعلو رانئڪ تعلقي وارهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.

- 29 جولاءِ 1816ع تي (ٻيو پير پاڳارو) سيد علي گوهر شاهه اول "بنگل ڌڻي" سيد صبغت الله شاهه اول جو پٽ هو ڳوٺ رحيم ڏني ڪلهوڙي تعلقي خيرپور ۾ پيدا ٿيو.
- 29 جولاءِ 1965ع تي شاعر لالڻ چنو اصل نالو لعل ڏنو ولد محمد اسماعيل چنو سوڀوديرو، ضلعي خيرپور ميرس ۾ جنم ورتو.
- 30 جولاءِ 1903ع تي مولوي نذير حسين تخلص جلالي ولد مولوي خادم حسين جتوئي شاهپور جائو.
- 30 جولاءِ 1951ع تي سماجي ورڪر سيد اڪبر حسين شاهه راشدي ولد سيد حاجي مير مصطفيٰ راشدي جي گهر ۾ جنم ورتو. لاڙڪاڻي ضلعي لاءِ راشدي خاندان قابل فخر آهي.
- جولاءِ 1911ع تي پرسرام ضيا پٽ ننديرام جهامناڻي ٽنڊي آدم ضلعي سانگهڙ ۾ جنم ورتو. پاڻ قومي درد رکندڙ مشهور شاعر هو.
- 30 جولاءِ 1915ع تي ترقي پسند، قوم پرست ۽ سياستدان ارباب نور محمد پليجو جنم ورتو.
- 31 جولاءِ 2003ع تي سنڌ جو مزاحمتي شاعر ابراهيم منشي لاڏاڻو ڪيو.
- 31 جولاءِ 1955ع تي شاعره زبيده ميتلو قنبر علي خان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 31 جولاءِ 1966ع تي شاعر عرفان مهديءَ جنم ورتو.

---

**سائين جي ايم سيد جو سياسي سفر**

1929ع ڪراچي ضلعي بورڊ جو صدر چونڊيو ويو.
1930ع هاري ڪانفرنس ڪي منظم ڪيو ۽ ان جو پهريون سيڪريٽري ٿيو.
1937ع مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو.
1940ع سنڌ جو تعليم جو وزير ٿيو.
1941ع مرڪزي آل انڊيا مسلم ليگ جو ميمبر ٿيو.
1943ع سنڌ مسلم ليگ جو صدر چونڊيو ويو.
1946ع مسلم ليگ کان الڳ ٿي پروگريسو مسلم ليگ جو بنياد وڌو.
1954ع سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو.
1955ع نيشنل عوامي پارٽي جي قيام ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.
1966ع بزم صوفياءِ سنڌ جو بنياد وڌو.
1969ع سنڌ متحدا محاذ ناهيو.
1972ع جيئي سنڌ هلچل جو بنياد وڌو.

# *آگسٽ*

عيسوي سال جو اٺون مهينو آگسٽ آهي. هن مهيني تي اهو نالو مشهور رومي حڪمران "اگسٽس" (AUGUSTUS) جي نالي تي پيو. آگسٽس جي لفظي معنيٰ آهي دانا. هن مهيني دوران اتر اڌ گول ۾ ڏينهن ننڍا ٿيندا آهن، ان جي برعڪس ڏکڻ اڌ گول ۾ ڏينهن وڏا ٿي ويندا آهن. هن مهيني ۾ مينهن وسن ٿا. هن مهيني ۾ 31 ڏينهن ٿين ٿا.

- پهرين آگسٽ 1975ع تي زاهد عباسي سوڀو ديرو شهر جي پرسان ڪلهوڙا ڳوٺ ۾ جنم ورتو. سجاڳپ، شاعر اٿس.
- پهرين آگسٽ 2000ع تي ڪتاب لاڙڪاڻو امر شخصيتون! لاڙڪاڻو ريسرچ اڪيڊمي ڇپايو ترتيب عبدالستار پٿي ڏني.
- پهرين آگسٽ 1901ع تي لاڙڪاڻي جي تاريخي، سياسي، ۽ اقتصادي اهميت ڪي محسوس ڪندي ضلعي جو قيام عمل ۾ آندو ويو.
- پهرين آگسٽ 1941ع تي تعليمي ماهر صاحب خان چنا لاڙڪاڻي جي ڳوٺ الهيار آگاڻي ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين آگسٽ 1982ع تي مشهور شاعر ۽ مصري شاهه جي درگاهه جو سجاده نشين، روحاني پيشوا سيد غلام قادر شاهه نصرپوري انتقال ڪيو سندس مزار نصرپور ۾ آهي.
- پهرين آگسٽ 1948ع تي مشهور شاعر ۽ اديب نظام الدين "ناظر" چانڊيو ولد مولوي عبدالله "اثر" چانڊيو ڳوٺ ٻيڙو چانڊيو تعلقي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين آگسٽ 1944ع تي مشهور شاعر نظام "زائر" خيرپور ۾ جنم ورتو.
- پهرين آگسٽ 1932ع تي سنڌي ٻوليءَ جي بهترين شاعر ۽ اديب احمد مجتبيٰ غالب ڳوٺ ملڪاڻي شريف دادو ۾ جنم ورتو.
- پهرين آگسٽ 1972ع تي نامور محقق، ليکڪ ۽ شاعر ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو ولد لونگ خان ڄامڙو ڳوٺ گل محمد ڄامڙي راڻيپور، ضلعي خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين آگسٽ 1960ع تي ليکڪ ۽ محقق خير محمد لغاري ڳوٺ جعفر خان لغاري، تعلقي سنجهوري، ضلعي سانگهڙ ۾ ولي محمد خان لغاريءَ جي گهر ۾ جنم ورتو.
- پهرين آگسٽ 1977ع تي مشهور ڪالم نويس ۽ قومي ڪارڪن ستار زنگيجو روهڙي، ضلعي سکر ۾ ڄائو.
- پهرين آگسٽ 1978ع تي نوجوان شاعر ۽ صحافي امين لاکو اصل نالو محمد امين ولد محمد هاشم لاکو دولت پور صفن ۾ جنم ورتو.
- 2 آگسٽ 1892ع تي عظيم شاعر ڇتي فقير سانگي ميروخان تعلقي جي ڳوٺ دڙي ۾ وفات ڪئي.

- 2 آگسٽ 1946ع تي سنڌي ٻوليءَ جي نامياري شاعر، ناٽڪ ڪار ۽ اديب ڊاڪٽر پريم پرڪاش اصل نالو پريم سنگهه سنت سنگهه ميلسنگهاڻي حيدرآباد سنڌ ۾ جنم ورتو.
- 2 آگسٽ 1963ع تي مشهور ڪهاڻيڪار ۽ ڪالم نگار اعجاز علي ولد فتح علي سمون خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو.
- 3 آگسٽ 1968ع تي شاعر جوش منگي (جاويد حسين منگي) پنجوديرو لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 4 آگسٽ 2000ع يارن جو يار ۽ ڪچهريءَ جو مور فنڪار محمود صديقيءَ جو وڇڙو ٿيو.
- 4 آگسٽ 1939ع تي مشهور شاعر ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور جي درگاهه جو سجاده نشين محمد امين فهيم مخدوم، ولد مخدوم زمان طالب الموليٰ هالا نوان ۾ جنم ورتو.
- 4 آگسٽ 1862ع تي (پنجون پير پاڳارو) سيد شاهه مردان شاهه اول "ڪوٽ ڌڻي" ولد حزب الله شاهه مسڪين جنم ورتو.
- 4 آگسٽ 1929ع تي (اداڪار) ڄاڄاڻي رميش روچيرام، سنڌ رنگ منچ اسٽيج جو سداحيات اداڪار خيرپور ۾ جنم ورتو.
- 4 آگسٽ 1967ع تي شاعر زاهد دارا ابڙو جنم ورتو.
- 4 آگسٽ 1991ع تي شاعر عرفان مهدي لاڏاڻو ڪيو.
- 5 آگسٽ 1935ع تي حليم بروهي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. والد جو نالو (عبدالعزيز) ادبي خدمتون مزاح نگار، ڪهاڻيڪار ۽ ڪالم نويس هئس.
- 5 آگسٽ 1895ع تي خلافت تحريڪ جو اڳواڻ علي انور شاهه راشدي ڳوٺ الهه بخش ڪلهوڙو عرف شاهه آباد تعلقي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 5 آگسٽ 1944ع تي سنڌ جو بيباڪ سياسي اڳواڻ ۽ صحافي حمزو خان پليجو جنگشاهي جي ڳوٺ مگر خان پليجي ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو.
- 5 آگسٽ 1905ع تي پير علي محمد شاهه راشدي ولد پير محمد حامد شاهه راشدي ڳوٺ ڀمڻ لڳ نصرت اسٽيشن تعلقي رتي ديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. ادبي سجاڳپ ادب تاريخ، سياست ۽ صحافت ۾ پاڻ ملهايو.
- 5 آگسٽ 1974ع تي مشهور راڳي ذوالفقار علي خاصخيلي ولد فقير الهڏنو خاصخيلي، ٽنڊي الهيار جي ڳوٺ پاڪ سنگهار ۾ جنم ورتو.
- 5 آگسٽ 1961ع تي ناليواري صحافي ۽ ليکڪ رُڪ سنڌي جو اصل نالو غلام اصغر ولد غلام جعفر منگي ڳوٺ حامد اڃڻ، تعلقي ڪنڊياري، ضلعي نوشهري فيروز ۾ جنم ورتو.
- 5 آگسٽ 1963ع تي نامياري ليکڪ اصغر سنڌيءَ جو اصل نالو غلام اصغر ولد محمد آچر مجاهد عباسي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 6 آگسٽ 1958ع تي سنڌ جو خوبصورت شاعر قمر الدين ولد امام بخش خاصخيلي ڳوٺ الهيار خان مستوئي تعلقو ميروخان ۾ پيدا ٿيو.
- 7 آگسٽ 1953ع تي جمع خان غريب جمعيت الشعراءِ سنڌ ۽ مجلس علم و ادب هالا جو سرگرم رڪن لاڏاڻو ڪري ويو.

- 7 آگسٽ 1904ع تي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو صحتمند ۽ پرخلوص خدمتگار محمد يعقوب نياز ٽنڊي ڄام ۾ پيدا ٿيو.
- 7 آگسٽ 1947ع تي نالي وارو شاعر راز ناٿن شاهي اصل نالو علي شير ولد نور محمد ميراڻي، ضلعي دادو جي مشهور شهر خيرپور ناٿن شاهه ۾ جنم ورتو.
- 8 آگسٽ 1934ع تي نقاد، محقق ۽ اديب ڊاڪٽر الهداد ولد محمد علي ٻوهيو ڳوٺ پيچوها نزد لالو رائنڪ تعلقي وارهه ۾ جنم ورتو.
- 8 آگسٽ 1924ع تي سماجي ورڪر، جج، دانشور تاج محمد ابڙو ولد قادر بخش خان ابڙو شهدادڪوٽ ۾ جنم ورتو.
- 8 آگسٽ 1996ع تي مشهور شاعر ۽ اديب نظام الدين ناظم چانڊيو وفات ڪئي.
- 8 آگسٽ 1927ع تي لال ڪرشن آڏواڻي ڪراچي ۾ جنم ورتو.
- 8 آگسٽ 1925ع تي سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو شاعر ايم ڪمل اصل نالو مولچند منگھارام بندراڻي شهر ڪنڊياري جو رهندڙ هو. جنم ڪراچيءَ ۾ ٿيس.
- 9 آگسٽ 1884ع تي مير علي نواز خان ٽالپر ولد مير امام بخش خان ٽالپر ضلعي خيرپور ميرس جي ڳوٺ ڪوٽ ڏيجي ۾ تولد ٿيو. ادبي سڃاڻپ سنڌي ٻولي جو باڪمال شاعر، علم، ادب ۽ موسيقيءَ سان چاهه رکندڙ شخص هو.
- 9 آگسٽ 1757ع تي ميان غلام شاهه ڪلهوڙي کي سنڌ جي گادي تي ويهاريو ويو.
- 9 آگسٽ 1969ع تي شاعر امتياز ڪلهوڙو ولد غلام قادر ڪلهوڙو ڳڙهي خدا بخش ڀٽو، ۾ جنم ورتو.
- 10 آگسٽ 1959ع تي سنڌ ڌرتي سان ٿيندڙ نا انصافين خلاف جدوجهد ڪندڙ، قومپرست سياست کي عبادت سمجھندڙ نئين نسل جي رهنمائي ڪندڙ سياستدان محترم بشير خان قريشي ولد غلام مرتضيٰ قريشي موٽڻ پور محلي رتيديري شهر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 10 آگسٽ 1954ع تي سنڌ جو مشهور ناچو ڪلاڪار، چاندي فقير ولد اجيم ڀيل ڳوٺ مالهيءَ جو پار تعلقي ڇاڇري ضلعي ٿرپارڪر ۾ جنم ورتو.
- 10 آگسٽ 1956ع تي ناليوارو محقق شوڪت خواجائي ڪراچيءَ ۾ لطيف بخش خواجائي جي گهر ۾ پيدا ٿيو.
- 10 آگسٽ 2012ع تي سنڌ جو نالي وارو ليکڪ جديد شاعر، مترجم، محقق ۽ ڊرامہ نويس شمشيرالحيدري لاڏاڻو ڪيو.
- 11 آگسٽ 1988ع تي سنڌي مهاجر فسادن دوران بشير خان قريشي کي گرفتار ڪري 18 مهينن لاءِ قيد جي زندان ۾ رکيو ويو.
- 11 آگسٽ 1897ع تي عظيم انسان حافظ امام بخش سومرو جنم ورتو.
- 11 آگسٽ 1954ع تي سما خاندان جو آخري حڪمران ڄام ڪانيو خان وفات ڪئي.
- 11 آگسٽ 1976ع تي تفسير ۽ شرح جو ڄاڻو شاعر، ۽ نثر نويس آخوند محمد حسن مسڪين لاڏاڻو ڪيو.

- 11 آگسٽ 1934ع تي برک عالم، استاد، اديب، نقاد ۽ شاهه لطيف جو پارکو، حيدر علي لغاري تاجپور جي نواب گهراڻي ۾ نواب قنبر علي لغاريءَ جي گهر ۾ جنم ورتو.
- 12 آگسٽ 1772ع تي ميان غلام شاهه ڪلهوڙو ڪوٽ، قلعا، تخت ڇڏي راهه رباني وٺي ويو.
- 12 آگسٽ 1915ع تي مهان اديب ۽ دانشور محمد ابراهيم جويو ولد محمد خان جويو تيرٿ لڪي جي پر ۾ ڳوٺ آباد تعلقي ڪوٽڙي ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو.
- 12 آگسٽ 1925ع تي سنڌ ٻوليءَ جي برک اديب، سماج سڌارڪ صحافي ٿهليرام آزاد جو مڪمل نالو ٿهليرام جسومل ڪوڏواڻي ٽنڊي محمد خان شهر ۾ جنم ورتو.
- 12 آگسٽ 2009ع تي شاعر امير ملاح اصل نالو محمد ابراهيم ولد ڇٽو خان ملاح وفات ڪئي.
- 13 آگسٽ 1936ع تي ماهر تعليم، دانشور، سماج سڌارڪ، مورخ ۽ محقق ڊاڪٽر حميده کهڙو محمد ايوب کهڙو جي گهر ۾ جنم ورتو. جنم ڀومي لاڙڪاڻو اٿس.
- 13 آگسٽ 1977ع تي ثميره زرين ڀرپور جواني ۾ هن جهان کي ڇڏي دارالبقا ڏانهن رواني ٿي.
- 13 آگسٽ 1924ع تي سنڌ جو قادر الڪلام شاعر هزارو خان "مجاهد" ولد لعل بخش عباسي ڳوٺ گهوگهاري تعلقي قنبر، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 13 آگسٽ 1937ع تي سنڌي ٻوليءَ جي نامياري ليکڪ، محقق ۽ لسانيات جو ماهر ڊاڪٽر پرسي گدواڻي جو مڪمل نالو پرسو جيسومل گدواڻي دادوءَ ۾ جنم ورتو.
- 13 آگسٽ 1969ع تي نوجوان شاعر ۽ ريڊيو ڪمپيئر محمد ايوب، محمد رمضان شيخ جي گهر لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 14 آگسٽ 1929ع تي مشهور شاعر اميد خيرپوريءَ جو اصل نالو اميد علي ولد زوار علي مراد جمالي خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو.
- 14 آگسٽ 1901ع تي سنڌ جو ناميارو سياستدان محمد ايوب کهڙو ڳوٺ عاقل ۾ ڄائو.
- 14 آگسٽ 1971ع تي نوجوان شاعر بيخود بلوچ اصل نالو فتح الله جسڪاڻي تعلقي ڀني عاقل جي ڳوٺ جمعي جسڪاڻيءَ ۾ جنم ورتو.
- 14 آگسٽ 1934ع تي سنڌي ٻوليءَ جي برک ليکڪا، شاعره، ڪهاڻيڪاره ۽ ناول نگار ريٽا شاهاڻي حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 14 آگسٽ 1939ع تي مشهور اديب ۽ محقق محمد علي حداد، خيرپور ميرس ۾ جنم ورتو.
- 14 آگسٽ 1984ع تي غلام فريد سنڌي اصل نالو غلام فريد حاجي آهي هن نوجوان شاعر جو جنم ڳوٺ پيروز حاجيءَ ۾ ٿيو.
- 14 آگسٽ 1947ع تي سنڌ سميت سڄي برصغير ۾ انگريزن جو راڄ ختم ٿيو.
- 14 آگسٽ 1937ع تي مشهور اديب ۽ دانشور ظفر حسن سيد حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو.
- 14 آگسٽ 1931ع تي سنڌ جو هاڪارو رئيس غلام مصطفيٰ خان جتوئي ولد غلام رسول جتوئي ڳوٺ جتوئي نوان ضلعي موري تعلقي نوشهري فيروز ۾ پيدا ٿيو.

- 14 آگسٽ 1891ع تي سنڌي ٻوليءَ جو اهم شاعر آخوند محمد قاسم هالائي پراڻا هالا ۾ وفات ڪئي.
- 14 آگسٽ 1948ع تي ريڊيو پاڪستان ڪراچي جي نشريات جو آغاز ٿيو.
- 14 آگسٽ 1969ع تي اڪرم ساگر عباسي پنجوديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڃاڻپ، شاعر ۽ ڪهاڻيڪار آهي.
- 14 آگسٽ 1947ع تي نالي واري سماجي ڪارڪن بلقيس ايڌي، عبدالستار ايڌي جي جيون ساٿي آهي هن جو جنم ڪراچي ۾ ٿيو.
- 15 آگسٽ 1922ع تي سنڌ خلافت ڪاميٽي صوبي ۾ غازي ڪمال پاشا جو ڏهاڙو ملهايو.
- 15 آگسٽ 1981ع تي بينظير ڀٽو صاحب کي ڪراچي جيل منتقل ڪيو ويو.
- 15 آگسٽ 1918ع تي قائد اعظم جي شادي 41 سالن جي عمر ۾ هڪ پارسي سيٺ مسٽر ڊنشا پيٽنٽ جي ڌي مس رتنا ٻائي سان هندستان جي شهر ڪلڪتي ۾ ٿي هئي.
- 15 آگسٽ 1921ع تي سنڌي ناول نويس ۽ نثر نويس گوبند مالهي جنم ورتو.
- 15 آگسٽ 1955ع تي ادل سومرو اصل نالو (ڊاڪٽر عبدالڪريم سومرو) سکر شهر ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڃاڻپ شاعر، محقق، ۽ ٻاراڻو ادب جو تخليقار، پي ايچ ڊي جو موضوع: سنڌي ادبي سنگت تاريخ ۽ ڪردار.
- 15 آگسٽ 2002ع تي سنڌ جي ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامہ نگار رزاق مهر هن فاني جهان کي الوداع ڪيو.
- 15 آگسٽ 1902ع تي شاعر انجم هالائي هالن ۾ جنم ورتو.
- 15 آگسٽ 1914ع تي شاعر غني قاضي جنم ورتو.
- 15 آگسٽ 1929ع تي ليکڪ مراد علي مرزا (ٽنڊو آغا) ۾ جنم ورتو.
- 15 آگسٽ 1932ع تي ميهڙ سان تعلق رکندڙ ليکڪ آنند تاملراماڻي جنم ورتو.
- 15 آگسٽ 1937ع تي نوابشاهه سان تعلق رکندڙ شاعر ولي رام ڪشائي جنم ورتو.
- 15 آگسٽ 1939ع تي ليکڪ محمد علي حداد خيرپور ۾ اک کولي.
- 15 آگسٽ 1932ع تي سنڌ جو ناميارو ليکڪ ۽ هدايتڪار آنند نهلراڻي ميهڙ ضلعي دادو ۾ ڄائو.
- 15 آگسٽ 1949ع تي مزاحمتي شاعر افضل قادري لاڙڪاڻي جي ڳوٺ دودي سنهڙي ۾ ڄائو.
- 15 آگسٽ 1959ع تي شاعر ۽ صحافي اثر سنڌيءَ جو پورو نالو عبدالعزيز سولنگي ولد چنيسر خان سولنگي جهمپير ضلعي ٺٽي ۾ جنم ورتو.
- 15 آگسٽ 1973ع تي نوجوان شاعر ۽ صحافي علي زاهد اصل نالو زاهد علي عباسي ولد غلام محمد عباسي ڳوٺ خانپور تعلقو کي اين شاهہ ضلعو دادو ۾ جنم ورتو.
- 16 آگسٽ 1991ع تي سنڌ جو مصور ۽ اديب ع ق شيخ وفات ڪئي.
- 16 آگسٽ 1948ع تي مشهور سياسي ۽ سماجي اڳواڻ غلام قادر پليجو ولد علي محمد پليجو ڳوٺ منگر خان (جنگشاهي ضلعي ٺٽي) ۾ جنم ورتو.

- 16 آگسٽ 1978ع تي نوجوان شاعر امر ابڙو بادھ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 17 آگسٽ 1924ع تي سنڌ جو ليکڪ ڊاڪٽر ارجن چنداڻي ڪراچي ۾ پيدا ٿيو. تخلص "شاد" ادبي سڃاڻپ شاعر:- پي ايڇ ڊي جو موضوع: سنڌي غزل تحقيق، تنقيد ۽ شاعر.
- 17 آگسٽ 1967ع تي پلوڙ شاعر عبدالله شرر وفات ڪئي.
- 17 آگسٽ 1955ع تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي نشريات جو آغاز هوم سٽيڊ هال حيدرآباد مان ٿيو.
- 17 آگسٽ 1947ع تي خيرالنساءَ جعفري حيدرآباد ۾ ڄائي. اديب سڃاڻپ سنڌ جي جديد ڪهاڻيڪار آهي.
- 17 آگسٽ 1963ع تي شاعره زيب نظاماڻيءَ ٽنڊو محمد خان ۾ جنم ورتو.
- 18 آگسٽ 1960ع تي شاعر ۽ اديب مختيار سمون ولد يار محمد شهر ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 18 آگسٽ 1934ع تي استاد، اديب، دانشور ۽ ماهر لسانيات ڊاڪٽر الهداد ولد محمد علي ٻوهيو ڳوٺ پيچوها تعلقي وارھ ان وقت ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 18 آگسٽ 1941ع تي سنڌي ٻوليءَ جو ڄاتل سڃاتل اديب ولي رام ولڀ ولد ڪيول رام مشهور شهر مٺي ۾ جنم ورتو.
- 18 آگسٽ 1936ع تي سنڌي ۽ اردو جي مشهور شاعره نور شاهين اصل نالو نور جهان ڌيءَ شاهھ محمد خان علي زئي ڪاڪڙ پناڻ جي گهر ۾ جنم ورتو.
- 18 آگسٽ 1960ع تي سنڌ جو مقبول عوامي فنڪار برڪت علي پٽ مشهور فنڪار رسول بخش پٽ جو پٽ آهي برڪت پٽ جو جنم هنڌ سکر آهي.
- 18 آگسٽ 1961ع تي مشهور اديب ترجمي نگار ۽ ڪالم نگار خالد چانڊيي جو پورو نالو سيف الله ولد امان الله چانڊيو ڳوٺ ڀنيي خان چانڊيي تعلقي ميروخان، ضلعي قنبر شهدادڪوٽ ۾ ڄائو.
- 18 آگسٽ 1932ع تي ملڪ جو يارهون وزيراعظم محمد خان جوڻيجو ولد دين محمد جوڻيجو ضلعي سانگهڙ تعلقي ڪپري ۾ سنڌڙي لڳ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو.
- 18 آگسٽ 2006ع تي سنڌي روزاني اخبار "آس" حيدرآباد مان شايع ٿي هن اخبار جو باني عبدالمجيد راجپوت عرف امر پٽني آهي.
- 19 آگسٽ 1953ع تي مشهور صوفي شاعر فقير غلام "مسرور" وفات ڪئي آخري آرام گاهھ شڪارپور ۾ اٿس.
- 19 آگسٽ 1971ع تي مشهور شاعر لکيراج ڪشنچند عزيز لوڪ پڌاريو.
- 20 آگسٽ 1933ع تي ناميارو ترقي پسند اديب، محقق، نقاد ۽ شاعر رشيد ڀٽي ڳوٺ اروڙ تعلقي روهڙي ضلعي سکر ۾ ڄائو.
- 21 آگسٽ 1928ع تي سنڌ جي مشهور انقلابي هاري اڳواڻ ۽ ترقي پسند دانشور، ڪامريڊ روچيرام جو جنم تنو مل لوهاڻي جي گهر مٺي ۾ ٿيو.

- 21 آگسٽ 2012ع تي نامور ڀارتي سنڌي اديب شاعر ۽ ليکڪ ارجن سڪايل 93 ورهين جي ڄمار ۾ ڀارت جي علائقي اولهه انڌيري ۾ ديهانت ڪري ويو.
- 21 آگسٽ 1960ع تي سنڌ جو ڄاتل سڃاتل نعت گو شاعر سيد گل محمد شاهه بخاري درگاهه شريف ميان غلام صديق ميمڻ شهدادڪوٽ ۾ جنم ورتو.
- 21 آگسٽ 1940ع تي سنڌ جو باڪمال شاعر عبدالڪريم پلي ولد خانصاحب عطا محمد پلي تعلقي عمرڪوٽ ۾ پيدا ٿيو.
- 21 آگسٽ 1936ع تي جديد سنڌي ڪهاڻي ۾ اهم نالو اندرا واسواڻي ميرپور خاص سنڌ ۾ جنم ورتو.
- 21 آگسٽ 2012ع تي شاعر، ليکڪ ۽ لسنر ڊاڪٽر قربان علي جهتيال لاڏاڻو ڪيو.
- 22 آگسٽ 1937ع تي عظيم ۽ امر انسان نور محمد لاڪير وفات ڪئي. سندس وصيت مطابق مسلم هاسٽل حيدرآباد جي احاطي ۾ دفنايو ويو.
- 22 آگسٽ 1954ع تي شاعر، اديب ثناءُ الله ثنا سرهندي خواجہ محمد ابراهيم خليل سرهندي جي گهر گلزار خليل پير سرهندي تعلقي ساماري ضلعي عمرڪوٽ ۾ جنم ورتو.
- 22 آگسٽ 1906ع تي خواجہ جي-الانا جوپورو نالو غلام علي ولد الهه ڏنو خواجہ ڪراچي ۾ پيدا ٿيو ادبي سڃاڻپ انگريزي ۾ هڪ شاعر ۽ ليکڪ جي حيثيت ۾ عالمي شهرت حاصل ڪئي.
- 22 آگسٽ 1967ع تي نوجوان ڪمپيوٽر انجنيئر اياز شاهه حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 22 آگسٽ 1976ع تي نوجوان شاعر ۽ ريڊيو پروڊيوسر، مضمون نگار نادر جوڻيجو، خادم حسين جوڻيجي جي گهر لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو
- 23 آگسٽ 1992ع سنڌ جو مشهور شاعر سليم هالائي لاڏاڻو ڪيو.
- 23 آگسٽ 1943ع تي محقق، تاريخدان ۽ اديب محمد لائق زرداري ولد احمد خان زرداري ڳوٺ محمد موسيٰ زرداري تعلقي موري ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ڄائو.
- 23 آگسٽ 1946ع تي مثالي سماجي ورڪر ۽ ادبي ذوق رکندڙ شخصيت محمد ملوڪ انڙ ڳوٺ راهب شاهه تعلقي سڪرنڊ ضلعي نوابشاهه ۾ ڄائو.
- 23 آگسٽ 1967ع تي نئين ٽهيءَ جي شاعره رخسانہ پريت اصل نالو رخسنہ ڏيءَ محمد صديق چنڙ ڪاري موري، حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 24 آگسٽ 1889ع تي مولانا ميان گل محمد ميمڻ وفات ڪئي سندس قبر مبارڪ درگاهه شريف صديقيہ شهداد ڪوٽ ۾ آهي.
- 24 آگسٽ 1974ع تي سياستدان ۽ وڪيل عبدالستار پيرزادو وفات ڪئي.
- 24 آگسٽ 1977ع تي مشهور شاعر محمد جمن هالو وصال ڪيو. مڪليءَ قبرستان ۾ دفن ٿيل آهي.
- 24 آگسٽ 1980ع تي مشهور صحافي، اديب ۽ بهادر حر مجاهد فقير محمد رحيم مهر لاڏاڻو ڪيو.

- 25 آگسٽ 1896ع تي سنڌي ٻوليءَ جو صاحب فن شاعر ۽ قابل احترام استاد، قادر بخش بشير شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- 25 آگسٽ 1998ع تي ماڪيءَ ڪان مٺو آواز محمد علي ٻگهيو لاڏاڻو ڪيو.
- 25 آگسٽ 2008ع تي برک عالم، استاد، اديب، نقاد ۽ شاه لطيف جو پارکو حيدر علي لغاري اختر ڪاٽيجز، حيدرآباد ۾ پنهنجي رهائشگاهه تي وفات ڪئي.
- 26 آگسٽ 1824ع تي مير حسن علي خان ٽالپر ولد مير نور محمد خان ٽالپر جنم ورتو. سڃاڻپ نامور عالم، سخن سنج شاعر هو.
- 27 آگسٽ 1929ع تي مراد علي مرزا حيدرآباد جي ٽنڊو آغا اسماعيل شاهه ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس، مترجم، نقاد اٿس.
- 27 آگسٽ 1996ع تي قاضي عبدالمجيد عابد هن فاني جهان کي الوداع ڪيو.
- 27 آگسٽ 1842ع تي جليل القدر صوفي بزرگ ۽ سچل سائين جي درگاهه جو پنجون سجاده نشين سخي قبول محمد درازي (ثاني) ولد خواجه نجم الدين درازن ضلعي خيرپور ميرس ۾ جنم ورتو.
- 27 آگسٽ 1986ع تي نالي وارو شاعر، اديب ۽ صحافي ذوالفقار راشدي لاڏاڻو ڪيو.
- 27 آگسٽ 1974ع تي شاعره ۽ ڪالم نويس عرفانه ملاح جنم ورتو.
- 28 آگسٽ 1950ع تي ڪمپيئر ۽ صحافي اسلم آزاد ولد سليمان ڪورائي بلوچ حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 28 آگسٽ 1968ع تي سنڌي ٻوليءَ جي ليکڪا ۽ شاعره امر سنڌو اصل نالو سلميٰ اٿس. والد جو نالو حسين بخش لغاري جنم جو هنڌ ڳوٺ دودو خان لغاري تعلقي ميرپور خاص آهي.
- 28 آگسٽ 1965ع تي سنڌي فلمن ۽ ڊرامن جو مشهور اداڪار احمد حسين ولد محمد بچل ميمڻ دادوءَ ۾ پيدا ٿيو.
- 30 آگسٽ 1971ع تي قومي ڪارڪن، نامور شاعر، اديب، نقاد، ناول نگار ۽ مترجم نواز خان زنئور تعلقي ميرپور بٺوري جي ڳوٺ احمد خان زنئور ۾ جنم ورتو.
- 30 آگسٽ 1972ع تي نظم جي شاعر علي محمد خالديءَ وفات ڪئي.
- 31 آگسٽ 1915ع تي مير علي احمد ٽالپر ولد مير نبي بخش ٽالپر ٽنڊي مير محمود، حيدرآباد ۾ اک کولي، ادبي سڃاڻپ:- ممتاز سياستدان، اديب، مفڪر ۽ فلاسفر اٿس.

---

- ڪنول پبليڪشن قنبر 2001ع ۾ وجود ۾ آئي.
  ڪنول پبليڪشن قنبر جو سنپاليندڙ سعيد سومرو آهي.
- اداره ادب نو - حيدرآباد: هي اشاعتي ادارو ناليواري ڪهاڻيڪار طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل 1959ع تي قائم ڪيو.
- زئبسٽ (SZABIST) ملڪ جي نوجوانن کي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي شعبي ۾ خودڪفيل بنائڻ لاءِ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي قائم ڪيل اداري شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس ائنڊ ٽيڪنالوجي جو بنياد 1993ع ڌاري پيو، هن اداري جي باني چانسلر محترمه بينظير ڀٽو شهيد هئي. هي ادارو لاڙڪاڻي جي سچل ڪالوني ۾ آهي.

# ✵ سيپٽمبر ✵

- عيسوي سال جو نائون مهينو سيپٽمبر آهي. سيپٽمبر لاطيني زبان جي لفظ سيپٽم (SETPTEM) مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ستون پراڻي رومن ڪيلينڊر ۾ هي مهينو ستون هو، پريورپي ڪيلينڊر ۾ هن جو نمبر نائون آهي. هي مهينو موسمن جي مٽاسٽا جي لحاظ کان نهايت اهم مهينو آهي. هن ئي مهيني دوران 21 سيپٽمبر تي سج بلڪل خط الستوا تي چمڪڻ لڳندو آهي ۽ سڄي دنيا ۾ ڏينهن رات برابر ٿين ٿا. اتر اڌ گول ۾ خزان جي موسم ۽ ڏکڻ اڌ گول ۾ بهار جي موسم ٿئي ٿي. هن مهيني ۾ 30 ڏينهن ٿين ٿا.
- پهرين سيپٽمبر 1858ع تي سنڌ جي درسگاهه سنڌ مدرسة السلام جو افتتاح ٿيو.
- پهرين سيپٽمبر 2009ع تي ڪتاب سوڀي ديري جا ڏات ڌڻي تحقيقي جائزو ليکڪ خاوند ڏنو لاڙڪ سنڌ ادبي سنگت شاخ سوڀو ديرو ڇپرايو.
- پهرين سيپٽمبر 1966ع تي صوفي شاعر صوفي درويش علي لاڙڪ اصل نالو (روشن علي) ڳوٺ پيالو لاڙڪ سوڀوديرو جي پرسان جنم ورتو.
- پهرين سيپٽمبر 1939ع تي اديب پروفيسر ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي ولد حاجي رحيم بخش ميمڻ لاڙڪاڻي شهر ۾ جنم ورتو.
- پهرين سيپٽمبر 1961ع تي سنڌ جو علم دوست شخص، ۽ مرتب خادم حسين چانڊيو ڳوٺ شادي خان چانڊيو تعلقي سڪرنڊ ضلعي نواب شاهه ۾ اميد علي خان چانڊئي جي گهر ۾ جنم ورتو.
- پهرين سيپٽمبر 1958ع تي شاعر ۽ براڊ ڪاسٽر ڪوثر ٻرڙي جو اصل نالو غلام قاسم ولد نبي بخش ٻرڙو ڳوٺ جاني ٻرڙي تعلقي ڪوٽ ڏيجي، ضلعي خيرپور ۾ جنم ورتو.
- سيپٽمبر 1975ع تي نوجوان قومپرست اڳواڻ روپلو چولياڻي، اصل نالو عبدالجبار چولياڻي، ڳوٺ شمون خان چولياڻيءَ (تعلقي وارهه، ضلعي قنبر شهدادڪوٽ) ۾ عبدالستار چولياڻيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو.
- پهرين سيپٽمبر 1968ع تي نوجوان ليکڪ ۽ چترڪار خالد پٺي اصل نالو خالد سيف الله ولد مولوي محمد مراد شڪارپور ۾ ڄائو.
- پهرين سيپٽمبر 1970ع تي صوفي راڳي فقير مظهر علي ولد فقير لطف علي دايو، رتيديري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- پهرين سيپٽمبر 1966ع تي نوجوان شاعر ذوالفقار گاڏهي، شير محمد ڳاڏهي، ڪي اين شاهه ضلعي دادو ۾ جنم ورتو.
- پهرين سيپٽمبر 1957ع تي شاعر ۽ ليکڪ، ڪامريڊ ڪريم بلوچ اصل نالو عبدالڪريم ولد شاهه محمد بلوچ ڳوٺ باراني مغيري لڳ لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.

- 2 سيپٽمبر 1950ع تي پروفيسر علي مرتضيٰ ڌاريجو لاڙڪاڻي ضلعي ۾ جنم ورتو. ادبي سڄاڻپ ناميارو مترجم ۽ اديب اٿس.
- 2 سيپٽمبر 1945ع تي مترجم ڪهاڻيڪار، ناول نگار علي محمد پرويز والد جو نالو محمد سليمان ميمڻ جي گهر ۾ جنم ورتو، جنم ڀومي ڳوٺ لاڪا، تعلقو ميرپور ٻنورو، ضلعو ٺٽو اٿس.
- 2 سيپٽمبر 1962ع تي مشهور سنڌي ادب جو پارکو عثمان علي انصاري ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪيو.
- 3 سيپٽمبر 1995ع تي بلاول فائونڊيشن، نوابشاهه هيءَ هڪ غير سرڪاري ۽ غير سياسي تنظيم آهي. جيڪا نوابشاهه ۾ موجود آهي جنهن جو بنياد رکيو ويو.
- 3 سيپٽمبر 1966ع تي صحافي ۽ ليکڪ جعفر ميمڻ ولد سائين داد ميمڻ لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 3 سيپٽمبر 1936ع تي نامور ڪهاڻيڪار، اخبار نويس، مترجم ۽ تاريخدان جينت ريلواڻي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 3 سيپٽمبر 1954ع تي ناميار صحافي، روزاني عوام آواز جي چيف ايڊيٽر ۽ پبلشر عبدالجبار خٽڪ ڪراچي ۾ جنم ورتو.
- 4 سيپٽمبر 1951ع تي اديب ۽ صحافي فقير محمد لاشاري ولد محمد حسن لاڙڪاڻي ضلعي جي تعلقي وارهه جي قديم ڳوٺ ڳاجي کهاوڙ ۾ جنم ورتو.
- 4 سيپٽمبر 1987ع تي سنڌ جو قادرالڪلام شاعر سليم ڳاڙهوي ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪيو.
- 4 سيپٽمبر 2002ع تي سنڌ جي نالي واري گلوڪاره فوزيه سومرو سٽي سائوٿ ڪراچي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪيو.
- 4 سيپٽمبر 1936ع تي لطيفيات جو ڄاڻو ۽ اديب امداد علي سرائي ڪانياواڙ محلي، نصيرآباد ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 5 سيپٽمبر 1933ع تي غلام رباني آگرو ڳوٺ آگرا ضلعي نوشهروفيروز ۾ جنم ورتو. ادبي خدمتون ڪهاڻيڪار، سوانح نگار، ڪيترو عرصو سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري، گل ڦل رسالي جو باني ايڊيٽر رهيو.
- 5 سيپٽمبر 1951ع تي بيگم نصرت اصفحاني جي شادي بئريسٽر ذوالفقار علي ڀٽو سان ٿي. بيگم نصرت ڀٽو 1929ع تي بمبئي ۾ پيدا ٿي.
- 5 سيپٽمبر 1927ع تي لاڙڪاڻي جي هر دلعزيز ۽ سدابهار شخصيت عبدالرزاق سومرو ولد دودا خان سومرو شهر رتيديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو.
- 5 سيپٽمبر 1967ع تي معروف ليکڪا ۽ ڪمپيئر شبنم گل ڏيءُ ڊاڪٽر شبير احمد لاشاري لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 5 سيپٽمبر 1963ع تي نوجوان نهي جو شاعر، اديب ۽ ايڊيٽر گل ڪونڌر، اصل نالو گل محمد ولد بشير احمد ڪونڌر ڳوٺ مڏ ڪونڌر تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ڄائو.

- 5 سيپٽمبر 1935ع تي برک، ناٽڪ ڪار، ڪهاڻيڪار ۽ نقاد هريڪانت جيٺواڻي جو پورو نالو روپچند چينواڻي جيڪب آباد ۾ ناناڻي گهر ۾ جنم ورتو.
- 5 سيپٽمبر 1966ع تي نئين ٿهيءَ ۾ جديد شاعريءَ جي نمائنده شاعر حسن درس ڳوٺ مشائخ هوتي، تعلقي ۽ ضلعي ٽنڊي الهيار ۾، حاجي غلام رسول درس جي گهر ۾ جنم ورتو.
- 6 سيپٽمبر 1986ع تي سنڌ سميت دنيا ۾ ٻارن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو.
- 6 سيپٽمبر 1954ع تي تاج جويو (تاج محمد جويو) ڳوٺ پير ڪولاچي تعلقي دولت پور ضلعي نوابشاه ۾ پيدا ٿيو. اديب سڃاڻپ نقاد ۽ محقق اٿس.
- 6 سيپٽمبر 1949ع تي جعفر علي خاصخيلي ناچيز ولد محمد بخش عرف ڇپر خان خاصخيلي شهر پٿوري جي پرسان اڪڙي لوهڙي ۾ پيدا ٿيو سڃاڻپ علم ۽ ادب دوست ٿي گذريو آهي.
- 6 سيپٽمبر 1963ع تي نئين ٿهي جو سڄاڻ ليکڪ شمشاد سومرو ولد فتح الدين سومرو مورو شهر ۾ ڄائو.
- 7 سيپٽمبر 1957ع زيب سنڌي (محمد خان شيخ) خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڃاڻپ: مترجم ڪهاڻيڪار پبلشر ڊرامه نگار، اٿس. سڃاڻپ لاڙڪاڻو شهر اٿس.
- 7 سيپٽمبر 1875ع تي سنڌي زبان جو يگانو شاعر حافظ حيات شاه ولد سيد مير عالم شاه ضلعي جهنگ ۾ پنهنجي ناناڻي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو.
- 7 سيپٽمبر 1872ع تي مذهب ۽ سنڌي ادب تي دسترس رکندڙ آخوند عزيز الله ميمڻ لاڏاڻو ڪيو، آخري آرام گاه مٽياريءَ ۾ آخوند جي قبرستان ۾ اٿس.
- 8 سيپٽمبر 1984ع تي مهان راڳي ۽ پلوڙ شاعر مصري فقير سول اسپتال نواب شاه ۾ انتقال ڪيو. آخري آرام گاه سرهاڙي لڳ جوڻن جي ڳوٺ واري قبرستان ۾ اٿس. مصري فقير شاعري ۾ تخلص “مخمور” استعمال ڪندو هو.
- 8 سيپٽمبر 1942ع تي هدايتڪار، گائڪ ۽ سنگيتڪار ارجن آسومل پنياڻي نارو شاه ضلعي نوشهري فيروز ۾ ڄائو.
- 9 سيپٽمبر 1842ع تي فرعون دماغ فوجي عملدار سر چارلس نيپئر کي وڏا اختيار ڏئي حيدرآباد جو پريزيڊنٽ بڻائي روانو ڪيو.
- 9 سيپٽمبر 1968ع تي حافظ امام بخش سومرو حادثي دوران دادو ضلعي جي سول اسپتال ۾ دم ڏٽيءَ حوالي ڪيو.
- 9 سيپٽمبر 1980ع تي سنڌي سنگيت جو تمام وڏو گويو استاد منظور علي خان ٽنڊي آدم ۾ گذاري ويو.
- 9 سيپٽمبر 1909ع تي سنڌي ٻوليءَ جو مشهور شاعر ۽ نقاد ٻلديو گاجرا تخلص گمنام هئس. شڪارپور ۾ ڄائو.
- 9 سيپٽمبر 1940ع تي شاعر ۽ ليکڪ ناطق ڳيريلائي، ڳيريلو، تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 10 سيپٽمبر 1932ع تي نالي وارو ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ شاعر غلام نبي گل، عبدالوسيع ٻرڙو جي گهر قنبر علي خان ۾ جنم ورتو.

- 10 سيپٽمبر 1938ع تي مشهور شاعر تاج ٽکڙائيءَ جو پورو نالو محمد دائود ميمڻ آهي، هي ٽکڙ جي نامور شاعر محمد خان غنيءَ جو پٽ آهي. تاج ٽکڙائي ڳوٺ ٽکڙ وسي ملک شاهه موجوده ضلعي ٽنڊي محمد خان ۾ جنم ورتو.
- 11 سيپٽمبر 1948ع تي باني پاڪستان قائد اعظم محمد علي جناح وفات ڪئي.
- 11 سيپٽمبر 1931ع تي محقق ۽ اديب ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڳوٺ ماڙي تعلقو لکي ضلعو شڪارپور ۾ حاجي غلام حسين ميمڻ جي گهر ۾ جنم ورتو.
- 12 سيپٽمبر 1982ع تي علم ادب جي دنيا جو انسان سيد خادم حسين شاهه دل جي دوري سبب لاڏاڻو ڪري ويو.
- 12 سيپٽمبر 1944ع تي لسانيات جي ماهر محمد عمر چنڊ، ڳوٺ نئون آباد، تعلقي ڄام نواز علي خان، ضلعي سانگهڙ ۾ جنم ورتو.
- 12 سيپٽمبر 1970ع تي نئين ٽهي جو شاعر مهراڻ ڏامراهو جو اصل نالو مسرت حسين ولد قائم الدين ڏامراهو، تاريخي ڳوٺ ڏامراهه تعلقي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 12 سيپٽمبر 1984ع تي شاعر نجف علي شاهه "ڪمتر" نقوي وفات ڪئي.
- 13 سيپٽمبر 1948ع تي قائد اعظم محمد علي جناح کي سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ڪراچي ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.
- 13 سيپٽمبر 1987ع تي جڳ مشهور اديب ۽ فلسفي اي ڪي بروهي لنڊن جي هڪ اسپتال ۾ وفات ڪئي، سندس جسد خاڪي 16 سيپٽمبر ڪراچي جي هڪ فوجي قبرستان ۾ دفنايو ويو.
- 13 سيپٽمبر 1919ع تي شاعر، نثر نويس ۽ صحافي شمس الدين بلبل وفات ڪئي.
- 13 سيپٽمبر 1945ع تي عبدالقادر جوڻيجو ولد مريد حسين جوڻيجو ڳوٺ جنهاڻ تعلقي مٺي ضلعي ٿرپارڪر ۾ پيدا ٿيو ادبي سڃاڻپ، ڪهاڻيڪار، ڊرامه نويس، ۽ اديب آهي.
- 13 سيپٽمبر 1933ع تي مشهور سياسي ۽ سماجي شخصيت قائم علي شاهه خيرپور ميرس ۾ جنم ورتو.
- 13 سيپٽمبر 1975 تي ٽي وي آرٽسٽ ۽ هدايتڪار سليم راشدي ڳوٺ شريفاڻي ضلعي قنبر شهدادڪوٽ ۾ جنم ورتو.
- 14 سيپٽمبر 1822ع تي مشهور صوفي شاعر چتو فقير سانگي جي ولادت ٿي.
- 14 سيپٽمبر 1952ع تي شاعر ۽ صحافي علي گل سانگي ولد روشن علي سانگي لاڙڪاڻي شهر ويجهو دودائي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو.
- 14 سيپٽمبر 1966ع تي مشهور شاعر ۽ اديب رئيس ضياءُ الدين ضيا ايس بلبل وفات ڪئي.
- 14 سيپٽمبر 1966ع تي منصور رياض منگي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 14 سيپٽمبر 1957ع تي آسي زميني اصل نالو محمود نظاماڻي ولد محمد رحيم نظاماڻي ٽنڊي قيصر ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. ادبي سڃاڻپ، سنڌي ٻوليءَ جو نمائندو شاعر آهي.
- 14 سيپٽمبر 1962ع تي نوجوان ليکڪ، تعليمي ماهر ۽ پبلشر محمد ادريس جتوئي ڳوٺ ٽوڙها تعلقي موري ۾ جنم ورتو.

- 14 سيپٽمبر 1970ع تي نامور صحافي ۽ ڪالم نگار امداد سومرو ڳوٺ سيتا وليج ضلعي دادو ۾ ڄائو.
- 14 سيپٽمبر 1949ع تي ناميارو سياستدان پير مظهرالحق حيدرآباد ۾ پير شاهنواز جي گهر ۾ جنم ورتو.
- 14 سيپٽمبر 1965ع تي ناميارو صحافي جاويد شاهه ڳوٺ منڌي جتوئي، تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 14 سيپٽمبر 1964ع تي ناميارو سياسي اڳواڻ سيد جلال محمود شاهه ولد سيد امداد محمد شاهه جي گهر سن ۾ جنم ورتو.
- 14 سيپٽمبر 1921ع تي محقق، آثار قديم ۽ شاعر تاج صحرائي اصل نالو تاج محمد ولد نور محمد ميمڻ شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- 15 سيپٽمبر 1932ع تي سنڌ جو نالي وارو ليکڪ، جديد شاعر مترجم، محقق ۽ ڊراما نويس شمشير الحيدري ڳوٺ ڪڍڻ ضلعي بدين ۾ جنم ورتو.
- 15 سيپٽمبر 1949ع تي شاگرد اڳوڻ ۽ قومي ڪارڪن امان الله شيخ ولد حاجي گل محمد شيخ لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 15 سيپٽمبر 1940ع تي مشهور براڊ ڪاسٽر سڪندر بلوچ ولد نٿو خان چانڊيو ٽنڊو آغا (حيدرآباد) ۾ پيدا ٿيو.
- 15 سيپٽمبر 1931ع تي مولانا دين محمد ٻنوي ولد گهڻٽو خان چانڊيو وفات ڪئي، مولانا جي جنم ڀومي ڳوٺ ٻني تعلقي ميروخان هو.
- 15 سيپٽمبر 1957ع تي فرزانه پنهور ڪراچيءَ ۾ جنم ورتو.
- 15 سيپٽمبر 2011ع تي وشنو ڀاٽيا وفات ڪئي.
- 15 سيپٽمبر 1976ع تي مولانا غلام محمد گرامي لاڏاڻو ڪيو.
- 15 سيپٽمبر 1961ع تي نوجوان شاعر رجب آزاد ولد محمد بچل سولنگي جنم ورتو.
- 16 سيپٽمبر 1904ع تي آغا تاج محمد ولد آغا عبدالمجيد خان ڳوٺ باگڙجي تعلقي لکي ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو. ادبي سڃاڻپ مشهور اديب، شاعر ۽ تعليمي ماهر اٿس.
- 16 سيپٽمبر 1845ع تي قانوني ماهر، سماجي ورڪر نور محمد لاکير ولد محمد سجاول لاکير ڳوٺ چڪرو تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 16 سيپٽمبر 1956ع تي سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم ڳوٺ ڪيتلاري ۾ ڄائو.
- 16 سيپٽمبر 1974ع تي نوجوان ڪهاڻيڪار ۽ شاعر ڪالم نويس، ۽ نقاد مشتاق پرڳڙي ائين شاخ لڳ جوهي ضلعي دادوءَ ۾ جنم ورتو.
- 17 سيپٽمبر 1936ع تي ماهر قانون ۽ سماجي ورڪر اختر علي جي قاضي ولد غلام مصطفيٰ قاضي حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 17 سيپٽمبر 1924ع تي پوپٽي هيرا ننداڻي حيدرآباد سنڌ ۾ پيدا ٿي. ادبي سڃاڻپ مشهور ڪهاڻي نويس، ناول نگار، مضمون نگار، تنقيد نگار ۽ شاعره اٿس.

- 17 سيپٽمبر 1949ع تي برک عالم، فصيح البيان مقرر مولانا محمد ادريس ڏاهري ڳوٺ مقيم ڏاهري تعلقي پور صفن ضلعي نوابشاهه ۾ پيدا ٿيو.
- 17 سيپٽمبر 1906ع تي مشهور اديب ۽ شاعر محمد اسماعيل عرساڻي ولد ميان محمد هاشم ميمڻ هالانوان ۾ ڄائو.
- 18 سيپٽمبر 1954ع تي قائد عوام جناب ذوالفقار علي ڀٽي کي پهريون پٽ مير مرتضيٰ ڀٽو ڪراچي ۾ پيدا ٿيو.
- 18 سيپٽمبر 1947ع تي هڪ سماجڪ سڌار اڳواڻ ڊاڪٽر اڪبر حيدر سومرو ولد غلام حيدر خان لاڙڪاڻي شهر ۾ جنم ورتو.
- 18 سيپٽمبر 1913ع تي شاعر مرزا اسد بيگ “اسد” ولد شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جي گهر ۾ جنم ورتو ادبي سڃاڻپ: شاعر ۽ نثر نويس هئس.
- 18 سيپٽمبر 1970ع تي نوجوان شاعر ۽ ريڊيو لسنر محمد لقمان مگسي ولد واحد بخش مگسي لڳ رشيد وڳڻ ڳوٺ واحد بخش مگسي ۾ جنم ورتو.
- 19 سيپٽمبر 1970ع تي شاعر ۽ اديب رشيد احمد لاشاري حيدرآباد ۾ وفات ڪئي.
- 19 سيپٽمبر 1915ع تي سنڌ ۽ هند جي غنائي شاعر پريو وفا اصل نالو پريو جوتو مل چڳاڻي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 20 سيپٽمبر 1996ع تي مير مرتضيٰ ڀٽو کي شام جو ساڍي انين وڳي سنڌس رهائشگاهه 70 ڪلفٽن ڪراچي جي اڳيان پوليس مير صاحب جي جلوس کي روڪي ۽ مٿن فائرنگ ڪئي جنهن ۾ مير صاحب ٻيا ساٿي ۽ پاڻ شهيد ٿيو. آخري آرام گاهه گڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ اٿس.
- 20 سيپٽمبر 1911ع تي پير حسام الدين راشدي ولد محمد حامد شاهه راشد جي ولادت ضلعي لاڙڪاڻي تعلقي رتي ديري ۾ نصرت اسٽيشن جي پر ۾ راشدي پيرن جي ڳوٺ ٻهمڻ ۾ ٿي اديب سڃاڻپ:- مايه ناز اسڪالر محقق، مورخ، اديب صحافي ۽ ٻين لاتعداد خوبين جو مالڪ هو.
- 20 سيپٽمبر 1961ع تي محنتي استاد، بهترين ليکڪ ۽ سڄاڻ صحافي ڊاڪٽر عبدالحئي ابڙو نئون ڳوٺ تعلقي ڳڙهي خيرو ضلعي جيڪب آباد ۾ ڄائو.
- 21 سيپٽمبر 1853ع تي آخوند فضل علي ولد حافظ نصرپوريءَ شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جو قلمي نسخو لکي پورو ڪيو.
- 21 سيپٽمبر 1960ع تي احمد خان سهاڳ سنڌي ٻوليءَ جو سگهڙ ۽ اديب دادو ۾ جنم ورتو.
- 21 سيپٽمبر 1988ع تي بلاول ڀٽو زرداري ڪراچيءَ ۾ جنم ورتو. بلاول ڀٽو زرداري محترم بينظير ڀٽو ۽ آصف علي زرداري جو پٽ آهي.
- 22 سيپٽمبر 1938ع تي سنڌ جو نالي وارو شاعر، مضمون نگار، تحقيق، مقالا ۽ سفر نامہ لکندڙ تاجل بيوس (تاج محمد سمون) ڳوٺ پير حيات شاهه تعلقو سوڀو ديرو ضلعي خيرپور ۾ پيدا ٿيو.
- 22 سيپٽمبر 1950ع تي سياسي اڳواڻ نثار احمد کهڙو ولد وڏيرو محمد نواز کهڙو لاڙڪاڻي شهر جي ويجهو ڳوٺ عاقل ۾ جنم ورتو.

- 22 سيپٽمبر 1961 تي شاعر، ڊراما نويس ۽ صحافي زاهد ملڪ جو اصل نالو محمد اسماعيل ولد مير محمد ملڪ ضلعي دادو ۾ جنم ورتو.
- 22 سيپٽمبر 1922ع تي قادري طريقي جو بزرگ، برک عالم ۽ صاحب طريقت مولانا عبدالڪريم ٻير وارو ولد محمد عالم قريشي ڳوٺ ٻير تعلقي قنبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.
- 22 سيپٽمبر 1935ع تي وقت جو عارف، مجدد مولانا مخدوم غلام محمد ملڪاني وفات ڪئي.
- 22 سيپٽمبر 1992ع تي سنڌ جو مهان ڪلاسيڪل ڳويو استاد گلزار علي خان فالج جي تڪليف سبب لاڏاڻو ڪيو.
- 23 سيپٽمبر 1962ع تي برصغير ۾ سڀ کان پهرين مسجد شريف عرب ڪاهه ڪندڙ محمد بن قاسم محرم الحرام 93هه مطابق 711ع ۾ ديبل يعني ڀنڀور ۾ جوڙائي جنهن جا آثار دريافت ٿيا آهن.
- 23 سيپٽمبر 1947ع تي سنڌ جو امر ۽ عظيم انسان ڪشن چند بيوس 62 سالن جي عمر ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.
- 23 سيپٽمبر 1818ع تي سنڌي ٻوليءَ جو اهم شاعر آخوند محمد قاسم هالائي جنم ورتو.
- 23 سيپٽمبر 1965ع تي سڄاڻ ليکڪ ۽ قومي ڪارڪن رفيق احمد انڙ تعلقي پني عاقل جي ڳوٺ ستابي انڙ ۾ جنم ورتو.
- 23 سيپٽمبر 1999ع تي ناليواري اديب ۽ سياسي اڳواڻ خالد سنڌي وفات ڪئي آخري آرام گاهه گلستان سجاد حيدرآباد جي مقام ۾ آهي.
- 23 سيپٽمبر 1923ع تي شاعر سيد احسن الهاشمي "احسن" ولد سيد منن شاهه ٽنڊو مير نور محمد لڳ گدو بندر شاهه لطيف آباد ۾ جنم ورتو.
- 23 سيپٽمبر 2009ع تي شاعر سالڪ سولنگي لاڏاڻو ڪيو. آخري آرام گاهه لاڙڪاڻي ۾ اٿس.
- 24 سيپٽمبر 1963ع تي نوجوان ٿهي جو شاعر ۽ راڳي اختر درگاهي ولد عبدالرحمان درگاهه، ميمڻ محلي رهڙي ۾ پيدا ٿيو. درگاهي سندس پاڙو آهي ذات جو ميربحر آهي.
- 24 سيپٽمبر 1995ع تي ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي هڪ ڪلو واٽ ايف ايم چينل جي نشريات جو افتتاح وزير اعظم محترمه بينظير ڀٽو صاحبه ڪيو.
- 24 سيپٽمبر 1993ع تي نالي وارو محقق، نقاد ۽ مورخ ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ وفات ڪئي. حيدرآباد جي مڪي قبرستان ۾ دفن ٿيل آهي.
- 24 سيپٽمبر 1953ع تي شاعر ۽ نثر نويس مولابخش "مسڪين" ڀٽو شڪارپور ۾ لاڏاڻو ڪيو.
- 24 سيپٽمبر 1959ع تي ڪافي گو شاعر محمد بخش ڪوجهي ولد الاهي بخش شيخ وفات ڪئي.
- 24 سيپٽمبر 1961ع تي مشهور شاعر، اديب ۽ صحافي محمد صديق مسافر وفات ڪئي.

- 25 سيپٽمبر 1936ع تي مير غلام اڪبر مشتاق ٽالپر شهداداڻي ٽالپرن جي ڄاماڻي پاڙي جي خاندان ۾ جنم ورتو. ادبي سڄاڻپ شاعر اٿس.
- 25 سيپٽمبر 1887ع تي مشهور نثر نويس ۽ شاعر محمد صالح ڀٽي ولد مخدوم محمد ابراهيم ڀٽي پراڻن هالن ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 25 سيپٽمبر 1969ع تي شاعره ۽ ليکڪا بانو محبوب جوکيو محرابپور، ضلعي نوشهري فيروز ۾ ڄائي.
- 26 سيپٽمبر 1751ع تي سنڌي ٻوليءَ جو ضامن ۽ شاعرن جو سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائيرحه هميشه لاءِ ڀٽ شاهه تي آرامي ٿيو.
- 27 سيپٽمبر 1961ع تي مولوي ڊاڪٽر محمد ادريس ولد مولانا محمد قاسم سومرو ڳوٺ چنيهاڻي ۾ ڄائو.
- 28 سيپٽمبر 1924ع تي سندري اتمچنداڻيءَ حيدرآباد ۾ جنم ورتو. سڃاڻپ، ناول، ڊراما، ڪهاڻيون ۽ مضمون طور اٿس.
- 28 سيپٽمبر 1861ع تي قادر الڪلام شاعر، عالم، اديب پير علي اصغر شاهه راشدي ولد پير حزب الله شاهه (تخت ڌڻي) پير ڳوٺ ضلعي خيرپور ميرس ۾ جنم ورتو.
- 28 سيپٽمبر 1944ع تي اعجاز علي بيگ مرزا سنڌ جي ناميارى عالم مرزا قليچ بيگ جو پٽ آهي. ٽنڊي نوڙهي ۾ جنم ورتو.
- 28 سيپٽمبر 1951ع تي فائن آرٽ جي دنيا ۾ سنڌ جو ناميارو مصور پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 28 سيپٽمبر 1973ع تي نوجوان شاعر انور پرديسي خيرپور ميرس ۾ جنم ورتو.
- 29 سيپٽمبر 1996ع تي ماهر لسانيات ۽ شاعر پروفيسر علي نواز جتوئي ٽنڊي ولي محمد حيدرآباد ۾ وفات ڪئي.
- 29 سيپٽمبر 2004ع تي سنڌ جي بزرگ سياسي شخصيت سيد امداد محمد شاهه لاڏاڻو ڪيو ڪيس ڳوٺ مجيد ڪيريي ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.
- 29 سيپٽمبر 1967ع تي نالي واري شاعر ماڻڪ ملاح سڪرنڊ ۾ جنم ورتو.
- 30 سيپٽمبر 1944ع تي ڪلهوڙا عباسي خاندان جي معروف شخصيت حاجي منور علي ولد حاجي خان محمد عباسي پنهنجي اباڻي ڳوٺ وليدن لاڙڪاڻي پيدا ٿيو.
- 30 سيپٽمبر 1897ع تي ڊاڪٽر علي احمد قاضي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. پاڻ بااصول آفيسر، اديب ۽ زنده دل انسان هو.
- 30 سيپٽمبر 1935ع تي سنڌ جي سياسي شخصيت سيد امداد محمد شاهه ولد سائين جي ايم سيد سن ۾ پيدا ٿيو.

---

قلمڪار پبليڪيشن لاڙڪاڻو سيپٽمبر 2007ع ۾ قائم ٿي، هن جو بنياد وجھندڙ ۾ فقير محمد سنڌي، جي ايم رئيساڻي، امتياز شاهاڻي، فياض مسافر بروهي ۽ چاچو نهال جندائي شامل آهن.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيرحہ 14 صفر سن 1161ھ مطابق 1747ع تي وفات ڪئي.

------------------------------------------------------------------------------------------------

آزاد پبليڪيشن شڪارپور: 1966ع ۾ هن پبليڪيشن جو بنياد عطاءُ الله ڀٽو رکيو. هن پبليڪيشن سلسليوار مهراڻ ڊائجسٽ جي سيريز جاري ڪئي.

# ✵ آڪٽوبر ✵

- عيسوي سال جو ڏهون مهينو آڪٽوبر آهي. آڪٽوبر لاطيني زبان جو لفظ "آڪٽو" (OCTO) مان ورتل آهي. هن مهيني ۾ زمين سج جي چؤطرف پنهنجي مدارتي ٽئين چوٿائي ڪان وڌيڪ سفر ڪري چڪي هوندي آهي. اتر اڌ گول سج ڪان پري ٿيڻ شروع ٿي ويندو آهي. اتر اڌ گول ۾ ڏينهن رات ڪان ننڍو ۽ ڏکڻ اڌ گول ۾ ڏينهن رات ڪان وڏو ٿيڻ شروع ٿيندو آهي. اتر اڌ گول ۾ سياري ۽ ڏکڻ اڌ گول ۾ اونهاري جي موسم جو آغاز ٿيندو آهي. هن مهيني ۾ 31 ڏينهن ٿين ٿا.
- پهرين آڪٽوبر 1944ع تي نامور محقق جيئل اوڏ ولد اتم چند اوڏ ڳوٺ شاهه پاڙي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين آڪٽوبر 1895ع تي مادرِ ملت محترمہ فاطمه جناح پيدا ٿي.
- پهرين آڪٽوبر 1964ع تي يوسف سنڌي (اصل نالو محمد يوسف ميمڻ دڙو شهر ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڃاڻپ، محقق، ۽ مترجم، نقاد، ڪهاڻيڪار پبلشر اٿس.
- پهرين آڪٽوبر 1920ع تي سنڌ جو نامور شاعر، اديب، ڊرامہ نويس ۽ صحافي زيب عاقلي اصل نالو عبدالحق سومرو لاڙڪاڻي شهر پرسان ڳوٺ عاقل خالد ۾ ڄائو.
- پهرين آڪٽوبر 1940ع تي سنڌ جو ترقي پسند قومي شاعر سرڪش سنڌي اصل نالو عبدالمجيد ولد مولوي عبدالله چانڊيو ڳوٺ پلي پوٽا لڳ رام جي سيتا ضلعي دادو ۾ ڄائو.
- پهرين آڪٽوبر 1957ع تي اڪبر ساگر اصل نالو علي اڪبر جوکيو شڪارپور جو ناميارو شاعر آهي ڳوٺ چوڌهيو سڏايو شڪارپور ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين آڪٽوبر 1982ع تي گلوڪاره ديبا ڪنول بدين ۾ جنم ورتو.
- 2 آڪٽوبر 1962ع تي ناز سنائي اصل نالو محمد عثمان ميمڻ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڃاڻپ: اديب، تنقيد نگار، ايڊيٽر ۽ پبلشر اٿس.
- 2 آڪٽوبر 1948ع تي الطاف اثيم ولد محمد ايوب منگي راڻي پور شهر ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ، شاعر تحقيق، تاريخ ۽ آثار قديم آهي.
- 2 آڪٽوبر 1934ع تي ماهر تعليم ۽ سماجي اڳواڻ انيتا غلام علي ڪراچي ۾ جنم ورتو.
- 2 آڪٽوبر 1928ع تي شاعر ايشور نارائڻداس شرما آنچل جنم ورتو.
- 2 آڪٽوبر 1971ع تي نوجوان ليکڪ، شاعره ۽ وڪيل ڪلپنا ديوي جنم ورتو.
- 3 آڪٽوبر1941ع تي عنايت بلوچ ولد غلام نبي اداسي بلوچ احمد پور ضلعي خيرپور ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ:- ناميارو شاعر، اديب، ۽ براڊڪاسٽر آهي.
- 3 آڪٽوبر 1828ع تي مشهور ڪافي گو شاعر مصري شاهه نصرپوري ولد سيد بلند شاهه نصرپور جي رضوي ساداتن جي گهراڻي ۾ پيدا ٿيو.
- 4 آڪٽوبر 1947ع تي خيرپور رياست پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو.

- 4 آڪٽوبر 1919ع تي ويهين صدي ۾ سنڌ اندر ڪوڙ علمي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ مذهبي شخصيت مخدوم طالب المولىٰ، اصل نالو مخدوم محمد زمان ولد مخدوم غلام محمد هالا نوان ۾ پيدا ٿيو.
- 4 آڪٽوبر 1948ع تي ناميارو قانوندان سر غلام حسين هدايت ڪراچي ۾ وفات ڪئي.
- 4 آڪٽوبر 1967ع تي نوجوان شاعر ۽ ايڊيٽر اياز جاني اصل نالو اياز حسين ولد قربان علي ميمڻ رحمت پور محلي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 4 آڪٽوبر 1977ع تي نئين ٽهيءَ جي شاعر ۽ نثر نويس رضوان گل پورو نالو رضوان الحق پناڻ ڊاڪٽر بشير احمد شاد جي گهر لاڙڪاڻي ۾ جنم ٿيو.
- 5 آڪٽوبر 1966ع تي صوفي سيد مقبول حسين جهانيان جنم ورتو ادبي سڃاڻپ شاعر اٿس.
- 5 آڪٽوبر 1954ع تي مشهور سياستدان اعجاز علي خان جتوئي ولد رئيس عبدالحميد خان جتوئي ضلعي دادو جي بيٽي جاگير ۾ ڄائو.
- 5 آڪٽوبر 1939ع تي ناليوارو اديب ۽ محقق ڊاڪٽر غلام حيدر ولد حاجي علي مراد ٻرڙو ڳوٺ مبارڪ ٻرڙي، تعلقي موري، ضلعي نوشهري فيروز ۾ پيدا ٿيو.
- 5 آڪٽوبر 1956ع تي سنڌ جي نامياري قومپرست سياسي اڳواڻ ڊاڪٽر دودي مهيريءَ جو پورو نالو دودو ولد محمد صالح مهيري ڳوٺ ٻجاري شريف، تعلقي ڪڙيي گهنور (موجوده شهيد فاضل راهو) ضلعي بدين ۾ جنم ورتو.
- 5 آڪٽوبر 1966ع تي نوجوان شاعر رياض سمون اصل نالو رياض حسين ولد غلام علي سمون لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 6 آڪٽوبر 2006ع تي سنڌ جو نالي وارو شاعر آثم ناٿن شاهي لاڏاڻو ڪيو.
- 6 آڪٽوبر 1980ع تي نوجوان شاعر امر پيرزادو جنم ورتو.
- 7 آڪٽوبر 1853ع تي سنڌي ادب جو سچو خدمتگار چوٽي جو نثر نويس ۽ اعلىٰ پايي جو شاعر شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ ولد مرزا فريد ون بيگ ٽنڊي نوڙهي حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 7 آڪٽوبر 1999ع تي مشهور اديب ۽ محقق محمد علي حداد لاڏاڻو ڪيو.
- 8 آڪٽوبر 1930ع تي منصور ويراڳيءَ مانجهند ضلعي دادو ۾ جنم ورتو ادبي خدمت شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار اٿس. اصل نالو (عبدالرؤف ابڙو) اٿس.
- 8 آڪٽوبر 1831ع تي خان محمد چنجڻي ولد مير محمد چنجڻي ڳوٺ ميان داد چنجڻي تعلقي وارهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. سڃاڻپ صاحب ديوان شاعر، حاجي خانڻ جي نالي سان مشهور هو.
- 8 آڪٽوبر 1975ع تي نئين ٽهيءَ جو شاعر خطائي ٽيبو اصل نالو جاڙو خان ولد سالار ٽيبو ساماري روڊ شهر ۾ جنم ورتو.
- 8 آڪٽوبر 1983ع تي نوجوان اديب منير چانڊيو قنبر ۾ ڄائو.
- 9 آڪٽوبر 1971ع تي نوجوان ڪهاڻيڪار عبدالرزاق ولد حڪيم هدايت الله ڪلهوڙو ڳوٺ پاوند لاڪا ۾ پيدا ٿيو.

- 9 آڪٽوبر 1992ع تي سنڌ جو عوامي شاعر استاد بخاري ڪراچي جي اسپتال ۾ دم ڏٽي حوالي ڪيو.
- 9 آڪٽوبر 1976ع تي مشهور شاعر ۽ اديب آغا عبدالنبي عليگ وفات ڪئي.
- 9 آڪٽوبر 1976ع تي شاعر، ريڊيو ڪمپيئر وڪيل ۽ سماجي ورڪر امتياز احمد شاهاڻي، ولد غلام محمد شاهاڻي لاڙڪاڻي لڳ ڳوٺ شاهه يارو ۾ جنم ورتو.
- 9 آڪٽوبر 1999ع تي ماهر تعليم، عالم، مدبر ۽ دانشور سيد غلام مصطفيٰ شاهه ڪراچي ۾ وفات ڪئي.
- 9 آڪٽوبر 1972ع تي نوجوان شاعره گل بيبي بخاري ولد ولي محمد شاهه بخاري ٺٽي ۾ جنم ورتو.
- 10 آڪٽوبر 1901ع تي حيدر بخش جتوئي ولد الهداد خان جتوئي ڳوٺ بڪيديري تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ:- پاڻ بيباڪ سياسي ليڊر، مقبول هاري اڳواڻ، انقلابي شاعر ۽ صحافي ٿي گذريو آهي.
- 10 آڪٽوبر 1997ع تي ناميارو شاعر، مصور سيد منظور نقوي لاڏاڻو ڪيو.
- 10 آڪٽوبر 1935ع تي جديد سنڌي موسيقي جو استاد راڳي استاد محمد جمن ولد حاجي احمد بلوچستان جي هڪ ڳوٺ سوڙهه ۾ پيدا ٿيو.
- 10 آڪٽوبر 1959ع تي نامور تعليمات، عالم ۽ اديب آغا تاج محمد خان حيدرآباد ۾ لاڏاڻو ڪيو.
- 10 آڪٽوبر 1967ع تي اديب، عالم ۽ مزاحمتي شاعر خليل ڪوسو ڳوٺ حاجي علي محمد ڪوسي لڳ مسڻ ضلعي ٽنڊي الهيار ۾ پيدا ٿيو.
- 10 آڪٽوبر 1939ع تي شاعر ناظم منگي جنم ورتو.
- 10 آڪٽوبر 1977ع تي نوجوان شاعر نماڻو صديق اصل نالو محمد صديق مهيسر ڳوٺ پپري، ميهڙ ضلعي دادو ۾ جنم ورتو.
- 10 آڪٽوبر 1984ع تي شاعر، صحافي ۽ ڪالم نگار ساجد زخمي چانڊيو ولد ڄام خان چانڊيو (زخمي چانڊيو) جوابپور چانڊيو، ضلعي شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- 11 آڪٽوبر 1915ع تي شاعر ۽ ايڊيٽر سيد اظهر گيلاني ڳوٺ لعلو تعلقي گهوٽڪي ۾ جنم ورتو.
- 11 آڪٽوبر 1949ع تي سنڌ جو مهان ڏاهو عبدالواحد آريسر ڳوٺ وائوڙي ضلعي عمرڪوٽ ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ: سياسات، تحقيق، مترجم ۽ فلسفو اٿس.
- 12 آڪٽوبر 1950ع تي سنڌ جو ناليوارو اديب مدد علي سنڌي حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 12 آڪٽوبر 1939ع تي سنڌ جي نالي واري ڪهاڻيڪار، ۽ روح رهاڻ مئگزين جو ايڊيٽر حميد سنڌي (عبدالحميد ميمڻ) نوشهرو فيروز ۾ زندگي جي اک کولي.
- 12 آڪٽوبر 1944ع تي غلام نبي مغل حيدرآباد ۾ جنم ورتو. سڃاڻپ ناول نگار ۽ افسانه نگار اٿس.

- 12 آڪٽوبر 1973ع تي سنڌ جي نالي واري شاعر مولانا غلام قادر مهيسر وفات ڪئي. جنھن جو تعلق ميروخان جي ڳوٺ بکر مهيسر سان هو.
- 12 آڪٽوبر 1996ع تي شاعر، نقاد امير علي چانڊيو حيدرآباد ۾ وفات ڪئي.
- 12 آڪٽوبر 1939ع تي مشهور صوفي شاعر بيدل فقير لاڏاڻو ڪري ويو. بيدل فقير 1865ع ۾ شڪارپور لڳ ڳوٺ بخشي انڙ ۾ پيدا ٿيو.
- 12 آڪٽوبر 1947ع تي ڪهاڻيڪار، مزاحيه ڪالم تنقيد ۽ تبصرا نگار غلام مستانو سيوهاڻي ابڙو ڳوٺ پياري واهڻ تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 12 آڪٽوبر 1965ع تي نوجوان صحافي، ڪالم نگار ۽ شاعر اعجاز منگي ولد نجم الدين منگي شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- 12 آڪٽوبر 1972ع تي مشهور صحافي ۽ ليکڪ الطاف پيرزادو ڳوٺ ٻلهڙيجي تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 13 آڪٽوبر 1982ع تي سياستدان، ادب، شاعر ۽ سماجي ورڪر قاضي فيض محمد راھ رباني وٺي ويو.
- 13 آڪٽوبر 1867ع تي ليلا رام خاڪي پٽ وطن مل نيڪواڻي حيدرآباد سنڌ ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ: غزل گو شاعر، نقاد، ناٽڪ نويس ۽ شارح شاھ لطيف هو.
- 13 آڪٽوبر 1884ع تي مصور ۽ شاعر جنھن کي سنڌ ۾ "مدر ايليا" چيو ويندو هو ايلسا قاضي جو جنم جرمنيءَ جي روڊل اسٽاپ نالي هڪ ننڍڙي شهر ۾ ٿيو.
- 14 آڪٽوبر 1955ع تي يونٽ قائم ٿيڻ سبب خيرپور رياست کي پاڪستان حڪومت ۾ ضم ڪيو ويو.
- 14 آڪٽوبر 1996ع تي موسيقيءَ جو سدابهار نانءُ فيروز گل پرڏيھ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. آخري آرام گاھ ٺٽي يوسف جي قبرستان ۾ آهي.
- 14 آڪٽوبر 1996ع تي ناميارو ڪهاڻيڪار محمد دائود بلوچ لاڏاڻو ڪيو.
- 14 آڪٽوبر 1921ع تي شاعر شفيع محمد "اوج" علوي ولد در محمد اوج علوي جنم ورتو.
- 15 آڪٽوبر 1945ع تي محقق، نقاد، مترجم حيدر سنڌي (ڊاڪٽر غلام حيدر برڙو) ڳوٺ مبارڪ برڙو تعلقي موري ۾ پيدا ٿيو.
- 15 آڪٽوبر 1844ع تي سنڌي ٻوليءَ جو عمدو نثر نويس تعليمي ماهر ۽ سماجي خدمتگار ڪوڙو مل ڪلناڻي پٽ ديوان چندن مل پريا ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ڄائو.
- 15 آڪٽوبر 1943ع تي ناميارو نثر نويس غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ ولد عبدالرحيم ميمڻ لاهوري محلي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو.
- 15 آڪٽوبر 1977ع تي نوجوان شاعر جاويد شبير ولد غلام حسين جاگيراڻي جي گهر لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 15 آڪٽوبر 1914ع تي ماهر تعليم، عالم، مدبر ۽ بين الاقوامي شهرت يافته سيد غلام مصطفيٰ شاھ بلڙي شاھ ڪريم ويجهو ڏاڏاڻي ڳوٺ قادر ڏنو شاھ ۾ ڄائو.
- 15 آڪٽوبر 1968ع تي نوجوان شاعر ۽ ليکڪ معشوق ڌاريجو قاضي احمد ۾ جنم ورتو.

- 18 آڪٽوبر 1892ع تي لاڙڪاڻي جو نالي وارو شاعر نواز علي نياز ولد محمد آچر ذات سومرو جعفري پاڙي ۾ جنم ورتو.
- 18 آڪٽوبر 1942ع تي سماجي ورڪر مير ظفر حسين سانگي، سردار مير غلام محمد سانگي جي گهر لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 18 آڪٽوبر 1958ع تي پرسرام ضيا اجمير (ڀارت) ۾ ديهانت ڪئي.
- 18 آڪٽوبر 1927ع تي مايا ناز ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ۽ مضمون نويس نجم عباسي، اصل نالو نجم الدين عباسي خانواهڻ ضلعي نوشهري فيروز ۾ جنم ورتو.
- 18 آڪٽوبر 1964ع تي مشهور شاعر، اديب، ريڊيو، اسٽيج جو مايه ناز ڪمپيئر بخشڻ مهراڻوي اصل نالو محمد بخش ولد فقير محمد رحيم مهر جي گهر سانگهڙ ۾ جنم ورتو.
- 18 آڪٽوبر 2007ع تي ڪارساز سانحو ٿيو. جڏهن محترمه بينظير ڀٽو اٺن سالن جي جلاوطني ڪان پوءِ وطن موٽي رستيءَ ۾ ڪارساز وٽ بم ڌماڪو ٿيون. جنهن ۾ ڪافي انساني جانيون ختم ٿيون.
- 18 آڪٽوبر 1946ع تي ناميارو صحافي، ريڊيو ڪمپيئر ۽ اديب هدايت الله منگي ولد غلام الرسول منگي ڀلهڙيجي ڳوٺ ۾ ڄائو.
- 19 آڪٽوبر 1940ع تي (ڳائڪه) روبينا قريشي اصل نالو عائشه شيخ الاهي بخش شيخ جي گهر صدر حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 19 آڪٽوبر 1979ع تي پير صاحب پاڳاري پنهنجي جدا پارٽي "پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل" قائم ڪئي. جنهن جو پاڻ صدر ٿيو.
- 19 آڪٽوبر 1974ع تي ڪارٽونسٽ، مصور، صحافي ۽ شاعر مراد علي شاهه بڪيرائي، بڪيرا شريف ۾ جنم ورتو.
- 19 آڪٽوبر 1940ع تي نامور مصور ۽ تعليمي ماهر دارا عالم ولد محمد عالم ابڙو، قنبر ۾ پيدا ٿيو.
- 20 آڪٽوبر 1976ع تي مولانا خوش محمد ميروخاني وفات ڪئي.
- 20 آڪٽوبر 1922ع تي قادر الڪلام شاعر عارف المولىٰ اصل نالو سيد شاهنواز ولد سيد ڏنل شاه جيلاني ڳوٺ پير سبحان علي شاهه تعلقي شهدادپور ۾ ضلعي سانگهڙ ۾ پيدا ٿيو.
- 20 آڪٽوبر 1980ع تي خانبهادر محمد ايوب کهڙو ڪراچي ۾ وفات ڪئي ڪيس اباڻي ڳوٺ عاقل ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.
- 21 آڪٽوبر 1833ع تي مير مراد علي خان ٽالپر وفات ڪئي. جيڪو پهرين چوياري جو آخري حڪمران هو.
- 21 آڪٽوبر 1901ع تي عثمان علي انصاري ولد هدايت علي انصاري شڪارپور ۾ ڄائو. ادبي سجاڳ، علم و فن تهذيب ۽ ثقافت، بالخصوص شاهه لطيف جو عاشق هو.
- 21 آڪٽوبر 1950ع تي ناميار سياستدان حسين هارون پورو نالو عبدالله حسين هارون پرڪيس حسين هارون جي نالي جي سڃاڻپ آهي. هن ڪراچي ۾ جنم ورتو.

- 21 آڪٽوبر 1969ع تي مشھور شاعره، ڪالم نويس ۽ سماجي ورڪر حميره نور پورو نالو حميره شمس شيخ، پني عاقل ۾ جنم ورتو.
- 22 آڪٽوبر 1928ع تي حرن جو روحاني پيشوا شاھ مردان شاھ (پير پاڳارو) پير سڪندر شاھ ثاني المعروف پير پاڳارو پير ڳوٺ ضلعي خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو.
- 22 آڪٽوبر 2007ع تي سرويچ سجاولي، اصل نالو محمد صديق ولد خميسو خان تارڙ وفات ڪئي.
- 23 آڪٽوبر 1957ع تي ڪھاڻيڪاره ۽ ليکڪا زرينہ حسن ناريجو، ناmiاري سياستدان حسين بخش جي گھر واري آھي سندس جنم نئين ديري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو.
- 23 آڪٽوبر 1920ع تي سنڌ جو محب وطن، مخلص سياستدان مير رسول بخش ولد حاجي مير نبي بخش ٽالپر ٽنڊي مير محمود، حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو.
- 23 آڪٽوبر 2011ع تي اڳوڻي وزير اعظم ذوالفقار ڀٽي جي گھر واري بيگم نصرت ڀٽو وفات ڪئي.
- 24 آڪٽوبر 1933ع تي سنڌ جو نالي وارو لسانيات تحقيق، ناول نگار، افسانہ نگار سراج (سراج الحق ميمڻ) ٽنڊو ڄام ۾ اک کولي.
- 24 آڪٽوبر 2000ع تي سنڌ جو قومي شاعر زخمي چانڊيو راھ جي رھزنن ھٿان مارجي ويو. زخمي چانڊيو جي آخري آرام گاھ ڳوٺ جوابپور چانڊيا قبرستان ۾ آھي.
- 24 آڪٽوبر 1986ع تي محمد سومار شيخ وفات ڪئي. ادبي خدمتون، آثار قديم، تاريخ، لوڪ ادب سوانح، افسانا ۽ ثقافت اٿس.
- 24 آڪٽوبر 1971ع تي روبينا ابڙو ڳوٺ ڳيريلي تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ، شاعري اٿس.
- 24 آڪٽوبر 2005ع تي سنڌ جي بھترين گلوڪاره، ليکڪا، اداڪارا ۽ صداڪار جيجي زرينہ بلوچ لاڏاڻو ڪيو.
- 25 آڪٽوبر 1995ع تي سنڌي ڪھاڻيءَ جي اڌ صدي جي تاريخ، نجم عباسي راھ رباني وٺي ويو.
- 26 آڪٽوبر 1965ع تي پير ڪرم الله انصاري عرف دلبر سائين ولد پير الاھي بخش انصاري ضلعي دادو جي ھڪ ننڍڙي ڳوٺ خانپور ۾ پيدا ٿيو. پنھنجي وقت جو عالم دين آھي.
- 26 آڪٽوبر 1988ع تي قومي ۽ سماجي شاعر بردو سنڌي اصل نالو محمد رمضان ولد خدا ڏنو لاشاري وفات ڪئي.
- 26 آڪٽوبر 1916ع تي نثر نويس، ابو البشير ميمڻ (ناچيز) اصل نالو حاجي نور احمد ولد محمد ھاشم ميمڻ ڳوٺ ڇڄڙا تعلقو قنبر ضلعي لاڙڪاڻي۾ جنم ورتو.
- 27 آڪٽوبر 1959ع تي شاعر ۽ صحافي اختر ھالائي وفات ڪئي.
- 27 آڪٽوبر 1969ع تي نوجوان ٿھي جو شاعر مشتاق بخاري اصل نالو سيد مشاق احمد ولد سيد غلام علي شاھ بخاري ڳوٺ لونگاڻي شريف تعلقي ڳڙھي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو.

- 27 آڪٽوبر 1900ع تي احمد خان ”شيدا“ ابڙو هالا نوان ۾ پيدا ٿيو. اديب خدمتون، شاعر، مضمون، افسانا ۽ سماجي ورڪر اٿس.
- 28 آڪٽوبر 2002ع تي شاعر، نثر نويس ۽ تاريخ جو ڄاڻو تاج صحرائي وفات ڪئي.
- 28 آڪٽوبر 1958ع تي پرسره هيرا نند سچا ننداڻي وفات ڪئي. تخلص ضيا ڳوٺ ٽنڊو باگهو هئس.
- 30 آڪٽوبر 1981ع تي سنڌ جو مشهور اديب ۽ شاعر قاضي علي اڪبر درازي وفات ڪئي.
- 30 آڪٽوبر1983ع تي آزاديءَ جو متوالو محمد هالائي جو وڇڙو ٿيو.
- 30 آڪٽوبر 1961ع تي مترجم ۽ ليکڪ انس راڄپر ڳوٺ ڏنگيجا ضلعي نوشهري فيروز ۾ پيدا ٿيو.
- 31 آڪٽوبر 1946ع تي ناليوارو سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ڄام ساقي جو پورو نالو محمد ڄام ولد محمد سچل جنهي ڳوٺ جنجهيءَ تعلقي ڇاڇري، ضلعي ٿرپارڪر ۾ جنم ورتو.
- 31 آڪٽوبر 2005ع تي سنڌي جي سيني شاعر محمد ابراهيم ”راحم“ صديقيءَ لاڏاڻو ڪيو.

---

شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جو جنم 1102 هجري مطابق 1689-1690 ۾ ٿيو.
ميان نور محمد ڪلهوڙو (1718 - 1755ع) جو سنڌ جو حاڪم ۽ ڪلهوڙو جو مهندار هو.
زخمي پبليڪيشن ڊڪڻ، 2001ع ڌاري عمل ۾ آئي.
ڦوٽو زرداري، مشهور فنڪار 1956ع ڌاري ڳوٺ عالم خان زرداري ضلعي سانگهڙ ۾ جنم ورتو.
المنظر سئنيما لاڙڪاڻو: هي سئنيما لاڙڪاڻي شهر ۾ اسٽيشن روڊ تي 1972ع ڌاري قائم ٿي.
هن وقت المنظر سئنيما جو ڪوبہ وجود ڪونهي.

# ✵ نومبر ✵

- عيسوي سال جو يارنهون مهينو نومبر آهي. هي مهينو نومبر، لاطيني زبان جي لفظ نووو (NOVEM) مان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي نائون مهينو، يورپي ڪيلينڊر ۾ هن کي يارنهن نمبر تي رکيو ويو آهي رومي ڪلينڊر ۾ هن کي نائين نمبر تي رکيو ويو آهي. هن مهيني کي خوني مهينو بہ چوندا آهن. چاڪاڻ جو هن مهيني ۾ سخت سردي پوندي آهي. هن مهيني ۾ 30 ڏينهن ٿين ٿا.
- پهرين نومبر 1945ع تي عبدالقادر جوڻيجو ضلعي مٺي جي شهر جنهان ۾ جنم ورتو. ادبي خدمتون ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس ۽ ڪالم نگار اٿس.
- پهرين نومبر 1975ع تي قادر الڪلام شاعر انجم هالائي اصل نالو آخوند حاجي عبدالرحمان ولد علي محمد ميمڻ وفات ڪئي.
- پهرين نومبر 1946ع تي سدا ملوڪ سگهڙ ۽ شاعر عبدالرحمان مهيسر ولد حافظ محمد صلاح مهيسر ڳوٺ رفيق مهيسر ضلعي خيرپور ميرس ۾ جنم ورتو.
- پهرين نومبر 1931ع تي الهہ بخش شاهہ بخاري ڳوٺ ٽنيا بقاشاهہ تعلقي ڪنڊياري ۾ جنم ورتو. سجاڳ، استاد ۽ ريڊيو پاڪستان تي پروڊيوسر اٿس.
- پهرين نومبر 1946ع تي ناميارو ليکڪ ۽ ترجمي نگار عبدالرحمان جتوئي ولد عبدالله جتوئي ڳوٺ شير علي جتوئي تعلقي خانپور ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو.
- پهرين نومبر 1977ع تي نديم سنديلو ولد قربان علي سنديلو تعلقي ڏوڪريءَ جي ڳوٺ حڪيم سنديلي ۾ پيدا ٿيو. ادبي سجاڳ شاعر، ايڊيٽر ۽ ترجمي نگار آهي.
- 2 نومبر 1857ع تي پير تراب علي شاهہ راشدي لاڙڪاڻي جي تعلقي قنبر جي ڳوٺ علي خان راشدي ۾ جنم ورتو.
- 2 نومبر 1939ع تي ڀڳت ڪنور رام کي پير پرچونديءَ جي هڪ مريد جان محمد جلباڻي رڪ اسٽيشن تي بندوق جا فائر ڪري قتل ڪيو.
- 2 نومبر 1949ع تي ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس ۽ ڪالم نگار آغا رفيق شڪارپور ۾ پيدا ٿيو.
- 2 نومبر 1964ع تي نوجوان شاعر علي دوست عاجز فريد آباد، دادو ۾ جنم ورتو.
- 3 نومبر 1873ع تي ديني عالم حامد الله حضوري هن فاني جهان کي الوداع ڪيو سندس آخري آرام گاهہ ميروخان ۾ آهي.
- 3 نومبر 1984ع تي ماستر چندر لاڏاڻو ڪري ويو.

- 3 نومبر 1893ع تي عالم، اديب، شاعر ۽ صحافي عبدالخالق “خليق مورائي” ولد قاضي نبي بخش سومرو موري شهر ۾ پيدا ٿيو.
- 3 نومبر 1908ع تي قاضي فيض محمد ولد قاضي نبي بخش هالاڻي ضلعي نوشهروفيروز ۾ جنم ورتو. ادبي سجاڳ، سياستدان، ماهر وڪيل ۽ اديب شاعر تي گذريو آهي.
- 3 نومبر 1957ع تي ڊاڪٽر اسد جمال پلي ڳوٺ حاجي بخش پلي عمرڪوٽ ۾ ڄائو، ادبي سجاڳ، سنڌ جو ناميارو عالم ۽ اديب اٿس.
- 3 نومبر 1921ع تي شاعر ۽ ليکڪ ڀڳوان ڪلناڻي “ساقي” ضلعي نوابشاهه ۾ ڄائو.
- 3 نومبر 1950ع تي اڳوڻو ايم.پي.اي ۽ چانڊيا قبيلي جو سردار نواب شبير احمد ولد احمد سلطان چانڊيو ڳوٺ غيبي خان چانڊيي، تعلقي قنبر ۾ پيدا ٿيو.
- 4 نومبر 1991ع تي قادرالڪلام شاعر عبدالڪريم پلي لاڏاڻو ڪيو.
- 4 نومبر 1874ع تي خيرپور رياست جو ناميارو وزيراعظم خان بهادر محمد ابراهيم ولد محمد اسماعيل شيخ جنم ورتو.
- 4 نومبر 1994ع تي (گويو) استاد فدا حسين خان اصل نالو خدا بخش هو. پاڻ 52 سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائون.
- 5 نومبر 1919ع تي ليکڪ ارجن سڪايل موري پرسان سٽو جا ۾ جنم ورتو.
- 5 نومبر 1961ع تي شاعر، صحافي، سماجي اڳواڻ ۽ انقلابي تنظيم هاري ڪاميٽي جو قائد ڪامريڊ علي محمد عباسي وفات ڪئي.
- 5 نومبر 1929ع تي سنڌ جو نالي وارو عالم مولانا تاج محمد امروٽي پنهنجي زندگيءَ کي الوداع چئي مالڪي حقيقي سان مليو.
- 5 نومبر 1933ع تي غلام رباني آگرو ولد عبداللطيف آگرو ڳوٺ محمد خان آگرو تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ڄائو. ادبي سجاڳ برک اديب، دانشور ممتاز ڪهاڻيڪار آهي.
- 5 نومبر 2009ع تي نالي واري شاعر احمد خان آصف مصراڻيءَ وفات ڪئي.

---

طالب المولىٰ جي جنم جي تاريخ 3 نومبر به ملي ٿي.

- 6 نومبر 1996ع تي ڏهيسر ممتاز علي ڀٽي کي سنڌ جو نگران وزيراعلىٰ مقرر ڪيو ويو.
- 6 نومبر 1955ع تي ناமياري اديب، ايس جي ڀاڳيا جو اصل نالو سڌام چند گوڪل مل ڀاڳي پني عاقل ۾ جنم ورتو.
- 6 نومبر 1953ع تي ناميارو ليکڪ بشير هيسباڻي ڳوٺ نور الله هيسباڻي، تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهري فيروز ۾ پيدا ٿيو.
- 6 نومبر 1969ع تي شاعر مدهوش ڀٽو تعلقي رتيديري جي ڳوٺ بنگل ديري ۾ عبدالرحمان ڀٽي جي گهر ۾ پيدا ٿيو. چنيءَ جو نالو الطاف حسين اٿس.

- 7 نومبر 1927ع تي سنڌ جو نالي وارو ليکڪ ڪرشن کٽواڻي (ڪرشن عيد نداس کٽواڻي) ٺارو شاهه ضلعو نوشهرو فيروز ۾ جنم ورتو.
- 7 نومبر 1930ع تي نقاد ۽ ماهر لسانيات ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. پي ايڇ ڊي جو موضوع: سنڌي ٻولي ۾ لفظن جي بناوت.
- 7 نومبر 1930ع تي لسانيات جي نامياري ماهر، محقق ۽ عالم پروفيسر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو جنم ڪشنچند جيٽلي جي گهر ۾، حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو.
- 8 نومبر 1936ع تي سنڌ جو نالي وارو ڪهاڻيڪار، ڊرامانويس ۽ ڪالم نگار امر جليل (قاضي عبدالجليل) روهڙي شهر ۾ جنم ورتو.
- 8 نومبر 1912ع تي مشهور تاريخدان، اديب ۽ اهل قلم رائچند هريجن ٿر جي تعلقي ڇاڇري جي ننڍڙي شهر ڇيلهار ۾ جنم ورتو.
- 8 نومبر 1960ع تي شاعرن جو سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ هالن ۾ شاهه حبيب جي گهر جنم ورتو.
- 8 نومبر 1995ع تي سنڌ جي گهڻ پاسائو شخصيت م ن معزون وفات ڪئي.
- 8 نومبر 1994ع تي سياستدان ۽ سماجي ورڪر سيد نظر شاهه پنهنجي اباڻي ڳوٺ خير شاهه ۾ وفات ڪئي.
- 8 نومبر 1965ع تي شاعر، ترجمي نگار ۽ محقق پريتم پياسي ڳوٺ نور محمد پلي تعلقي عمر ڪوٽ ۾ ڄائو.
- 8 نومبر 1921ع تي سيد شاهه مردان شاهه اول "ڪوٽ ڌڻي" پنجون پيرپاڳارو وفات ڪئي.
- 8 نومبر 1972ع تي سنڌي فلم بادل رليز ٿي هن فلم جو هدايتڪار غلام حيدر صديقي فلمساز اسماعيل ميمڻ ۽ موسيقار امداد حسين هو.
- 08 نومبر 1868ع تي نوجوان ٿهيءَ جو نمائندو شاعر سعيد ميمڻ ڳوٺ عاقل، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 9 نومبر 1971ع تي مهان ڪهاڻيڪار حفيظ شيخ انتقال ڪري ويو.
- 9 نومبر1952ع تي قومپرست، سياسي ۽ سماجي اڳواڻ عبدالخالق جوڻيجو ڳوٺ قاضي دڙي، تعلقي ڏوڪري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 9 نومبر 1973ع تي (فلم) "جيجل ماءُ" مشهور هدايتڪار اي. ايڇ صديقي، موسيقار غلام علي ۽ پروڊيوسر بہ اي ايڇ صديقي جنهن رليز ڪئي.
- 10 نومبر 1940ع تي شاعر ۽ سماجي ورڪر ميان علي محمد قادري لاڏاڻو ڪري ويو. علي محمد قادري 1856ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 10 نومبر 1931ع تي سنڌي افساني ادب جو سنو ليکڪ حفيظ شيخ ولد عبدالرسول شيخ گمبٽ ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو.
- 10 نومبر 1980ع تي جڳ مشهور ماهر الغوزي نواز مصري خان جمالي انتقال ڪيو.
- 10 نومبر 1918ع تي سيد حاجي محمد شاهه انتقال ڪيو پاڻ نالي وارو شاعر هو.

- 11 نومبر 1920ع تي دانشور، صحافي ۽ اديب علي احمد بروهي ولد ڪريم بخش بروهي تعلقي اوٻاڙي جي ڳوٺ ڪنيڙا ۾ ڄائو.
- 11 نومبر 1945ع تي قاضي خادم ولد محمد لائق قريشي ڳوٺ الهداد چنڊ ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڃاڻپ: مشهور اديب ۽ ليکڪ آهي.
- 11 نومبر 1960ع تي ناميارو ڪهاڻيڪار، ڊرامہ نويس مضمون نگار، ريڊيو ڪمپيئر ماڪن شاهہ رضوي ولد جيئرو شاهہ رضوي شهر جُهڏي ضلعي ميرپورخاص ۾ ڄائو.
- 11 نومبر 1957ع تي راڳي امير حسن صدر ڪراچي ۾ جنم ورتو.
- 12 نومبر 1959ع تي لاڙڪاڻي جو نمائندو شاعر پنهنجي دور جو عڪس ۽ آئينو نواز علي نياز لاڏاڻو ڪري ويو.
- 12 نومبر 1918ع تي شاعر سليم هالائي هالانوان ۾ جنم ورتو.
- 13 نومبر 1719ع تي ميان نور محمد ڪلهوڙو مسند نشين ٿيو.
- 13 نومبر 1954ع تي ممتاز عالم الدين عمر الدين چنو وفات ڪئي.
- 13 نومبر 1987ع تي نعتيہ گو شاعر ۽ ليکڪ مولانا محمد شاهہ امروٽي سول اسپتال سکر ۾ وفات ڪئي.
- 14 نومبر 1944ع تي سفر نامن جي بادشاهہ الطاف شيخ ولد گل محمد شيخ هالا نوان ۾ جنم ورتو.
- 15 نومبر 1956ع تي آزاد قاضي لاڙڪاڻي جي شهر ڏوڪري ۾ جنم ورتو اصل نالو عبدالواحد قاضي ادبي سڃاڻپ محقق، مترجم ۽ مرتب اٿس.
- 15 نومبر 1974ع تي نوجوان اسڪالر، ليکڪا ۽ ڪالم نگار انيتا شاهہ حيدرآباد ۾ ڄائي.
- 15 نومبر 1965ع تي نئين ٿهي جو نوجوان نثر نگار، شاعر ۽ عوامي تحريڪ جو سرواڻ اياز لطيف پليجو ولد رسول بخش پليجو حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 15 نومبر 1965ع تي مشهور شاعر بدرشاهہ اصل نالو بدرالدين شاهہ ڳوٺ وڪيي سانگي، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.
- 15 نومبر 1962ع تي ڪاتب، ليکڪ ۽ شاعر فقير فيض محمد سڪندري ولد حمزو پتافي ڳوٺ ٻهاول خان پتافي، تعلقي ڏهرڪي ضلعي گهوٽڪي ۾ ڄائو.
- 16 نومبر 1963ع تي وسيم سومرو اصل نالو محمد خان ٽنڊو آدم ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڃاڻپ شاعر ۽ مضمون نگار اٿس.
- 16 نومبر 1963ع تي انجمن ساز شخصيت سيد ميران محمد شاهہ "ٻيو" وفات ڪئي آخري آرام گاهہ ٽکڙ ۾ اٿس.
- 17 نومبر 1938ع تي لڇمڻ پنياٽي نوابشاهہ ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ پارت جو مشهور مضمون نگار، ڪهاڻيڪار، ڊرامہ نگار ۽ صحافي آهي. پاڻ ورهاڱي ڪانپوءِ جئپور لڏي ويو.
- 17 نومبر 1956ع تي سنڌ ڌرتي جو خوبصورت شاعر شيرل بيوس باڊاهي پنهنجي ڦوهہ جواني ۾ لاڏاڻو ڪيو. هو باڊهہ شهر جو رهاڪو هو.
- 18 نومبر 1886ع تي سنڌي سياستدان سر شاهنواز ڀٽو پيدا ٿيو.

- 18 نومبر 1982ع تي قادر الڪلام شاعر ڊاڪٽر ابراهيم خليل حيدرآباد ۾ لاڏاڻو ڪيو.
- 18 نومبر 1965ع تي نوجوان شاعر ۽ اديب خليل عارف سومرو سنڌ جي ناليواري شاعر احمد خان مدهوش جو فرزند آهي. سندس پورو نالو خليل حسين ڪاڇي جي شهر جوهي، ضلعي دادوءَ ۾ پيدا ٿيو.
- 18 نومبر 1968ع تي نالي وارو شاعر ۽ ريڊيو ڪمپيئر عزيز منگي اصل نالو عبدالعزيز منگي ولد هدايت الله منگي، تعلقي ڏوڪريءَ جي ڳوٺ بگي ۾ جنم ورتو.
- 18 نومبر 1968ع تي نوجوان ٿهيءَ جو نمائندو شاعر سعيد ميمڻ ڳوٺ عاقل، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 19 نومبر 1957ع تي سرشاهنواز ڀٽي هن فاني جهان کي هميشہ لاءِ الوداع ڪيو.
- 19 نومبر 1897ع تي مشهور شاعر ۽ نثر نويس ليکراج ڪشنچند عزيز حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 20 نومبر 1951ع تي رومانوي شاعر عبدالغفار تبسم ميرپور ڀٽو تعلقو نئون ديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 20 نومبر 1912ع تي ڪيپري جي علمي ادارن جو باني ۽ تعليمي اڳواڻ مولوي محمد حسن پهوڙ ڳوٺ جهنڊي مري تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ پيدا ٿيو.
- 20 نومبر 1989ع تي ٻارن جو عالمي ڏينهن طور گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي قرارداد منظور ڪئي ٻارن جي حقن جي عالمي پڌرنامو جاري ڪيو.
- 20 نومبر 1911ع تي ناول نگار، ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس مضمون نگار، شاعر، گلوڪار ۽ اداڪار پروفيسر رام پنجواڻي پورو نالو رام پرتا براءِ پنجواڻي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 20 نومبر 1958ع تي خاموش طبع، شاعر محمد صديق ميمڻ لاڏاڻو ڪيو.
- 20 نومبر 1920ع تي پروفيسر الياس ابڙو ولد محمد رمضان ابڙي جي گهر ۾ جنم ورتو. پاڻ سنڌ يونيورسٽي جو اڳوڻو وائيس چانسلر رهيو آهي.
- 20 نومبر 1967ع تي سنڌي ٻوليءَ جو اهم شاعر نظر سنڌي وفات ڪئي.
- 20 نومبر 1941ع تي آبپاشي جو ماهر ادريس راجپوت ولد دينار خان راجپوت پارت جي ضلعي گڙ گائون جي هڪ ڳوٺ نُوهه ۾ پيدا ٿيو. هن وقت ڪراچي ۾ رهي پيو.
- 21 نومبر 1932ع تي سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو اديب ڪلياڻ آڏواڻي پٽ جئہ رامداس آڏواڻي حيدرآباد ۾ جائو.
- 21 نومبر 1965ع تي نئين ٿهيءَ جو نوجوان شاعر علي محمد درد سولنگي، ولد مير محمد سولنگي ڳوٺ قاضي پير محمد ڦلجي اسٽيشن، تعلقي ۽ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو.
- 21 نومبر 1965ع تي سنڌ جو جاڪوڙي ۽ پبلشر استاد لغاريءَ جو اصل نالو لقمان ولد محمد عالم ڳوٺ مولوي خير محمد احمداڻي ضلعي سانگهڙ ۾ پيدا ٿيو.
- 21 نومبر 1926ع تي شاعر قطب علي "قلب" ڳوٺ تلهار ٽنڊو باگو ۾ پيدا ٿيو.
- 22 نومبر 1958ع تي شمس العلماءَ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي وفات ڪئي. آخري آرام گاهه ڀٽائي جي درگاهه تي آهي.

- 22 نومبر 1948ع تي لاڙڪاڻي جو اهم قابل فخر سپوت شهزادو شيخ باقراڻي شهر ۾ جنم ورتو.
- 22 نومبر 1965ع تي علمي ۽ ادبي دنيا جو جوهر، پروفيسر احسان بدوي ڪراچي ۾ هڪ روڊ حادثي ۾ وفات ڪئي. آخري آرام گاهه شڪارپور ۾ اٿس.
- 22 نومبر 1933ع تي سنڌ جو بلند پايه شاعر، اديب، خطيب ۽ صحافي رحيم بخش "قمر" لاکو ولد محمد عيسيٰ لاکو ڳوٺ عمر راهو تعلقي دولت پور صفن ضلعي نوابشاهه ۾ جنم ورتو.
- 22 نومبر 1933ع تي مشهور صوفي شاعر مل محمود پلي وفات ڪئي.
- 22 نومبر 1930ع تي ناول نگار ڪهاڻيڪار ۽ شاعر موهن ڪلپنا، جو اصل نالو موهن بولچند لال هو. پاڻ ڪوٽڙي ۾ جنم ورتائين.
- 22 نومبر 1964ع تي استاد، اديب ۽ تحقيق نگار الطاف جوکيو محرابپور تعلقي ڪنڊياري ۾ جنم ورتو.
- 22 نومبر 1950ع تي سنڌي زبان جي خوبصورت ليکڪا، ڪهاڻيڪار ۽ شاعره اندرا شبنم ڪراچي ۾ جنم ورتو.
- 22 نومبر 1842ع تي (ٽيون پير پاڳارو) سيد حزب الله شاهه "تخت ڌڻي" ولد پير علي گوهر شاهه جو جنم ٿيو.
- 22 نومبر 1928ع تي سيد شاهه مردان شاهه ثانيءَ ڇٽ ڌڻي (ستون پير پاڳارو) ولد پير سيد صبغت الله شاهه آهي. سندس عرفي نالو سيد سڪندر علي شاهه اٿس.
- 23 نومبر 1974ع تي سياسي اڳواڻ حميره علواڻي ڌيءَ حيدر علي خواجه حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 24 نومبر 1934ع تي سنڌ جو بيباڪ صحافي، شاعر ۽ اديب مولوي نور محمد نظاماڻي لاڏاڻو ڪري ويو.
- 24 نومبر 1977ع تي سنڌي ادب جو پلوڙ انسان محبوب علي چنه مڪي شريف جي متبرڪ شهر ۾ وصال ڪيو ۽ اُتي ئي دفن ٿيل آهي.
- 24 نومبر 1952ع تي استاد شاعر ۽ مصور محمد بخش واصف وفات ڪئي.
- 25 نومبر 1999ع تي سنڌ جي نالي واري شاعر تنوير عباسي هن فاني جهان کي الوداع چيو آخري آرام گاهه اسلام آباد ۾ اٿس.
- 25 نومبر 1879ع تي ٿانور داس ليلا رام وسواڻي حيدرآباد ۾ ڄائو. سڃاڻپ ادبي: اديب، عالم ۽ فلسفي هو.
- 25 نومبر 1996ع تي مشهور اديب، شاعر خادم رفيقي مهيسر لاڏاڻو ڪري ويو.
- 25 نومبر 1968ع تي اسد عباسي ولد حاجي الهداد عباسي موري لڳ ڳوٺ علي بخش ڪلهوڙي ۾ جنم ورتو. سڃاڻپ:- ايڊيٽر ۽ سماجي ورڪر اٿس.
- 25 نومبر 1945ع تي سنڌي ٻوليءَ جي ناماياري خاتون ليکڪا ثريا سوز ڏيپلائي اصل نالو ثريا نسيم قاضي، محمد عثمان جي گهر ۾ جنم ورتو.

- 25 نومبر 1943ع تي انجمن آفتاب ادب دادو جو بنياد وڌو ويو. حافظ محمد احسن چنا، ماستر جمع خان غريب، امام الدين ضامن جي ڪوشش سان انجمن عمل ۾ آئي.
- 25 نومبر 1942ع تي شاعر عبدالغفور ”عابد“ اصل نالو عبدالغفور ولد مولوي عبدالله جوٽيجو ڳوٺ مير حسن نظاماڻي، بدين ۾ جنم ورتو.
- 25 نومبر 1944ع تي سنڌي ٻوليءَ جي ممتاز ليکڪا ۽ سنڌي عورت صحافي زيد. اي شيخ جو پورو نالو زيب النساءِ شيخ هو. سندس جنم حيدرآباد جي علائقي ٽنڊي آغا ۾ ٿيو.
- 26 نومبر 1935ع تي ڊاڪٽر پروفيسر عبدالجبار جوٽيجو ڳوٺ پير فتح شاهه تعلقو ۽ ضلعو بدين ۾ جنم ورتو. تخلص شام ڪتب آڻيندو هو. ادبي سڃاڻپ محقق، نقاد، شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ماهر لسانيات ۽ ماهر تعليم هئس. پي ايڇ ڊي جو موضوع: سنڌي شاعريءَ تي فارسي جو اثر.
- 26 نومبر 1993ع تي اديب، شاعر، ۽ صحافي رحيم بخش ”قمر“ لاکو وفات ڪئي.
- 26 نومبر 2000ع تي نعت گو شاعر غلام نبي مهيسر وفات ڪئي غلام نبي مهيسر جي جنم يومي ميهڙ شهر آهي. جتي 1939ع تي ڳوٺ پاڳي تيوٽي ۾ هن جو جنم ٿيو.
- 26 نومبر 1954ع تي سنڌ جو سخي مرد نواب غيبي خان چانڊيو، اصل نالو نواب علي نواز خان وفات ڪئي.
- 26 نومبر 1939ع تي سنڌ جو عوامي شاعر مرتضيٰ ڏاڏاهيءَ ولد سيد امام الله شاهه ٽنڊي الهيار ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 26 نومبر 1919ع تي مشهور اداڪار، هدايتڪار، گائڪ ۽ شاعر ذرم ڪمار تولاڻي ٽنڊي آدم سنڌ ۾ جنم ورتو.
- 27 نومبر 1961ع تي محمود مغل (محمود الحسن مغل) سيوهڻ شريف شهر ۾ پيدا ٿيو. ادبي سڃاڻپ ڊراما نگار، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس اٿس.
- 27 نومبر 1872ع تي قوم جو سچو هڏڏوکي سر عبدالله هارون ولد محمد هارون ميمڻ ڪراچي جي ڪڇي ميمڻ پاڙي ۾ ڄائو.
- 27 نومبر 1975ع تي اديب ۽ شاعر زبير سومرو ولد عبدالمجيد سومرو سنڌ جي تاريخي شهر شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- 29 نومبر 1933ع تي موجوده دور جو مشهور سياسي اڳواڻ ممتاز علي ڀٽو ولد نواب نبي بخش خان ڀٽو ڳوٺ سردار پير بخش خان ڀٽو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. ممتاز علي ڀٽو ”ڌهيسر سنڌ“ جي لقب سان پڻ سڃاتو ويندو آهي.
- 29 نومبر 1939ع تي لوڪ ثقافت ۽ موسيقي جو پارکو ممتاز مرزا اصل نانءُ توسل حسين هو، ٽنڊو آغا حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 30 نومبر 1929ع تي سنڌي ادب ۽ صحافت جي دنيا جو نامور انسان هري موٽواڻي تخلص سنڌي ولد شيوا رام موٽواڻي لاڙڪاڻي محلي نوان تڪ ۾ پيدا ٿيو.
- 30 نومبر 1868ع تي مشهور قومي ڪارڪن، اديب شاعر ۽ عالم اسد الله شاهه ”فدا“ ولد سيد الهه بخش شاهه ٽکڙائي ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو.

- 30 نومبر 1967ع تي ذوالفقار علي ڀٽي پاڪستان پيپلز پارٽي نالي سياسي پارٽيءَ جو بنياد پنجاب جي شهر لاهور ۾ وڌو ۽ چيئرمين جي حيثيت سان پاڻ پارٽي جو ڪردار پيش ڪرڻ لڳو.
- 30 نومبر 2003ع تي اديب، شاعر ۽ صحافي علي احمد بروهي لاڏاڻو ڪيو.
- 30 نومبر 1963ع تي سنڌي ٻوليءَ جو اديب ۽ ڪهاڻيڪار اڪبر لغاري تعلقي هالا جي ڳوٺ ٽالي خان لغاري لڳ ڀاڻوٽ ۾ ڄائو.

---

ڀهرين سنڌي اخبار: سنڌ ۾ اخبار نويسي جي شروعات انگريزي اخبار ڪراچي ايڊورٽائيزر سان 1844ع ۾ تي جيڪا ڪراچيءَ مان هر سومر ۽ خميس تي شام جو باقاعدي نڪرندي هئي.

# ✵ ڊسمبر ✵

- عيسوي سال جو ٻارهون مهينو ڊسمبر آهي. ڊسمبر، لاطيني زبان جي لفظ (DECM) مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڏهون. رومن ڪيلينڊر ۾ هي مهينو ڏهون هو، جڏهن تہ يورپين ڪيلينڊر ۾ هي ٻارهون ۽ آخري مهينو آهي. هن مهيني ۾ زمين سطح مدار تي پنهنجو چڪر پورو ڪرڻ وارو هوندو آهي. ڏکڻ اڌ گول ۾ 22 ڊسمبر سڀ کان وڏو ڏينهن هوندو آهي. اتر اڌ گول ۾ بهار جي موسم ۽ ڏکڻ اڌ گول ۾ گرمين جي موسم ٿئي ٿي. هن مهيني ۾ 31 ڏينهن ٿين ٿا.
- پهرين ڊسمبر 1980ع تي پروفيسر منگھارام ملڪاڻي وفات ڪئي. ادبي سجاڳ، مشهور عالم، اديب، نقاد تاريخ نويس، ناٽڪ نويس ۽ اسٽيج اداڪار ٿي گذريو آهي.
- پهرين ڊسمبر 1938ع تي مضمون نگار ۽ مرتب نصر حسين ابڙو شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ مدئجيءَ ۾ جنم ورتو.
- پهرين ڊسمبر 1946ع تي سنڌي ٻوليءَ جو مشهور محقق پروفيسر ڊاڪٽر الهہ رکيو ٻُٽ ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ پُٽ سرائي ۾ ڄائو.
- پهرين ڊسمبر 1988ع تي سنڌ ڄائي محترمہ بينظير ڀٽو کي پاڪستان جو وزيراعظم مقرر ڪيو ويو.
- پهرين ڊسمبر 1949ع تي مشهور عالم، اديب، محقق ۽ نثر نويس ڊاڪٽر عبدالرسول قادري ڳوٺ بخشو مگسي (دڙي مگسي) تعلقي سڪرنڊ ضلعي نواب شاهہ ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين ڊسمبر 1941ع تي سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو شاعر، ليکڪ، صحافي ۽ مضمون نگار امير بخاري گھوٽڪي تعلقي جي ڳوٺ پيرڙي بخارا لڳ ٿيلي، مومل جي ماڙيءَ ۾ پيدا ٿيو.
- پهرين ڊسمبر 2003ع تي سنڌي ادبي تاريخ ۾ چوٽيءَ جو مزاح نگار علي محمد بروهي لاڏاڻو ڪيو.
- پهرين ڊسمبر 1958ع تي افضل سولنگي ڳوٺ ڪرڙ خان سولنگي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. سجاڳ ناميارو شاعر اٿس.
- پهرين ڊسمبر 1896ع تي (ڇوٽون پير پاڳارو) سيد علي گوهر شاهہ ثاني "محافي ڏٺي" وفات ڪئي.
- پهرين ڊسمبر 1931ع تي سنڌي ٻوليءَ جي نامور ڪهاڻيڪار حفيظ شيخ خيرپور ميرس ۾ جنم ورتو.
- پهرين ڊسمبر 1994ع تي فقير جانڻ چن اصل نالو جان محمد ولد محمد حسن وفات ڪئي. پاڻ صوفي بزرگ شاعر هو.
- پهرين ڊسمبر 1940ع تي شاعر گورڌن نامديو شرما گھايل ميهڙ ۾ جنم ورتو.
- 2 ڊسمبر 1833ع تي بلند پايہ عالم دين، حڪيم، شاعر ۽ مدرس مفتي غلام عمر جتوئي ولد محمد صادق جتوئي ڳوٺ سونو جتوئي تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو.

- 2 ڊسمبر 1947ع تي صحافي ۽ شاعر اختر بخاري اصل نالو سيد اختر علي شاهه ولد سيد نياز محمد شاهه ماٽيلو (مومل جي ماڙي) تعلقي گهوٽڪي ۾ ڄائو.
- 2 ڊسمبر 1938ع تي ناليوارو محقق، اديب ۽ حڪيم خليفو عبدالحميد ولد حڪيم خليفو عبدالمجيد چانڊيو ڳوٺ ستاڻي چانڊيي ضلعي دادوءَ ۾ جنم ورتو.
- 3 ڊسمبر 1960ع تي ناميارو ليکڪ امام راشدي اصل نالو (سيد امام المتقين) ولد سيد بدرالدجيٰ شاهه راشدي، شاهه جو ڳوٺ نئوديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 4 ڊسمبر 1876ع تي ڪاڪو ڀيرومل پٽ مهر چند آڏواڻي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. سڃاڻپ: ادبي محقق، تاريخ نويس، ماهر لسانيات، مضمون نگار، ناول نگار، سيلاني، شاعر ۽ مترجم اٿس.
- 4 ڊسمبر 1962ع تي مشهور سياستدان ڄام مدد علي ولد انور علي خان، سانگهڙ ۾ جنم ورتو.
- 5 ڊسمبر 1971ع تي ضمير حسين ڏيسي تعلقي سوڀيديري جي ڳوٺ مڏ ۾ غلام حسين ڏيسيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ: شاعر ۽ ريڊيو ڪمپيئر اٿس.
- 5 ڊسمبر 1937ع تي مشهور شاعر ۽ اديب سوز هالائي اصل نالو الهڏنو ولد محمود پنهيرو هالا پراڻا ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 5 ڊسمبر 1783ع تي سيد محمد بقا شاهه شهيد پٽ ڏٽي راهه رباني ورتي.
- 5 ڊسمبر 1840ع تي مير نور محمد خان ٽالپر وفات ڪئي. جنهن کان پوءِ انگريزن کي سنڌ تي قبضي ڪرڻ جي حوس وڌڻ لڳي.
- 5 ڊسمبر 1958ع تي مشهور صحافي ۽ سماج سڌارڪ امان الله سنڌي ولد مير خان چانڊيو ڳوٺ ڊرب ميري خان، تعلقي ۽ ضلعي قنبر شهدادڪوٽ ۾ ڄائو.
- 6 ڊسمبر 2000ع تي سنڌ جي مايا ناز شخصيت عبدالحق ابڙو وفات ڪئي.
- 6 ڊسمبر 1983ع تي شيخ عبدالرزاق راز وفات ڪئي. ادبي سڃاڻپ:- سنڌي ادب کي نثري توڙي نظم ۾ اهڙا ته شاهڪار ڏنا جو جيستائين سنڌي زبان ۽ ادب باقي آهن، سندس نالو روشن رهندو.
- 6 ڊسمبر 1968ع تي نالي وارو صحافي ۽ سياسي ورڪر اعجاز حسين مهر ولد غلام حسين مهر ڳوٺ ڪامل مهر ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو.
- 6 ڊسمبر 1963ع تي ناليواري شاعر جواد جعفريءَ جو پورو نالو جواد حسين سومرو ولد انور حسين لاڙڪاڻي شهر ۾ پيدا ٿيو.
- 6 ڊسمبر 1971ع تي منصور ابڙو ولد انور علي ابڙو لاڙڪاڻي شهر ۾ پيدا ٿيو. سڃاڻپ نوجوان ٺهيءَ جو شاعر آهي.
- 6 ڊسمبر 1962ع تي نوجوان شاعر حنيف عاطر جنم ورتو.
- 7 ڊسمبر 1918ع تي ترقي پسند ڪهاڻيڪار گوبند پنجابي شڪارپور ۾ جنم ورتو.
- 7 ڊسمبر 1934ع تي سنڌ جي نالي واري شاعر اديب، تنوير عباسي اصل نالو (نور نبي) والد جو نالو گل حسن عباسي سوڀو ديرو شهر ۾ پيدا ٿيو.
- 7 ڊسمبر 1927ع تي قومي خدمتگار ديوان ڏيارام گدومل ديهانت ڪئي.

- 7 ڊسمبر 1944ع تي شاعر وفا محمد "وفا" پلي خانصاحب عطا محمد پلي جي گهر ۾ جنم ورتو.
- 8 ڊسمبر 1957ع تي غلام سرور مغل، ولد خانبهادر رسول بخش مغل وفات ڪئي. غلام سرور مغل جي جنم ڀومي ڪوٽ ڏيجي ضلعو خيرپور ميرس هو. پاڻ سنڌي ۽ اردو جو غزل گو شاعر هو.
- 8 ڊسمبر 1959ع تي ليکڪا ۽ آر ڪيالاجي جي ماهر مستور بخاري، جو جنم روهڙي ۾ سيد محبوب علي شاهه جي گهر ٿيو.
- 8 ڊسمبر 1958ع تي حافظ عبدالستار ڪوريجو. ولد نظام الدين ڪوريجو، ڳوٺ ڪوريجا تعلقي رتيديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. ادبي سڃاڻپ، محقق ۽ تاريخدان اٿس.
- 8 ڊسمبر 1927ع تي شاعر "نديم" انصاري اصل نالو ولي محمد ولد محمد بچل انصاري ڳوٺ موري ضلعي خيرپور ۾ پيدا ٿيو.
- 9 ڊسمبر 1961ع تي رڪيل خاصخيلي (الهه رکيو خاصخيلي) ڳوٺ گابر خاصخيلي ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ شاعر اٿس.
- 9 ڊسمبر 1958ع تي مشهور نثر نويس الله بچايو ولد يارمحمد سمون وفات ڪئي.
- 10 ڊسمبر 1948ع تي انساني حقن جو عالمي ڏينهن گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي طرفان نهراءُ 217-A (3) پيش ڪري پڌرنامو جاري ڪيو ويو.
- 10 ڊسمبر 2003ع تي ڄڳ مشهور محقق، اديب ۽ ڏاهو غلام مصطفيٰ قاسمي سول اسپتال حيدرآباد ۾ وفات ڪئي.
- 10 ڊسمبر 1911ع تي مشهور عالم ۽ اديب ڪلياڻ آڏواڻي حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 10 ڊسمبر 1950ع تي ليکڪ، تعليمدان ۽ ٽي وي ڪمپيئر حافظ ارشد انڙ، ڳوٺ ستابو انڙ، تعلقي پني عاقل ۾ جنم ورتو.
- 11 ڊسمبر 1976ع تي نوجوان ڪهاڻيڪار مشتاق احمد ولد محمد گوپانگ تعلقي ميروخان جي ڳوٺ عثمان گوپانگ ۾ جنم ورتو.
- 11 ڊسمبر 1965ع تي سماجي ورڪر ۽ شاعر ارباب منل منگي سوڀيديري شهر ۾ جنم ورتو.
- 11 ڊسمبر 1939ع تي ڏاهپ سان ڀرپور شخصيت سيد ديدار حسين شاهه ولد سيد محبوب علي شاهه ڳوٺ ڳڙهي غلام حيدر قادري رتيديري شهر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. ۽ شاهه صاحب کي لاڙڪاڻي ضلعي مان پهريون چيف جسٽس جو اعزاز حاصل آهي.
- 11 ڊسمبر 1982ع تي سماجي ورڪر ۽ ريڊيو لسنر سنجر علي مگسي ولد پيارو خان مگسي جي گهر رشيد وگڻ لڳ ڳوٺ واحد بخش مگسي ۾ جنم ورتو.
- 11 ڊسمبر 1984ع تي سنڌي ادب جو خدمتگار محمد يعقوب "نياز" ڪراچي ۾ وفات ڪئي.
- 12 ڊسمبر 1923ع تي راز بلڙائي اصل نالو عبداللطيف راز ولد عبدالستار ڪوريجو ڳوٺ درويش تعلقي گهوڙا باري ضلعي ٺٽي ۾ ڄائو. ادبي سڃاڻپ شاعر ۽ نثر نويس اٿس.
- 13 ڊسمبر 1938ع تي شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ چترڪار فتاح هاليپوٽو شرجيل ولد (ڪرڙ خان هاليپوٽو) ضلعي نوابشاهه ۾ جنم ورتو.

- 13 ڊسمبر 1942ع تي سنڌ جو بلند پايہ عالم، اديب، صحافي ۽ سياسي رهنما حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ولد حڪيم حافظ غلام محي الدين عباسي وفات ڪئي.
- 13 ڊسمبر 1944ع تي سنڌ جو ناميارو سگهڙ ۽ شاعر محمد ملوڪ عباسي ولد محمد صالح عباسي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ موهن جو دڙو لڳ ڳوٺ محمد خان ڪلهوڙي ۾ ڄائو.
- 13 ڊسمبر 1985ع تي مشهور صحافي ۽ انقلابي اڳواڻ مولانا خير محمد نظاماڻي وفات ڪئي.
- 13 ڊسمبر 2008ع تي سنڌ جو نالي وارو شاعر تاجل بيوس وفات ڪئي.
- 14 ڊسمبر 1976ع تي نيڪ سيرت ۽ اعليٰ ڪڻن جو مالڪ انسان مولوي عبدالله اثر راهہ رباني وٺي ويو.
- 15 ڊسمبر 1931ع تي عالم دين مولانا دين محمد بنوي وفات ڪئي. مولانا دين محمد ذات جو چانديو هو ۽ هن جي جنم ڀومي تعلقو ميروخان آهي.
- 15 ڊسمبر 1927ع تي سماجي ورڪر فيض محمد ڪرل (فيض درياءُ) ولد علي مراد ڪرل ڳوٺ صاحب خان ڳوڙو تعلقي قنبر ۾ جنم ورتو.
- 15 ڊسمبر 1946ع تي سنڌي سنگيت جي سريلي گلوڪاره آمينہ، اصل نالو غلام زينب شاهہ ڌيءُ بخش شاهہ حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 15 ڊسمبر 1910ع تي مشهور شاعر ۽ اديب ضياءَ الدين ضياءَ ايس بلبل ولد شمس الدين بلبل ميهڙ تعلقي دادو ۾ پيدا ٿيو.
- 15 ڊسمبر 1976ع تي سنڌ جي انمول شخصيت مولانا غلام محمد گرامي راهہ رباني ورتي.
- 15 ڊسمبر 1925ع تي سنڌي ٻوليءَ جو سنو شاعر انور هالائي اصل نالو محمد شفيع ولد احمد خان ابڙو شيدا هالا ۾ ڄائو.
- 15 ڊسمبر 1961ع تي شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ مقالا نگار بدر ڏامراهو، ڏامراهہ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.
- 16 ڊسمبر 1917ع تي لوڪ ادب جو محافظ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڳوٺ جعفر خان لغاري تعلقو سنجهورو ضلعو سانگهڙ ۾ جنم ورتو. ادبي خدمتون تمام وسيع اٿس.
- 16 ڊسمبر 1923ع تي اي. جي اتم (آسن جيٺانند اتم چنداڻي) جنم ورتو. ادبي خدمتون، نقاد، محقق ڪهاڻيڪار ۽ مترجم اٿس.
- 16 ڊسمبر 1916ع تي سنڌي ٻوليءَ جو نثر نويس ديوان ڪوڙومل لوڪ پڌاريو.
- 16 ڊسمبر 1960ع تي مشهور صوفي شاعر ۽ بزرگ نصير فقير جلالاڻي وفات ڪئي.
- 16 ڊسمبر 1966ع تي صوفي منش ڀڳتي ۽ راڳي ڀڳت نارومل وفات ڪئي.
- 16 ڊسمبر 1951ع تي ون يونٽ مخالف تحريڪ ۾ جيل ياترا ڪندڙ پهرين عورت اختر بلوچ اصل نالو زرين اختر ٿنڌي ولي محمد حيدرآباد ۾ پيدا ٿي.
- 16 ڊسمبر 1997ع تي شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ بيباڪ صحافي ڊاڪٽر اياز قادري وفات ڪئي. آخري آرام گاهہ درگاهہ ميان محمد صالح قادري جي ويجهو آهي.
- 17 ڊسمبر 1984ع تي ڪامريڊ جمال الدين بخاري 84 سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي.

- 17 ڊسمبر 1924ع تي ارجن شاد، پٽ گوبند رام مير چنداڻي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. ادبي سجاڳ شاعر، پي ايچ ڊي جو موضوع "سنڌي غزل" هو جيڪا ڊگري بمبئي يونيورسٽي مان حاصل ڪئي.
- 17 ڊسمبر 1917ع تي شاعر، اديب ۽ صحافي قاضي عبدالحئي "قائل" ولد قاضي عبدالحق ضلعي جيڪب آباد جي شهر ٺل ۾ جنم ورتو.
- 17 ڊسمبر 1845ع تي سنڌي جو مشهور شاعر موهن فقير آهوجا ولد پريم داس تعلقي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ عاقل ۾ جنم ورتو.
- 18 ڊسمبر 1977ع تي مولوي محمد حسن پهوڙ راهه رباني وٺي وڃي ابدي آرامي ٿيو. سندس آخري آرام گاهه ڳوٺ عبدالواحد پهوڙ لڳ منگلان چاڙهي جي مقام ۾ آهي.
- 18 ڊسمبر 1909ع تي ماسٽر چندر پٽ آسن داس نارو شاهه ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ ۽ هند جو مهان ڪلاڪار ٿي گذريو آهي. ماسٽر چندر جو اصل نالو چاندومل ڏامواڻي هو.
- 18 ڊسمبر 2011ع تي چترڪار حفيظ الله ڪوهارو دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.
- 18 ڊسمبر 1973ع تي نوجوان شاعر پريتم قاضي اصل نالو سڪندر آفتاب قاضي آهي هي نوجوان خضر حيات جي گهر تعلقي رتيديري جي شهر نئين ديري ۾ پيدا ٿيو.
- 19 ڊسمبر 1828ع تي مير ڪرم خان ٽالپر وفات ڪئي. آخري آرام گاهه حيدرآباد ۾ اٿس. هيءَ پهريون ٽالپر حڪمران هو جيڪو حيدرآباد ۾ دفن ٿيو. پاڻ وڏو شاعر هو ڪرم تخلص هئس "ديوان ڪرم" جي نالي سان سندس فارسي غزلن جو مجموعو آهي.
- 19 ڊسمبر 1968ع تي بلند پايہ شاعر ۽ اديب لطف الله بدوي وفات ڪئي.
- 20 ڊسمبر 1970ع تي آزاد ابن سنڌ سندس اصل نالو مختيار احمد سومرو آهي گڏيجي شهر جي سومرا محلي ۾ جنم ورتو. سجاڳ شاعر ۽ استاد اٿس.
- 20 ڊسمبر 1945ع تي نالي وارو شاعر بلاول اوٺو ڳوٺ خانور اوٺا ۾ ڄائو.
- 20 ڊسمبر 1914ع تي حشو ڪيو لراماڻي جو پورو نالو حشمت ولد ٺهلرام ڪيولراماڻي پرياسٽي، ضلعي نوشهري فيروز ۾ جنم ورتو. ادبي سجاڳ سنڌ جو مکيہ ترقي پسند قومي ڪارڪن، اديب، ڪهاڻيڪار، عالم ۽ سنڌ جو فدائي.
- 20 ڊسمبر 1916ع تي سنڌ جي ناميارِي تعليمدان ۽ سماجي خدمتگار دادي ليلاوتي هر چنداڻي، هوتچند واڌواڻي جي گهر ۾ هيرآباد حيدرآباد ۾ جنم ورتو.
- 20 ڊسمبر 1935ع تي ناميارو اديب ۽ استاد پروفيسر ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ، ڳوٺ پناڻ، حسين آباد حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 20 ڊسمبر 1946ع تي شاعر فتاح عابد اصل نالو عبدالفتاح ولد عبدالڪريم گدائي لاشاري جيڪب آباد ۾ جنم ورتو.
- 20 ڊسمبر 1970ع تي شاعر رشيد احمد لاشاري وفات ڪئي.
- 20 ڊسمبر 1960ع تي شاعر عبدالجبار عبد ڳوٺ مريد سينار شڪارپور ۾ جنم ورتو.


- 21 ڊسمبر 1952ع تي سنڌو ماتري جي ماڳ مڪان ۽ قديم تاريخي ثقافتي ورثن بابت کوجنا ڪندڙ بدر ابڙو ولد جمال ابڙو لاڙڪاڻي شهر ۾ جنم ورتو.
- 21 ڊسمبر 2001ع تي امن جو عالمي ڏينهن طور ملهائڻ جو اعلان گڏيل قومون جي جنرل اسيمبلي منظور ڪيو، گڏيل قومن جي عالمي اداري جي 1981ع کان اها ڪوشش جاري هئي.
- 21 ڊسمبر 1940ع تي مشهور شاعر ۽ اديب ڪرم ٽالپر اصل نالو قادر بخش ولد عنايت علي ٽالپر ڳوٺ ٽالپر وڏا ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو.
- 21 ڊسمبر 1959ع تي مشهور ريڊيو پروڊيوسر ۽ سڃاڻ اديب، شاعر مختيار ملڪ اصل نانءُ مختيار حسين ولد شفيع محمد ملڪ خيرپور ميرس ۾ ڄائو.
- 21 ڊسمبر 1933ع تي ايڪتا (اخبار) هيءَ اخبار هفتيوار لاڙڪاڻي مان جاري ٿيندي هئي. جنهن جو ايڊيٽر قسمت راءِ ڇڳاڻي هو.
- 22 ڊسمبر 1933ع تي عالم اديب شاعر ڊاڪٽر نذير احمد جروار ولد عبدالله عرف جمعه خان جروار شهدادڪوٽ تعلقي جي ڳوٺ گل محمد جروار ۾ جنم ورتو.
- 22 ڊسمبر 1919ع تي شاعر مظفر حسين "جوش" ولد محمد حسين خيرپور ميرس ۾ جنم ورتو خيرپور ۾ هن جو والد صاحب ڪنهن خاص عهدي تي فائز هيو.
- 22 ڊسمبر 1986ع تي استار عبداللطيف ساقي لاهور ۾ وفات ڪئي.
- 23 ڊسمبر 1969ع تي سماجي ورڪر انيڪ خوبين جو مالڪ جاويد صبغت الله ولد صبغت الله مهر ضلعي شڪارپور شهر چڪ ۾ پيدا ٿيو.
- 23 ڊسمبر 1906ع تي نامور محقق ۽ تاريخدان اي بي آڏواڻي حيدرآباد ۾ ڄائو.
- 23 ڊسمبر 1845ع تي مشهور شاعر خواجہ غلام فريد جنم ورتو.
- 24 ڊسمبر 1994ع تي فن موسيقي جو ماهر ۽ شاعر استاد پيرل قنبر لاڏاڻو ڪيو.
- 24 ڊسمبر 1900ع تي ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل" ولد محمد يوسف شيخ ڪراچي ۾ جنم ورتو. ادبي سڃاڻپ شاعر،اديب، نقاد، محقق ۽ افسانہ نگار اٿس.
- 24 ڊسمبر 1915ع تي جڳ مشهور قانوندان، معروف فلسفي، مشهور اديب ۽ مقرر اي ڪي بروهي، اصل نالو الله بخش ولد ڪريم بخش بروهي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو.
- 24 ڊسمبر 1993ع تي تر جو عظيم دانشور معمور يوسفاڻي لاڏاڻو ڪيو.
- 24 ڊسمبر 1952ع تي سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو اديب، نقاد، تاريخ نويس پروفيسر منگارام ملڪاڻي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو.
- 24 ڊسمبر 1952ع تي سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو اديب، استاد ۽ محقق ٻلديو مٽلاڻي لاڙڪاڻي ۾ ٻختراءِ مٽلائي جي گهر ۾ جنم ورتو.
- 25 ڊسمبر 1876ع تي قائد اعظم محمد علي جناح ولد جناح پونجاه، ٺٽي ضلعي جهرڪ شهر ۾ جنم ورتو. بعد ۾ سرڪاري حلقن سندس جنم يومي ڪراچيءَ کي قرار ڏنو.
- 25 ڊسمبر 1925ع تي آبپاشي جو ماهر ۽ نثر نويس ايم-ايچ پنهور، مڪمل نالو محمد حسين ولد حاجي خان پهنور ڳوٺ ابراهيم پنهور ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو.

- 25 ڊسمبر 1935ع تي درديلو شاعر ۽ رياست خيرپور جو ناميارو والي مير علي نواز ناز وفات ڪئي آخري آرام گاهه ڪربلا معليٰ ۾ اٿس.
- 25 ڊسمبر 1962ع تي مشهور قومپرست اڳواڻ ڊاڪٽر قادر مگسي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو.
- 25 ڊسمبر 1931ع تي سياسي اثر رسوخ رکندڙ شخص سردار واحد بخش خان ڀٽو قوهه جواني ۾ لاڏاڻو ڪيو.
- 25 ڊسمبر 1956ع تي سنڌ جو مزاحمتي شاعر ۽ صحافي ڊاڪٽر آڪاش انصاري اصل نالو الهه بخش انصاري ڳوٺ ابل جي وسيءَ بدين ۾ ڄائو.
- 25 ڊسمبر 1964ع تي شاعر ۽ نثر نگار انور ڏنگڙائي اصل نالو انور علي ابڙو ڏنگڙي لڳ موهين جو دڙو ۾ پيدا ٿيو.
- 25 ڊسمبر 1872ع تي چانڊيا قبيلي جو سردار نواب غيبي خان چانڊيي جو اصل نالو علي نواز خان ولد سردار محمد خان چانڊيو، ڳوٺ غيبي ديري (تعلقي ۽ ضلعي قنبر شهدادڪوٽ) ۾ جنم ورتو.
- 25 ڊسمبر 2004ع تي نامور استاد، شاعر ۽ سگهڙ حافظ محمد بخش خاصخيلي وفات ڪئي.
- 25 ڊسمبر 1968ع تي نئين ٽهيءَ جي ليکڪ، ترجمي نگار حبيب ساجد جو پورو نالو حبيب الله ولد رحمت الله بليدي، ڳوٺ گل محمد بلوچ، ضلعي خيرپور ۾ جنم ٿيو.
- 26 ڊسمبر 1955ع تي سنڌ جو يگانو شاعر حافظ حيات شاهه حيدرآباد ۾ لاڏاڻو ڪيو.
- 26 ڊسمبر 1997ع تي جيجي ڊاڪٽر در شهوار سيد وفات ڪئي. جيجي درشهوار سيد جون سنڌي ادب ۽ قوم لاءِ تمام گهڻيون خدمتون آهن. آخري آرام گاهه سن ۾ اٿس.
- 27 ڊسمبر 1917ع تي شاعر اختر هالائي اصل نالو خليفو محمد عمر ولد حاجي عبدالرحمان ميمڻ هالا نوان ۾ پيدا ٿيو.
- 27 ڊسمبر 1996ع تي سنڌ جو امر آواز سرمد سنڌي هڪ روڊ حادثي ۾ 35 سالن جي عمر ۾ راهه رباني وٺي ويو.
- 27 ڊسمبر 1953ع تي نثر نويس ۽ شاعر مخدوم محمد صالح ڀٽي پراڻن هالن ۾ وفات ڪئي.
- 27 ڊسمبر 2007ع تي ملڪ جي اڳوٽي وزير اعظم محترمه بينظير ڀٽو کي راولپنڊي ۾ شهيد ڪيو ويو. آخري آرام گاهه ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ اٿس.
- 28 ڊسمبر 1951ع تي پاڪستان نهڻ کان پوءِ سنڌ ۾ پهريون پيرو گورنر راڄ فافذ ڪيو ويو.
- 28 ڊسمبر 1984ع تي سنڌ ۽ سيد سان عشق ڪندڙ بشير خان قريشيءَ شادي ڪئي.
- 28 ڊسمبر 1975ع تي ڪهنه مشق شاعر ۽ نهايت خوش مزاج ۽ ڪلمڪ انسان شهنشاهه هالائي وفات ڪئي.
- 28 ڊسمبر 1970ع تي سنڌ جو با اثر زميندار غلام محمد وساڻ وفات ڪئي.
- 28 ڊسمبر 1962ع تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي موجوده نشريات جو آغاز ٿيو.
- 28 ڊسمبر 1924ع تي اوچي معياري ليکڪا اتمچنداڻي سنڌري حيدرآباد سنڌ ۾ جنم ورتو.
- 28 ڊسمبر 1928ع تي اديب ۽ استاد خالد ٽالپر جو اصل نالو مولوي محمد صديق ٽالپر ٽنڊي ڄام، ضلعي حيدرآباد ۾ جنم ورتو.

- 28 ڊسمبر 1936ع تي شاعر سائل آزاد اصل نالو بابو غلام حسين ولد الله بچايو ڊکڻ ۾ جنم ورتو.
- 28 ڊسمبر 1997ع تي برصغير جو بلڪ دنيا جو مهان ڪوي شاعر شيخ اياز اُسر ويل 4 وڳي ڌاري ميڊ ايسٽ اسپتال ڪراچي ۾ دم ڌٽيءَ حوالي ڪيو آخري آرام گاهه ڪراڙيڊنڊ جي ڪپ تي ڀٽائي گهوٽ جي پاڙي ۾ اٿس.
- 29 ڊسمبر 1999ع تي بشير خان قريشي 11 مهيان 12 ڏينهن قيد ڪاٽي حيدرآباد سينٽرل جيل مان آزاد ٿيو.
- 29 ڊسمبر 1937ع تي بهترين گلوڪاره، ليکڪا، اداڪاره ۽ صداڪاره زرينہ بلوچ ڌي محمد موسيٰ بلوچ ڳوٺ الهداد چنڊ حيدرآباد ۾ پيدا ٿي. سندس اصل نالو آمنہ هو. سنڌ جا ماڻهو جيجي جي لقب سان سڏيندا هئس.
- 30 ڊسمبر 1920ع تي سنڌ جو مايہ ناز اديب، شاعر، عالم، صحافي ۽ دانشور مولانا غلام محمد گرامي ولد جاڙو خان لغاري ميهڙ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو.
- 31 ڊسمبر 1980ع تي نوجوان شاعر همراز علي فقير اصل نالو (امتياز حسين) والد جو نالو خدابخش مگڻهار سندس جنم سوڀوديرو شهر ۾ ٿيو.
- 31 ڊسمبر 1982ع تي نامور زميندار، اديب، موسيقيءَ ۽ ثقافت جي عاشق رئيس ڪريم بخش نظاماڻي وفات ڪئي. رئيس ڪريم بخش نظاماڻي 1909ع ڌاري ماتلي ضلعي بدين ۾ جنم ورتو هو.
- 31 ڊسمبر 1919ع تي مشهور اديب، لوڪ ادب جو پارکو ۽ لسانيات جو ماهر ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ولد سهراب خان سنديلو ڳوٺ محراب خان سنديلو تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جائو.

# مددي ڪتاب


- انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (نگران اعليٰ) پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين - سنڌ لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد سنڌ 6 جلد.
- سنڌي ادب تي هڪ نظر - مختيار احمد ملاح (مڪتبہ فريد ڪراچي)
- سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽري - مرتب: ڊاڪٽر خواجہ غلام علي الانا (انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ نيورسٽي).
- قلمڪار ڪوي - مرتب: فقير محمد سنڌي، جي ايم رئيساڻي (قلمڪار پبليڪيشن لاڙڪاڻو 2009).
- ڪير ٽر تي صبح - سهيڙ: سعيد سومرو (ڪنول پبليڪيشن ڪنڀر 2009).
- ماهوار ادب پبليڪيشن - جا مختلف پرچا.
- قانون اسان لاءِ - امتياز احمد شاهاڻي (قلمڪار پبليڪيشن لاڙڪاڻہ 2009).
- وقت جي واڪاڻ - جي ايم رئيساڻي (قلمڪار پبليڪيشن لاڙڪاڻو 2010).
- مارو جي ملير جا - مرتب: خادم حسين چانڊيو (گنج بخش ڪتاب گهر حيدرآباد سنڌ 2004-2005).
- لاڙڪاڻو امر شخصيتون - عبدالستار پيٽي (لاڙڪاڻو ريسرچ اڪيڊمي 2000ع).
- سوڀي ديري جا ڏات ڌڻي- خاوند ڏنو لاڙڪ (سنڌي ادبي شاخ سوڀوديرو 2009).
- ڪوزي منجهہ سمنڊ - سهيڙ: جاويد علي (گنج بخش ڪتاب گهر حيدرآباد).
- امرتا: ماهوار حيدرآباد جا مختلف پرچا.
- نئين زندگي: ماهوار حيدرآباد جا مختلف پرچا.
- روزاني ڪاوش: حيدرآباد جا مختلف پرچا.
- روزاني شام: حيدرآباد جا مختلف پرچا.
- روزاني عوامي آواز: جا مختلف پرچا.
- روزاني سوڀ: جا مختلف پرچا.
- ٽماهي مهراڻ: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ، مختلف پرچا.
- مهراڻ شاعر نمبر: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو (1990)
- مهراڻ سوانح نمبر: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، حيدرآباد (1990)
- شاهہ جو رسالو: ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهہ حيدرآباد سنڌ (1985).


ساھہ ۾ سانڍيو رکڻ جهڙو ڪتاب
سنڌ جي تاريخ (سهيڙيل تاريخ وار) فقير محمد سنڌي
عزيز قاسمائي